تنهن پاڙيءَ پُنا ڏينهڙا

# رياست جو بحران ۽ سنڌ جو قومي سوال

## جامي چانڊيو

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: مير اشفاق احمد ٽالپر

وائيس آف سنڌ اي بُڪ پبلشر

www.voiceofsindh.net | voiceofsindh12@yahoo.com

Contact: 0332-3895458

## ارپنا

سنڌ سان عشق ڪندڙ ۽ هڪ نئين سنڌ جا خواب ڏسندڙ دوست ياسر ڪاڇيلي جي نالي، جيڪو اسان کان موڪلائي ڌرتي ماءُ جي ازلي هنج ۾ ابدي ننڊ وڃي سُتو.

—— جامي چانڊيو

متو آهين مَچَ، ٿُلها ته ٿُونهان هَٽين،
تو جا پائين اَچ، تنهن پاڙيءَ پُنا ڏِينهڙا
( لطيف )

# اڄ آڳڙيا آيا، سائُو ڪي سڄاڻ!

اسان وٽ عام طور تي اهو تصور ڪيو ويو آهي ته عوام ۽ قومن سان لاڳاپيل اجتماعي سوچ، مفادن، حقن ۽ جدوجهدن جو ڪم فقط سياسي پارٽين ۽ سياستدانن جو آهي. باقي سڄو معاشرو انهن سڀني ذميوارين کان آجو آهي. نه رڳو اهو پر اهو پروفيشنلزم، غيرجانبداريءَ، گهرداريءَ ۽ ڪم سان ڪم رکڻ جي بهاني پاڻ کي مطمئن ۽ خوش رکندو رهي ٿو. ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته عوام کي خوشحالي، برابري ۽ انصاف مهيا ڪرڻ ۾ بنيادي ڪردار سياسي اڳواڻن ۽ سياسي پارٽين جو هوندو آهي. پر معاشري ۾ رهندڙ مختلف فردن ۽ ادارن جي پڻ اها بنيادي قومي ۽ اخلاقي ذميواري آهي ته اُهي عوام جي مفادن پٺاندڙ هلندڙ قومي عوامي ۽ جمهوري جدوجهد جو گهڻ ـ طرفو ساٿ ڏين. اهي اخلاقي، عملي، معاشي ۽ شعوري خدمتن سان عوام جي حقن لاءِ ڪوشش ۽ جدوجهدن جو حصو بڻجي، ان کي سگهه بخشين.

جيڪو ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي، آئون سمجهان ٿو ته هڪڙي وڏي عرصي کان پوءِ سنڌيءَ ۾ ايترو نرالو، فڪر انگيز، مستقبل جا سياسي گس چِٽا ڪندڙ ۽ سياسي پارٽين لاءِ راهون ۽ رايا هموار ڪندڙ خيالن جو مجموعو آهي. جنهن ۾ ماضيءَ ۽ حال جي تجربن جو گهرائيءَ سان ادراڪ ۽ مشاهدو ڪندي، مستقبل جي خدشن، امڪاني نقصانن ۽ اُميد ڀري جدوجهد جو نه صرف گهرائي سان تجزيو ڪيو ويو آهي بلڪ ان ۾ قومي، عوامي مفادن جي بچاءُ جا به رستا واضح ڪيا ويا آهن.

جامي چانڊيي جن موضوعن جي چونڊ هن ڪتاب ۾ ڪئي آهي، ان جي افاديت ۽ اهميت ايندڙ وقت ۾ سالن تائين اجان وڌندڙ نظر اچي ٿي. جامي صاحب پنهنجي تجربي، مشاهدي ۽ مطالعي جي لحاظ کان هن وقت نوجوان ٿهيءَ ۾ صفِ اول جو دانشور ۽ ليکڪ آهي. مون هن کان تمام گهڻو سکيو آهي. ساڻس گڏجاڻين ۾ اڪثر فلسفي، سائنس، تاريخ، عظيم شخصيتن، بين الاقوامي ۽ قومي سياست تي بحث مباحثا ٿيندا رهندا آهن. پاڻ هميشه خلوص، قرب ۽ شائستگيءَ سان ڪچهرين کي مچائيندو آهي. مون ڪين ڪڏهن به بحث ۾ اختلاف رکڻ دوران اجايو جذباتي ٿيندي نه ڏٺو آهي ۽ هميشه ڪيس لڪٽين توڙي ڪچهرين ۾ صاف ۽ مثبت سوچ سان سچ ۽ ساڃاهه جي ترجماني ڪندي محسوس ڪيو آهي. جامي نه رڳو ادب، صحافت، فلسفي، تاريخ ۽ سياست تي عملي عبور رکندڙ آهي. پر پاڻ سياسي جدوجهدن ۾ به عملي طور سرگرم رهيو آهي.

سندس شائستگي، فهم، ساجهه، مثبت سوچ ۽ عمل اسان نوجوانن لاءِ سدائين اُتساهه جو سبب رهيو آهي. سندس ڪچهريءَ ۾ مايوسي، بي يقيني، خودقياسي ۽ فراريت جي ڪڏهن به گنجائش نه رهي آهي. جامي صاحب جي قومي ۽ عوامي مفادن سان ڪمٽمينٽ ۽ ايمانداري سندس لکڻين توڙي عمل ۾ واضح رهي آهي. خاص طور تي ايم ڪيو ايم تي لکيل سندس تازي ڪتاب ۽ هُن ڪتاب ۾ هُن دليريءَ ۽ ڏاهپ جو تسلسل قائم رکيو آهي.

هڪ طرف سنڌ ۾ سياسي جدوجهدن جو چاڙهه آهي، ته ٻي طرف بلوچستان ۾ عوام ۽ اسٽيبلشمينٽ جي سڌي ٽڪراءُ جو منظر سيني اڳيان چٽو ٿي بيٺو آهي. ان سڀني صورتحال ۾ پنهنجي باضمير قلم جي پختگيءَ سان سنجيده ۽ فڪر انگيز موضوعن تي نهايت سادي ۽ عوامي ٻوليءَ ۾ لکيل هي ڪتاب قوم ۽ عوام دشمن قوتن تي سنڌ جي شعور جو هڪ زبردست وار ۽ قومي بقا جي جدوجهد جي راه تي هلندڙ ساٿين لاءِ هڪ مشعل ثابت ٿيندو.

عامر رضا ميمڻ

"O Liberty, how many crimes are committed in they name!"

---- Mad Roland

# پاڪستان ڪهڙي منطقي انجام ڏانهن

# وڏي رهيو آهي؟

پاڪستان ڏکڻ ايشيا جو هڪ ملڪ ئي نہ پر ملڪ اندر توڙي هن خطي جي سياسي معاملن ۾ دلچسپي رکندڙ شاگردن، اسڪالرن، سياسي ڪارڪنن، دانشورن توڙي عوام لاءِ هڪ نهايت دلچسپ ۽ پيچيده موضوع بہ آهي. پاڪستان جو وجود ۾ اچڻ صحيح هو يا غلط، ان تي ڪابہ هڪ راءِ موجود ناهي پر هڪڙي حقيقت بلڪل واضح آهي تہ اهو برطانوي شهنشاهيت جي زوال جي آخري ڏينهن ۾ نندي ڪنڊ جي مخصوص ۽ پيچيده سياسي حالتن جي جبر جي پيداوار هو. ويجهي ماضيءَ ۾ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ جي محرڪن ۽ ان جي گذريل ڇهن ڏهاڪن جي تاريخ تي تمام گهڻو لکيو ۽ ڳالهايو ويو آهي. پاڪستان جي قيام توڙي ان جي سياسي تاريخ جا اصل ماخذ (Original Sources) بہ گهڻي ڀاڱي گذريل پندرنهن سالن کان منظر تي اچڻ شروع ٿيا آهن، جنهن سبب تمام گهڻا بنيادي نوعيت جا بحث مباحثا وري جنم وٺڻ لڳا آهن.

پاڪستان ڪي بطور رياست جي سمجهڻ جي اهميت تاريخ ۽ سياست جي شاگردن ۽ دانشورن لاءِ علمي نوعيت جي آهي پر سنڌ توڙي ملڪ جي مظلوم قومن جي عوام لاءِ تہ اهو هڪ قومي فرض آهي. پاڪستان جي رياست جو موجوده ڍانچو ۽ ڪردار اڄ بہ پنجابي ــــ پناهگير، مستقل مفاد، ان جي اسٽيبلشمينٽ ۽ مخصوص ڦورو مفاد رکندڙ قوتن لاءِ تہ جنت کان گهٽ نہ آهي. ٻئي طرف ملڪ جي مظلوم قومن جو عوام ڏينهون ڏينهن هن ملڪ ۾ پنهنجي آئيندي کان مايوس ٿي، متبادل رستن بابت سنجيدگيءَ سان سوچي رهيو آهي. ٽئين طرف گهڻي وقت کان اهي بہ بحث ”متين“ سطح تي هلندڙ آهن تہ شايد نئين صديءَ جي نئين سر علائقائي ۽ عالمي جوڙجڪ ۾ هي ملڪ پنهنجو وجود برقرار رکي نہ سگهي ۽ ظاهر آهي تہ اهڙيءَ حالت ۾ ان جي ذميواري پس و پيش هن ملڪ جي مظلوم قومن ۽ عوام تي نہ پر حڪمران طبقي ۽ اسٽيبلشمينٽ تي پوندي.

اچو تہ پاڪستان جي رياست سان لاڳاپيل ڪجهہ بنيادي سوالن تي هڪ نظر وجهون

## 1. ڇا پاڪستان هڪ آزاد رياست آهي؟

چيو ويندو آهي تہ پاڪستان 1947ع ۾ آزاد ٿيو. حقيقت ۾ گهرائيءَ ۽ حقيقت پسنديءَ سان ڏٺو وڃي تہ اهو هڪ هوائي مفروضو آهي. 1947ع ۾ نندي ڪنڊ جو ورهاڱو ٿيو هو ۽ پاڪستان نالي هڪ

رياست بہ وجود ۾ آئي هئي پر ڪنهن طور بہ اهو چئي نٿو سگهجي تہ اها رياست حقيقي معنىٰ ۾ آزاد ۽ خودمختيار بہ هئي. پاڪستان بابت آمريڪا جي ڳجهن دستاويزن جي اصلوڪي رڪارڊ تي مشتمل ڪتاب ”The American Papers“ جي اپياس مان ۽ هوندئن بہ ملڪ جي سموري تاريخ جي واضح رڪارڊ مان اها ڳالهہ ثابت ٿي چڪي آهي تہ پاڪستان پنهنجي قيام شرط برطانوي سامراجي هٿن مان نڪري آمريڪي سامراجي هٿن ۾ هليو ويو. ائين چوڻ ۾ بہ ڪو واڌاءُ نہ آهي تہ لياقت علي خان عملي طرح وجي ملڪ جي خودمختياريءَ کي آمريڪا وٽ وڪڻي آيو. ملڪ جي ٺهڻ شرط هڪ نڳن جو ٽولو ملڪ جو والي ۽ مالڪ بڻجي ويهي رهيو. تنهن کي سائين جي ايم سيد کان وٺي رسول بخش پليجي تائين سنڌ جا دانشور ۽ اڳواڻ پنهنجين لکڻين ۾ ”پنجابي ـــ پناهگير مستقل مفاد“ ڪوٺيندا رهيا آهن. پرڏيهي پاليسي تہ ٺهيو پر خود ملڪ جي گهرو پاليسن توڙي معشيت بابت فيصلن لاءِ پاڪستان کي بطور هڪ ملڪ ۽ رياست جي عملي طور ڪوبہ اختيار نہ آهي. اها ڳالهہ هاڻي ڪوبہ راز نہ رهي آهي تہ هن ملڪ جا سمورا بنيادي سياسي، معاشي ۽ سفارتي فيصلا واشگٽن جي وائيٽ هائوس يا پينٽاگون ۾ ٿين ٿا. ٻي مهاڀاري جنگ ڪانپوءِ دنيا ۾ قائم ٿيل نئين بينڪيتي راڄ جو سڀني کان مناسب ۽ بدترين مثال پاڪستان جي رياست آهي، جنهن کي هڪ مجرم ۽ لليچائي حڪمران طبقي ۽ اسٽيبلشمينٽ پنهنجن مخصوص گروهي مفادن تحت عملي طور تي عالمي سامراج وٽ وڪڻي ڇڏيو آهي.

اڄو تہ ڏسون تہ هيستائين نئين بينڪيتي راڄ ۾ آمريڪا طرفان پاڪستان کان ڪهڙا ڪهڙا ڪم ورتا ويا آهن؟ ڇاڪاڻ تہ جيستائين انهن نتيجن کي گهرائيءَ سان نہ ڏسبو تيستائين نہ تہ هن ملڪ جي ماضيءَ کي سمجهي سگهبو ۽ نہ وري حال ۽ آئيندي جي امڪانن جو ادراڪ ڪري سگهبو.

# هن خطي ۾ آمريڪي مفادن جي بچاءُ جو اسٽريٽجڪ هٿيار:

دراصل ملڪ جي حڪمران طبقي پاڪستان کي عملي طور هن خطي ۾ آمريڪي سامراجي مفادن جي هڪ اسٽريٽجڪ هٿيار ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. نئين بينڪيتي راڄ (Neo- Colonial system/ Neo- Rule) ۾ سامراج کي مختلف خطن ۾ مختلف ملڪن جي صورت ۾ پنهنجن اسٽريٽجڪ هٿيارن (Strategic Weapons) جي گهرج محسوس ٿي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ هر جاءِ تي فوجون وٺي، ڪاهون ڪري ملڪ فتح ڪري اُتي پنهنجو سڌو راڄ قائم ڪرڻ ممڪن نہ هو ۽ آهي. تازو عراق جو مثال اسانجي سامهون آهي. نئين بينڪيتي راڄ ۾ سامراجي حڪمت عملي اها هئي تہ مختلف خطن ۾ اهڙن ملڪن تي ”هٿ“ رکيو وڃي، جن جي سياسي، جاگرافيائي يا معاشي ۽ سفارتي لحاظ کان اهميت بہ هجي ۽ جن جي حڪمران طبقي کي خريد ڪري، انهن کي عملي طور تي پنهنجي ڪالوني ۽ پنهنجي مخصوص ڦورو مفادن جي بچاءُ جي اسٽريجٽڪ هٿيار ۾ تبديل ڪيو وڃي. ڏکڻ ايشيا توڙي هن سڄي خطي ۾ پاڪستان ان نڳيءَ جي ناهہ جو بدترين مثال آهي. اصل ۾ هن ملڪ جي ضرورت سنڌ جهڙن ننڍين صوبن ۽ قومن کي هئي جن کي بمبئي سرڪار سان گڏ رهڻ ۽ هندو اڪثريتي آباديءَ جي نام

نهاد سيڪيولر پر حقيقت ۾ سخت معتصب سوچ جو نهايت تلخ تجربو هو. 1940ع ۾ جڏهن ڪين اهو آسرو ڏنو ويو ته نئين نهندڙ ملڪ ۾ هو خودمختيار رياستن جي صورت ۾ هوندا ته هنن ان کي ننڍي ڪنڌ جي بدلجندڙ حالتن ۾ جڻ ته پنهنجي نجات، سلامتيءَ ۽ ترقيءَ جو ذريعو سمجهيو. علامہ اقبال جي 29 سيمپٽمبر 1930ع واري الهه آباد واري فارمولي جي رد ٿيڻ کان پوءِ پنجاب کي عملي طور نئين ملڪ ۾ ايڏي دلچسپي ڪونہ رهي هئي ۽ آباديءَ جي لڏپلاڻ سبب هن ملڪ ۾ پناهگير نوابن جي مفاد جو سوال ئي نہ هو. جڏهن تہ عملي طور سڄي ڳالهه ابتي ٿي ۽ ملڪ نهڻ شرط پنجابي پناهگير مستقل مفاد هن ملڪ تي قابض ٿي ويو. ان ۾ سول بيرو ڪريسي سڄي يو پي ۽ سي پيءَ مان آيل اوپرن ماڻهن تي مشتمل هئي تہ وري فوج جي قطعي گهڻائيءَ جو تعلق پنجاب سان هو. اهي ڌاريا (Alien) مفاد هنن ملڪ جي اڇي ڪاري جا مالڪ ٿي ويا. يعني جيئن ڪنهن شاعر چيو آهي تہ:

”منزل ان کو ملي جو شريڪ سفر نہ تهي

بنگال جنهن کي شامل ئي ان لاءِ ڪيو ويو هو تہ جيئن ملڪ ۾ طاقت جو توازن برقرار رهي ۽ پاڪستان اقبال جي تصور وارو ملڪ نہ ٿي وڃي، جيڪو دراصل گريٽر پنجاب جو خاڪو هو. جنهن ۾ سنڌ، بلوچستان ۽ پشتون خواہ کي پنجاب ۾ ضم ڪرڻ جو تصور ڏنو ويو هو. پر بنگال کي اڪثريت هئڻ اها گهربل حيثيت نہ ڏني ويئي ۽ نيٺ ان گروهہ ئي ملڪ تي عملي طور قبضو ڪري ورتو، جنهن جون ملڪ جي قيام پُنيان ڦورو نيتون ۽ سازشون تہ هيون پر گڏيل جائز مفادن جي سلامتيءَ لاءِ ڪي بہ آدرش نہ هئا. ان ڪري ان ”نڳيءَ جي ناهہ“ جي نمائينده ڦورو طبقي کي ملڪ جي خودمختياري آمريڪا کي وڪڻڻ ۾ ڪابہ هٻڪ نہ ٿي، ماڳهين سندن ڏهہ ئي آڱريون گيهہ ۾ پيون. ڪين معلوم هو تہ هڪ خودمختيار ۽ عوام جمهوري رياست يا ملڪ ۾ سندن ناجائز مفاد گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪري سگهندا. موقعي پرستيءَ جي حوالي سان وٽن هڪ ئي رستو بچيل هو تہ هو ملڪ جي خودمختياريءَ کي عالمي سامراج وٽ وڪڻي، پاڻ هتي ان جا دادلا ۽ عوام دشمن دلال ٿي ويهن، ۽ هنن ائين ئي ڪيو. پاڪستان طرفان هر دور ۾ هن خطي ۾ سامراجي مفادن جي بچاءُ لاءِ هر قيمت تي هڪ اسٽريٽجڪ هٿيار طور استعمال ٿيڻ جو اصل سبب اهو آهي.

# اسلامي دنيا جي نام نهاد نمائندگي:

ڪوبہ سامراجي يا ڦورو نظام سازشن، سازشي ڄارن ۽ شيطاني حڪمت عملين کانسواءِ نہ تہ هلي سگهي ٿو ۽ نہ جٽاءُ ڪري سگهي ٿو. نڳيءَ جو ناهہ جيترو وڏو ۽ وسيع هوندو ان کي ٽڪسات بہ اوترا ۽ هر سطح جا ڪرٽا پون ٿا. ٽين دنيا جو وڏو حصو انهن ملڪن تي مشتمل آهي جتي اڪثريت

مسلمان عوام جي آهي. ان ڪري ظاهر آهي تہ بغاوتن، تبديلين ۽ مزاحمتن جا محرڪ بہ گهڻي ڀاڱي اُتي ئي آهن ۽ ٿي سگهن ٿا. سامراج نہ رڳو لڳ ڀڳ سموري اسلامي دنيا جي عوام کي جاهل بادشاهن ۽ مدي خارج سماجي ۽ سياسي نظامن وسيلي عملي طور يرغمال بڻائي ڇڏيو آهي پر شعوري طور عالمي سطح تي ان جي نمائندگي بہ ڪوڙي ۽ بوگس تيار ڪرڻ جو عالمي ڪوششون پئي ڪيون آهن. ان حوالي سان بہ پاڪستان هڪ دلچسپ مثال آهي. گذريل ڪيترن ڏهاڪن کان پاڪستان جو اهڙو ڪردار اُڀارڻ جو ڪوبہ موقعو هٿان نہ وڃايو ويو آهي. ٻيو تہ تهيو پر خود جهاد جي نالي ۾ اسلامي ويڙهاڪن جو اڏو بہ پاڪستان کي بڻايو ويو تہ جيئن هڪ طرف اُهي پاڪستان معرفت ڪڏهن سڌيءَ تہ ڪڏهن اڻ سڌيءَ طرح آمريڪا جي مفاد لاءِ ڪم ڪن تہ ٻئي طرف جيئن اهڙو انتظام ڪجي جو سياڻي مسلمان عوام منجهان ڪا حقيقي عالمگير، ترقي پسند ۽ روشن خيال مزاحمتي تحريڪ نہ اُڀري، جيڪا اسلامي ملڪن ۾ هڪ طرف مدي خارج نظامن ۽ جاهل بادشاهن جي حاڪميت کي دفن ڪري ڇڏي تہ ٻئي طرف سامراجي مفادن لاءِ ذرتي ٿامون ڪري ڇڏي. پاڪستان جي هڪ ”وڏي“ اسلامي ملڪ ۽ طاقت هجڻ جو راز بہ اهو آهي. رڳو تصور ڪجي تہ جي گذريل ڇهن ڏهاڪن کان پاڪستان جو اهو سامراجي ٻيجهو رياستي ڪردار نہ هجي ها تہ ڇا اسلامي دنيا ۽ خود پاڪستان اندر وڏيون عوامي مزاحمتي تحريڪون نہ اُڀرن ها؟

## پاڪ ـ پارت تڪرار جا روحاني راز؟

پارت ۽ پاڪستان جو پاڻ ۾ تڪرار بہ ويجهي تاريخ جو هڪ نهايت دلچسپ موضوع آهي. پر ان جا محرڪ ۽ سبب رڳو اُهي نہ آهن جيڪي ظاهري طور تي نظر اچن ٿا يا ٻنهي طرفن کان پيش ٿيندا رهيا آهن. هڪ ئي خطي جي ڪُک مان ڄايل ٻن رياستن جو تڪرار هڪ حد تائين تہ فطري بہ ٿئي ٿو ۽ هوندو بہ آهي پر ان تڪرار جا محرڪ رڳو اهي ۽ ايترا يا مقامي بہ نہ آهن. ڇاڪاڻ تہ هن جديد دور ۾ ملڪن جون گهرو يا پرڏيهي پاليسيون رڳو مقامي محرڪن يا مفادن تي نهي سگهن بہ نٿيون، ان ۾ ڏيهي توڙي علائقائي ۽ عالمي فيڪٽرس جو عمل دخل هوئڻ بہ اچي وڃي ٿو.

اصل ۾ ورهاڱي کان پوءِ ٻئي ملڪ يعني پارت ۽ پاڪستان ٻن متضاد عالمي ڪيمپن ۾ هليا ويا. يعني پارت روس طرف تہ پاڪستان آمريڪا وٽ. ان ڪري روس رڳو هن خطي ۾ پارت جي سياسي، سفارتي ۽ معاشي مدد ئي نہ پئي ڪئي پر ان پاڪستان بابت بہ پاليسيون ۽ حڪمت عمليون پئي ناهيون ڇاڪاڻ تہ ڪيس خبر هئي تہ پاڪستان آمريڪا جي ڪيمپ ۾ هئڻ ڪري نہ رڳو سندس اتحادي ملڪ پارت پر پس و پيش سندس خلاف بہ استعمال ٿي سگهيو ٿي ( جيڪو بعد ۾ افغانستان جي حوالي سان ٿيو بہ) . ساڳيءَ طرح آمريڪا بہ رڳو پاڪستان کي نہ پئي پاليو ۽ پنهنجن مفادن لاءِ استعمال ڪيو پر ان پارت بابت بہ ڳجهيون توڙي ظاهري حڪمت عمليون پئي ناهيون. ڇاڪاڻ تہ پارت رڳو هن خطي ۾ سندس ٻيجهو ملڪ لاءِ ئي خطري جو باعث نہ هو پر اهو سندس عالمي دشمن روس جو بہ اتحادي هو. ان ڪري پارت ۽ پاڪستان جي تڪرار کي رڳو مقامي محرڪن جي تناظر ۾ ڏسڻ ٻاراڻي ڳالهہ ٿيندي. حقيقت ۾ ائين آهي بہ ڪونہ. پارت ۽ پاڪستان جي تڪرار جا ٽي بنيادي سبب رهيا آهن.

(الف) ڀارت ۾ پاڪستان جو تڪرار ٻنهي ملڪن جي فوج کي Suit ڪري ٿو. ٻنهي ملڪن جي فوج پنهنجي ملڪن جي عوام جي پيداوار جو وڏو حصو ان تڪرار جي بهاني کڻي ٿي. جي اهو تڪرار نه هجي ته پوءِ ٻنهي ملڪن کي ايڏي وڏي فوج ۾ ان تي ايترو اجايو خرچ ڪرڻ جي ڪابه ضرورت پيش نه ٿي رهي. ان ڪري ٻنهي ڌرين هميشهه اندر ئي اندر ان تضاد ۾ تڪرار کي مختلف صورتن ۾ زندهه رکڻ چاهيو آهي ۾ ان لاءِ ”سازگار“ حالتون پئي ٺاهيون آهن. ان موضوع تي تمام گهڻو مواد ٻنهي ملڪن اندر توڙي عالمي سطح تي لکجي به چڪو آهي.

تازو انڊيا مان هڪ تحقيقي ڪتاب ”The Cost of Conflict“ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي، جنهن جو مهاڳ اياز نائڪ لکيو آهي. ان ڪتاب ۾ به تفصيلي انگ اکر ڏنا ويا آهن ته ڪئين نه ان تڪرار جي نالي ۾ بهاني سان ٻنهي ملڪن جي غريب عوام کي لٽيو ۾ ڦريو ويو آهي.

(ب) ڀارت ۾ پاڪستان جي تڪرار جو ٻيو اهم محرڪ ۾ سبب خود ٻنهي ملڪن جي حوالي سان چين جا مخصوص مفاد آهن. جيتوڻيڪ سڌيءَ ريت چين ڪڏهن به اهڙو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي، جو چيني ڊپلوميسيءَ جا بادشاهه آهن پر پردي پويان ان جو بنيادي ۾ اهم ڪردار رهيو آهي. چين جا ڀارت سان جاگرافيائي توڙي معاشي مفادن جا تڪرار رهيا آهن ۾ بدستور اڃ به آهن پر چين سڌيءَ طرح ڀارت سان ٻنهه اڳرائيءَ ۾ مهم جوئيءَ جي حد تائين وڏي اُلجهڻ کي ڪڏهن به پنهنجن ڊگهي مدي وارن مفادن لاءِ موزون نه سمجهيو. چين ان مسئلي جو جيڪو حل ڪڍيو ان جو نالو آهي ”پاڪ ـــ چين دوستيءَ!“ هيءُ جيڪو چين پاڪستان تان گهور گهور پئي ويندو رهيو آهي ۾ پاڪستان پاڪ ـ چين دوستيءَ جي ٽيڪرن تي پنهنجن ڪپڙن ۾ نه ماپندو آهي، انجو محرڪ چين جا پاڪستان معرفت ڀارت خلاف سفارتي مفاد آهن. پاڪ ـ چين دوستيءَ جو روحاني راز به اهو آهي. پاڪستان جو حڪمران طبقو مناسب اُجوري تي ڪجهه به ڪري سگهي ٿو ۾ هميشهه ڪندو رهيو آهي. ان ڪري پاڪستان جي اسٽبليشمينٽ رڳو پنهنجي مفاد لاءِ ڀارت سان پنهنجي تڪرار کي زندهه نه رکيو پر ان ۾ چين جو به سفارتي ۾ سياسي مفاد شامل هو. پاڪ ـ چين دوستيءَ جي نالي ۾، چين پاڪستان جي جيڪا به معاشي مدد پئي ڪئي آهي، اهو دراصل اُهو اجورو هو، جيڪو هن ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ کي سياسي رشوت طور ڏنو ويو.

ٻيو ته چين سوشلسٽ ملڪ هئڻ جي باوجود روس جي سخت خلاف رهيو آهي. ان حد تائين جو چين روس کي ’روسي سوشل سامراج‘ به سڏيندو رهيو آهي. چين پاڪستان کي ان ڪري به ويجهو رکيو جو کيس خبر هئي ته اهو آمريڪا جي مدد سان افغانستان ذريعي روس جي سخت مزاحمت لاءِ استعمال ٿيندو، جيڪو بعد ۾ ٿيو به. چين نه ٿي چاهيو ته روس هن خطي ۾ پنهنجو اثر وڌائي چاڪاڻ ته هڪ ته اهو هتي پنهنجا سياسي مفاد ۾ پير مضبوط ڪري ها ته ٻئي طرف ڀارت کي به وڏي هٿي ملي وڃي ها، جيڪا ڳالهه پس و پيش چين جي مفاد ۾ نه هئي. آمريڪا جيڪو هوندئن ته چين جي سخت خلاف رهيو آهي، اهو به پنهنجن انهن مخصوص مفادن سبب پاڪ ـ چين دوستيءَ تي هڪ حد ڪان وڌيڪ اَرهو نه هو. جي ائين نه هجي ها ته آمريڪا ڪڏهن به پاڪستان کي چين جي ويجهو ٿيڻ جي اجازت نه ڏي ها. يعني هڪ لحاظ ڀارت ۾ روس خلاف پاڪستان جي ڪردار ادا ڪرڻ تي آمريڪا ۾

چين جو بہ اڻ سڌو اتفاق هو. ويجهي ماضيءَ جي تاريخ ان جي ثابتيءَ لاءِ وڏي ۾ وڏو دليل ۽ ثبوت آهي.

(ت) پاڪستان ۽ پارت جي تڪرار پنيان جئين مٿي ذڪر ٿيو آهي تہ وڏي ۾ وڏو محرڪ هڪ پاسي ڪان آمريڪا جو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ روس جي زوال ڪان پوءِ هاڻي هن خطي ۾ آمريڪا جو وڏي ۾ وڏو ترجيحي اتحادي خود پارت آهي پر بهرحال اها حقيقت تاريخ جي رڪارڊ تي موجود آهي تہ آمريڪا هن خطي ۾ پنهنجن مخصوص مفادن خاطر پاڪستان کي روس جي زوال تائين پارت ۽ روس جي خلاف استعمال ڪيو.

## افغانستان ذريعي روس خلاف استعمال ٿيڻ:

پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ جا مختلف دورن جا سربراهہ وڏي نڪ جي پڪائيءَ ۽ فخر سان ذڪر ڪندا آهن تہ هنن افغانستان ۾ جهاد ڪيو. حقيقت ۾ اهو سندن ايڏو وڏو ڏوهہ آهي جيڪو نہ رڳو تاريخ ۾ ڪڏهن بہ معاف ٿي نہ ٿو سگهي پر ان جا نتيجا بہ هن خطي جا ماڻهو نسلن ۽ زمانن تائين پوڳيندا. افغانستان ۾ روس جو گهڙي اچڻ ان جو درست فيصلو هو يا نہ. پر هڪ ڳالهہ واضح آهي تہ آمريڪا روس خلاف هن خطي ۾ پاڪستان کي مورچي طور استعمال ڪرڻ ڪانسواءِ اها جنگ ائين اثرائتي نموني نہ وڙهي سگهي ها. افغان جنگ ۾ تہ پاڪستان جي اسٽيبليشمينٽ ثابت ڪري ڇڏيو تہ هن ملڪ کي هنن وڪڻي، ان کي عملي طور سامراج جي اسٽريجٽڪ ڪالونيءَ ۽ مورچي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اربين ڪربين ڊالرن جي زور تي نام نهاد جهادي لشڪر تيار ڪيا ويا. غير قانوني هٿيارن جي ڪلچر کي هٿي ونرائي ويئي. پاڪستان کي دهشتگرديءَ جو عالمي اڏو بنائڻ جا سمورا ”لوازمات“ پورا ڪيا ويا ۽ پوءِ هن ملڪ کي هڪ مورچي طور استعمال ڪري افغانستان معرفت روس خلاف اُها سامراجي جنگ وڙهي وئي، جنهن جو هن ملڪ جي عوام جي خواهشن ۽ مفادن سان ڪو پري جو بہ تعلق نہ هو. هڪڙو ڏنو وائنو سنگين ڏوهہ هو پنهنجي توڙي افغانستان جي عوام خلاف ۽ وڏي ڳالهہ تہ بجاءِ لڄي ٿيڻ جي اڄ تائين ان بابت وڏي فخر سان داستان گوئي ڪئي ويندي آهي.

## آمريڪا جي خلاف مزاحمت ڪندڙ اسلامي ويڙهاڪن خلاف استعمال ٿيو:

تاريخ ۾ سياسي مزاحمت، اُٿل پُٿل ۽ جدوجهد جا محرڪ سدائين ساڳيا نہ تا رهن. تاريخ جي ڪن مخصوص حالتن ۾ اُيري آيل ۽ اُپاريل قوتن جو معروضي ڪردار بہ سدائين ساڳيو نہ ٿو رهي. ڇاڪاڻ تہ فطرت توڙي سماج جي هر لقاءُ اندر ئي تضاد ۽ متضاد محرڪ سمايل هوندا آهن. ان ڪري ڪوبہ لقاءُ مختلف ۽ بدليل حالتن ۾ پنهنجي اُبتڙ ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو. ڪنهن ٿي ڄاتو تہ آمريڪي ڊالرن تي پليل ۽ جهادي صنعت مان تيار ٿيل جنوني مُلان حضرات روس جي زوال ڪان پوءِ ساهي پٽي وري لڳندا آمريڪا خلاف ”ڪم“ ڪي! اُسامہ ڪان وٺي طالبان تائين انهن عنصرن کي ناهيو ۽ اُپاريو آمريڪا ۽ اهو بہ روس خلاف. ان ۾ جزوي نظرياتي مفاد انهن جنوني مُلن جو بہ هو جو هنن لاءِ اها

اسلام ۽ ڪفر جي جنگ هئي. پر آمريڪا نہ ٿي ڄاتو تہ روس جي زوال کان پوءِ سندس مفاد تہ مسلمان انتهاپسند مُلن ۾ نہ ساڳيا هوندا پر هنن جي ”اسلام ۽ ڪفر“ جي جنگ ڪو نئون روپ وٺندي ۽ ائين ئي ٿيو. آمريڪا جهڙي ڪوتاهہ نظر عالمي طاقت سموري انساني تاريخ ۾ ورلي نظر ايندي. جيڪا تاريخ ۾ نہ پوئتي نهاري ان مان سبق وٺندي آهي ۽ نہ ئي اڳتي ڏسي حالتن جو ادراڪ رکندي آهي. نيٺ اهوئي ٿيو، جيڪو منطقي طور ٿيڻو هو، يعني سندس ئي تيار ڪيل مسلمان انتهاپسند ويڙهاڪن جي سول آرمي رڳو هن خطي ۾ ئي نہ پر عالمي طور آمريڪا خلاف سرگرم ٿي وئي. نيٺ 11 هين سيپٽمبر (9/11) ان جو هڪ لحاظ کان ڇيهہ ثابت ٿيو. اهڙن ڏينهن لاءِ تہ آمريڪا ”پاڪستان“ تي ”هٿ“ رکيو هو ۽ ان جي اسٽيبلشمينٽ کي پاليو ۽ تاتيو هو. پاڪستان جي اسٽيبليشمينٽ ”اصولي طور“ اهوئي ڪجهہ ڪيو جيڪو ڪين ڪرڻو هو. يعني هنن کي هڪ دفعو وري اهو ثابت ڪرڻ جو موقعو مليو تہ هي ملڪ واشگٽن جو اسٽريٽجڪ هٿيار ۽ مورچو آهي. رات وچ ۾ ”اسلامي جهاد“ جي علمبردار ملڪ جي سربراهہ جنرل مشرف واضح اعلان ڪيو تہ اهو ”دهشتگرديءَ“ جي ”جنگ“ ۾ ”عالمي امن“ جي قيام لاءِ آمريڪا جو ساٿ ڏيندو. جن طالبان کي ناهيو ئي پاڪستان ۾ ويو هو، انهن لاءِ هتي توڙي افغانستان ۾ ڌرتي تنگ ڪئي وئي، مٿن هزارين ٽَا لکين بم اُڇلايا ويا. ڪالهہ جي جهادين کي دهشتگرد قرار ڏيئي ڪين ڳولي ڳولي ماريو ويو ۽ اسٽيبليشمينٽ جي نمائيندي جنرل مشرف وڏي فخر سان اهي اعلان پئي ڪيا تہ اهو سڀ ڪجهہ ”قومي مفاد“ ۽ عالمي امن جي قيام لاءِ ٿي رهيو آهي. ملڪ جي حڪمران طبقي هڪ نئين تاريخ رقم ڪئي ۽ هڪ دفعو وري ثابت ڪيو تہ هو آمريڪا جي نمڪ حلاليءَ عيوض ڪجهہ بہ ڪري سگهن ٿا ۽ پاڪستان کي ڪنهن بہ ”مقصد“ ۽ ”مفاد“ لاءِ ڪنهن بہ حد تائين استعمال ڪري سگهن ٿا. 9/11 کان پوءِ اسلام آباد ۾ هڪ ٽي وي چينل جي مباحثي ۾ مون کان پُڇيو ويو هو تہ هاڻي پاڪستان جو ڪردار ڇا هوندو؟ مون چيو هو: ”هنن ويهہ سال ”جهادين“ کي ناهڻ ۾ ڪمايو ۽ هاڻي ڏهہ سال انهن کي مارڻ ۾ ڪمائيندا.“ اهو سلسلو هلي پيو. افغانستان کان عراق تائين ۽ پري چو وجهي وانا کان باجوڙ تائين ـ اهو سلسلو هلي پيو ۽ پاڪستان جي اسٽيبليشمنيٽ هر لمحي اهو ثابت ڪري رهي آهي تہ هي ملڪ عوام جو نہ پر هن خطي ۾ سامراجي مفادن جي پورائي ۽ بچاءُ لاءِ هنن وڪڻي ڇڏيو آهي.

## عالمي مالياتي ادارن جي معاشي ڪالوني:

پاڪستان رڳو سامراجي مفادن جي سياسي ۽ سفارتي مفادن جي جديد بينڪيت ئي نہ پر سامراجي مفادن جي علمبردار عالمي مالياتي ادارن جي معاشي ڪالوني بہ آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي ادارا (Bretton Woods Institutions) بہ جديد بينڪتي نظام جو لازمي حصو آهن. پاڪستان وسيلن جي اعتبار کان دنيا جي امير ملڪن مان هڪ آهي پر ان جو عوام دنيا جي غريب ترين عوام ۾ ڳڻجي ٿو. سبب اهوئي آهي تہ ملڪ تي قابض حڪمران طبقي ۽ اسٽيبلشمينٽ ان کي عملي طور تي سامراجي عالمي مالياتي ادارن جي معاشي ڪالونيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هن ملڪ جا حڪمران ڪي عوام جي مفادن جا نمائينده ٿورو ئي آهن. اُهي تہ اصل ۾ انهن ادارن جا مقامي ڪميشن ايجنٽ آهن. هنن جو عوام ۽ سندن مفادن سان ڪجهہ بہ نہ وڃي.

اها هڪ هٿي هو پاڻ وٽ رکڻ چاهين ٿا، چاڪاڻ تہ ٻي صورت ۾ ”متين“ جو ڪم ٿورو ڏکيو ٿي پوندو. پاڪستان جون سموريون معاشي پاليسيون ڇا آهن؟ ڪنهن لاءِ آهن؟ ڪنهن جي ناجائز مفادن جي پورائي لاءِ آهن؟ اها ڳالهہ هاڻ ڪو راز نہ رهي آهي. جنهن ملڪ ۾ ملڪ جا وزيراعظم (؟) بہ عالمي مالياتي ادارا پنهنجن ملازمن کي نامزد ڪندا هجن، ان جي معاشي پاليسين بابت خودمختياريءَ جو راز فاش ڪرڻ لاءِ ڪهڙن دليلن ۽ ثبوتن جي گهرج آهي. معين قريشي ڪير هو؟ شوڪت عزيز ۽ حفيظ شيخ ڪير آهن؟ هو ڪنهن جي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن؟ پاڪستان ۾ نجڪاريءَ جو ڊرامو ڇا آهي؟ هڪ هٿ سان فوج ادارا وڪڻي ٿي ۽ ٻئي هٿ سان خريد ڪري ٿي. اهي وڪڻن بہ عوام جا وسيلا ٿا ۽ خريد بہ عوام جي وسيلن سان ڪن ٿا؟ اهو سرمايو ڪيڏانهن ويندو ۽ پس و پيش ڪنهن جي ڪم ايندو؟ اهي سوال هاڻي راز ڪونہ رهيا آهن.

## 2. سامراجي غلاميءَ جي ڪهڙي قيمت وصول ڪئي وئي آهي؟

اها خبر آمريڪا کي بہ آهي تہ رڳو پنهنجا مفاد حاصل ڪبا ۽ ”هينئين“ جو ڪوبہ ”لحاظ“ نہ رکبو تہ قصو هلي نہ سگهندو. جيڪا اسٽيبلشمينٽ آمريڪي مفادن لاءِ ملڪ جي خودمختياري وڪڻي ٿي. پنهنجي ملڪ کي ڪنهن بہ ناجائز مقصد ۽ مفاد لاءِ استعمال ڪري ٿي ۽ وڏي ڳالهہ تہ غير مشروط طور ڪري سگهي ٿي اُها ظاهر آهي تہ موٽ ۾ ڪجهہ ”معاوضو“ بہ لهڻي ٿي. ائين ئي جئين وڏيرا ڪمدارن جو بہ ”خيال“ ڪندا آهن ۽ ۽ دَرَ جي ساسيءَ کي سُڪل ئي سهي پر ٽُڪر اُڇلائبا آهن. آمريڪا بہ هتي اسان وٽ ائين ئي ڪيو آهي. ان ڪري هي ملڪ سامراجي مفادن لاءِ ڪئين ڪئين استعمال ڪيو ويو آهي؟ اهو تصوير جو هڪ پاسو آهي پر ٻيو پاسو اهو بہ آهي تہ ”ڏٽين“ ڪجهہ مفاد هنن جا بہ پورا ڪيا آهن ۽ اهو ناجائز اتحاد (Unholy Alliance) انڪري ئي هيستائين هلي سگهيو آهي.

اچو تہ ٿوري ان پاسي تي بہ هڪ نظر وجهون تہ هن ملڪ جي ڦورو حڪمران طبقي ۽ اسٽيبلشمينٽ مقامي طرح ان ڪردار جي ڪهڙي رشوت ۽ ڪهڙين ڪهڙين صورتن ۾ ورتي آهي؟

## پاڪستان ۾ مستقل فوجي راڄ ۽ حقيقي جمهوريت جي اڻ هوند:

عام طور چيو ويندو آهي تہ جئين ملڪ ۾ ايوب، يحيٰ، ضياءُالحق ۽ هاڻي جنرل مشرف جو راڄ آهي تنهن ڪري ملڪ جي تاريخ جو وڏو حصو پاڪستان ۾ فوجي آمريتون رهيون آهن. بظاهر ۽ هڪ حد تائين تہ اها ڳالهہ درست آهي پر ڏٺو وڃي تہ ملڪ ۾ سڌي آمريت هجي يا بظاهر نام نهاد جمهوريت پر اقتدار ۽ اختيار جون حقيقي واڳون هميشهہ پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد ۽ ان جي اسٽيبلشيمينٽ پاڻ وٽ رکيون آهن. جنرل ضياءَ خلاف ڊگهي عوامي جدوجهد کان پوءِ جڏهن نالي ماتر جمهوريت بحال ٿي ۽ پهرين بينظير ۽ پوءِ نواز شريف کي جيڪو اقتدار مليو، اُن بابت هاڻي ڪابہ لڪل ڳالهہ نہ رهي آهي تہ ڪين ڪهڙن شرطن تي ڪيترن محدود اختيارن سان بظاهر اقتدار جي مسند تي ويهاريو ويو هو ۽ دراصل فيصلا پردي پُنيان ڪٿي ٿيندا هئا ۽ ڪير ڪندو هو؟ ان ڪري حقيقت اها آهي تہ پاڪستان ۾ ڪڏهن جمهوريت رهي ئي نہ آهي. پاڪستان ۾ اختيار ۽ اقتدار ڪڏهن عوام کي منتقل ڪيو ئي نہ ويو آهي. هتي هميشهہ راڄ اسٽيبليمينٽ جو رهيو آهي. دراصل ملڪ ۾ فوجي

راڄ هڪ طرف اسٽيبليشمينٽ کي هن ملڪ ۾ آمريڪي مفادن جي پورائي جي رشوت به آهي ته ٻئي طرف اها خود آمريڪا جي اسٽريٽجڪ ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته حقيقي جمهوري نظام ۾ سامراجي دلالي ڪندڙ قوتون گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪري سگهنديون ۽ نه ڪري سگهن ٿيون. اهو وڏي ۾ وڏو ڪوڙ ۽ ٺلهو مفروضو آهي ته پاڪستان ۾ جمهوريت ناڪام ٿي آهي. حقيقت ۾ پاڪستان ۾ ڪڏهن جمهوريت رهي ئي نه آهي ۽ نه وري ڪڏهن هن ملڪ ۾ اقتدار ۽ اختيار حقيقي معنيٰ ۾ عوام کي منتقل ٿيو آهي.

رڳو ٿورو مختصر وقت لاءِ بظاهر شهيد ڀٽي کي اختيار مليل هئا. ان جو به سبب اهو هو ته اوير پاڪستان ۾ بدترين شڪست کان پوءِ فوج ڪمزور ٿي چڪي هئي. پاڪستان جا نوي هزار قيدي ڀارت وٽ هئا ۽ اسٽيبليشمينٽ دنيا ۾ ڪنڌ کڻڻ جي لائق نه رهي هئي پر پوءِ اسان ڏٺو ته جنهن شڪست کاڌل فوج کي شهيد ڀٽي وري سگهارو ڪيو ته انهن سندس کهڙو حشر ڪيو ۽ سندس جزوي سامراج دشمنيءَ جي ڪيس ڪهڙي عبرتناڪ سزا ڏنائون!

## مظلوم قومن جي حقن تي ڌاڙا هڻڻ:

ملڪ جو اصل حڪمران طبقو (اسٽيبلشمينٽ سميت) دراصل پنجابي - پناهگير مستقل مفاد تي مشتمل آهي. مقامي طرح ان جو سمورو "ڌنڌو" ملڪ جي مظلوم قومن ۽ مجموعي طرح سموري مظلوم عوام جي تاريخي، قومي، سياسي، معاشي، سماجي، انساني ۽ ثقافتي حقن جي لتاڙ تي هلي ٿو. جي هن ملڪ ۾ قومون برابريءَ جي بنياد تي هڪ متوازن وفاق ۾ هڪ جمهوري سرشتي اندر رهندڙ هجن، فوج ۽ بيرو ڪريسيءَ ۾ سمورين قومن جي هڪ جيتري نمائندگي هجي، قومن جي حڪمراني اتي اڪثريتي عوام جي حقيقي نمائنده جمهوري قوتن وٽ هجي ۽ صوبن کي وفاقي پاليسين ۾ برابريءَ وارو ڪردار ۽ موقعو هجي ته هوند هتي اهو نڳيءَ جو ناهه هڪ ڏينهن به هلي نه سگهي. دراصل ملڪ ۾ آمريڪي راڄ ۽ جمهوريت جي اڻ هوند جيان مظلوم قومن جي سياسي ۽ معاشي حقن تي ڌاڙو به ساڳي ناجائز اتحاد جو نتيجو آهي. يعني ساڳيءَ طرح مظلوم قومن جي ڦرلٽ جو پروانو هڪ طرف آمريڪا جي ڳيجهو اسٽيبليشمينٽ کي سندس ڪردار عيوض ملندڙ رشوت به آهي ته ٻئي طرف اها خود آمريڪا جي اسٽريٽجڪ ضرورت به رهي آهي. ڇاڪاڻ ته ٻي صورت ۾ سندس مفادن جي محافظ قوت جو ملڪ ۾ مستقل راڄ ممڪن نه رهي ها. جنهن طاقت جي نشي ۾ حڪمران طبقو هن ملڪ ۾ سنڌي، بلوچ، پشتون ۽ سرائيڪي عوام جي وسيلن ۽ حقن کي لُٽيندو ۽ ڦريندو رهيو آهي، اُها رڳو هن جي مقامي سگهه نه آهي، ان جي پُٺيان جي سامراجي سهڪار نه هجي ته قصو ائين ڊگهو عرصو هلي ئي نه سگهي ها.

## ترقي پسند ۽ جمهوريت پسند ڌرين کي اُسرڻ نه ڏيڻ:

هن ملڪ تي قابض اسٽيبلشمينٽ ۽ آمريڪي مفاد ملڪ اندر هر اُن قوت کان ڊنل آهن، جيڪي هن "نڳي جي ناهه" جي (Statuesque) جا بکيا اُڌيڙي سگهن ٿا. ان ڪري جڻ ته انهن ٻنهي قوتن جو اڻ لکيل معاهدو رهيو آهي ته هن ملڪ ۾ عوام کي ڪنهن به ڌارا ۾ شامل ٿيڻ جو موقعو نه ڏجي ۽ ملڪ

۾ ترقي پسند ۽ جمهوريت پسند توڙي قومي سياست ڪندڙ وطن دوست ڌرين کي اڳتي اچڻ ۽ سگهارو ٿيڻ جو وجهه نه ڏجي. نه رڳو موقعو نه ڏجي ۽ سندن سمورا دَڳَ بند ڪجن پر ڪين ايجنسين جي معرفت هميشهه ٽوڙجي، غير يقينيت ۾ رکجي ۽ عوام سان سندن لاڳاپن جون راهون بند ڪجن. سياست کي دهشتگردن، پتہ خورن، ڌوهارين، عوام دشمن وڏيرن ۽ سرمائيدارن توڙي موقعي پرست ۽ بي ضمير ويڪائو سياستدانن معرفت گندو ڪجي، ولگرائيز ڪجي، ڪراهت جوڳو بڻائجي ته جئين عوام جو سياست مان اعتبار کڄي وڃي ۽ هن نگي جي ناهه جو اسٽيٽسڪو قائم رهي.

## 3. ڇا پاڪستان بطور هڪ رياست جي جٽاءُ ڪري سگهندو؟

پاڪستان جي مستقبل بابت گهڻيون قياس آرائيون اڄ نه پر گذريل ڪيترن ڏهاڪن کان ٿينديون رهيون آهن. جيڪو نسل ملڪ جي قيام ۾ سرگرم هو، ان مان شايد ئي ڪو ماڻهو پنهنجن تجربن ۽ خدشن جي بنياد تي هن ملڪ جي مستقبل مان پر اُميد هجي. سردار شوڪت حيات کان شيرباز مزاريءَ تائين ويندي اصغر خان کان جنرل نور خان تائين ويجهي ماضيءَ ۾ جن به جهونن سياستدانن پنهنجون آتم ڪٿائون لکيون آهن، انهن پاڪستان جي مستقبل بابت ڪا گهڻي اميد ڪونه ڏيکاري آهي. جي ايم سيد ته 1974ع ۾ ڪتاب لکي اها ڳالهه رڪارڊ تي آڻي ڇڏي هئي. 1990ع کان پوءِ ته اها ٿيوري به گردش ۾ رهي آهي ته آمريڪا جي هن خطي بابت نئين ڊزائين ۾ پاڪستان بطور رياست جي ساڳيءَ حالت ۾ موجود ئي ناهي. ان جا آمريڪا جي جڳ مشهور دانشور سليگ هيرسين جي حوالي سان تجزياتي نقشا به پڌرا ٿيا هئا. انهن خدشن ۽ امڪانن جي قطع نظر ٻيا به ڪيترائي بنيادي سبب آهن جن سبب پاڪستان جو آئيندو بطور هڪ رياست جي ويجهي مستقبل ۾ ڪو چڱو نظر نه ٿو اچي. اچو ته ٿورو انهن ٺوس سببن تي غور ڪريون.

### پاڪستان جي بطور رياست ساک نه رهي آهي:

هي ملڪ بنيادي ۽ مجموعي طرح اهڙن هٿن، قوتن ۽ مفادن وٽ يرغمال رهيو آهي جن هن ملڪ جو پنهنجن "مفادن" لاءِ بي دريغ ۽ بيڄڙو استعمال ڪري ملڪ جي ساک کي سخت ڇيهو رسايو آهي. پاڪستان دنيا جي انهن چند ملڪن ۽ رياستن مان هڪ آهي جنهن جي ساک سندس ڏهاڪن جي "ڪردار" سبب سڄيءَ دنيا ۾ ايتري ته خراب ڪئي وئي آهي جو هن ملڪ تي دل ۾ هاڻي ڪوبہ اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي هيءَ دنيا بظاهر ڏاڍي متضاد به آهي پر ساڳي وقت هڪ ڳنڍيل ڳوٺ به آهي دنيا جو ڪوبہ ملڪ ٻيٽ (Island) نه آهي. سڄيءَ دنيا جا ملڪ ۽ قومون سڌيءَ توڙي اڻ سڌيءَ طرح هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ۽ ڳُتيل آهن ۽ انهن جا هڪ ٻئي سان رڳو انساني نه پر متضاد توڙي هم آهنگ مفادن جا رشتا آهن. جئين بي اعتبار ۽ بيڄڙي ڪارپٽ وارو ڪو فرد به ڊگهو عرصو ڪاميابيءَ سان اڳتي وڌي ۽ هلي نه ٿو سگهي تئين دنيا جي عالمي نقشي تي رياستون ۽ ملڪ به ساڳيءَ طرح ساڳي مزاج ۽ ساک سان گهڻو وقت جٽاءُ ڪري ۽ اڳتي وڌي نه ٿا سگهن. ان حوالي سان پاڪستان تي نظر وجهجي ٿي ته نظر اهو ٿو اچي ته پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ ۽ حڪمران طبقي هن ملڪ جو حشر اهڙو ڪيو آهي جو دنيا ۾ ڪوبہ هن ملڪ تي اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. ان حوالي سان جڏهن به پاڪستان تي عالمي

طرح ڏکيو وقت اچي ٿو ته هن ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ ۽ حڪمران طبقو ان جو حل عالمي سامراج جي وڏيڪ ڪمداريءَ ۾ ڳولي ٿو ۽ هر قيمت تي ڪوبه ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي. پر هڪ ته هر ڳالهه جي هڪ حد ٿئي ٿي. توهان هميشهه جڳاڙ نه ٿا ڪري سگهو. جڳاڙ جي به هڪ مخصوص حد هجي ٿي. توهان هميشهه ساڳيءَ طرح پنهنجي عوام ۽ دنيا جي اکين ۾ ڌوڙ نه ٿا وجهي سگهو. ٻيو ته اها خبر انهن ”جڳاڙن“ جو علائقائي ۽ عالمي فائدن وٺندڙ سامراجي قوتن کي به هوندي آهي ته جڳاڙي ۽ پيشه ور ”ڏنڌوڙي“ ڪنهن جا به مِٽَ نه ٿيندا آهن. اهڙي پراسس ۾ خود ”جڳاڙين“ جا به مستقل مفاد نهيو وڃن ۽ پوءِ انهن جي پورائي لاءِ هو ڪڏهن به ۽ ڪجهه به ڪري سگهن ٿا ۽ ڪنهن جي ”چُرچَ“ تي ڪري سگهن ٿا.

پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ ۽ حڪمران طبقن ملڪ جو اهڙو حشر ڪيو آهي جو ان تي هاڻي دنيا ۾ ڪوبه اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. خود آمريڪا ۽ چين جهڙيون ڏُريون، جن جو مٽس ”هٿ“ رهيو آهي، دل ۾ اُهي به مٽس ڪيترو اعتبار ڪنديون هونديون، اها ڳالهه سمجهڻ هرويرو ڪا ڳجهارت به نه آهي. اها ڳالهه هاڻي ڪو راز نه رهي آهي ته ايران ۽ اُتر ڪوريا کي ايٽمي ٽيڪنالاجي به لِڪ چوري ”اسان“ کان ملي آهي ۽ آمريڪا دل ۾ ان ڳالهه تي ڪيترو خوش هوندو اها ڳالهه پڌري پَٽ پئي آهي. خود هڪ طرف جيتوڻيڪ پاڪستان ”دهشتگرديءَ“ خلاف نام نهاد عالمي جنگ ۾ آمريڪا جو پهرين صف جو اتحادي آهي پر اها ڳالهه به ڪو لڪل راز نه آهي ته اڄ به ”جهادي“ قوتن تي ڳُجهو هٿ هن ملڪ جي ايجنسين ۽ اسٽيبلشمينٽ جو آهي. خود جنرل مشرف جي لبرل هئڻ جا بکيا به اُڏڙي رهيا آهن. يا آمريڪا کي اها به خبر نه آهي ته هي ”روشن خيال اعتدال پسنديءَ“ جو علمبردار جنرل اُهو ساڳيو ماڻهو آهي، جيڪو ڪارگل جو محرڪ هو. جئين پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ هن خطي ۽ ملڪ ۾ آمريڪا جو اسٽريٽجڪ هٿيار رهي آهي. تئين ”جهادي صنعت“ وري هن ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ جو اسٽريٽجڪ هٿيار رهي آهي ۽ بدستور آهي.

مجموعي طرح اها ڳالهه هاڻي پڌري پٽ پئي آهي ته پاڪستان جي بطور هڪ رياست جي هاڻي دنيا ۾ ڪا ساک نه رهي آهي. نه رڳو ساک نه رهي آهي پر اُها بدلجندڙ حالتن ۾ ڪيترن ”قوتن“ لاءِ پنهنجي ”مخصوص“ ڪردار سبب خطري جو باعث پڻ آهي.

## ڏکڻ ايشيا ۾ آمريڪا جو اسٽريٽجڪ اتحادي هاڻي ڀارت آهي:

جيتوڻيڪ سرد جنگ جو پورو دور هن خطي ۾ آمريڪا جو اتحادي پاڪستان رهيو. اتحادي ڇا حڪمران طبقي ۽ اسٽيبلشمينٽ هن ملڪ کي عملي طور آمريڪا وٽ وڪڻي ڇڏيو ۽ آمريڪا کي ڪانئن جيڪي ڪم وٽا هئا، اُهي هن ڪانئن دل کولي ورتا. سرد جنگ جي خاتمي کان پوءِ هڪ ته پاڪستان جهڙي ملڪ جي آمريڪا کي گهڻي ضرورت نه رهي ۽ ٻيو ته نين بدليل حالتن ۾ اُڀري آيل نون محرڪن جي حوالي سان آمريڪا اتحاد جو هٿ ڀارت ڏانهن وڌايو. ان جو وڏي ۾ وڏو سبب چين آهي. آمريڪا کي معاشي ۽ پس و پيش سياسي طرح چين مان سخت خطرو آهي، ڇاڪاڻ ته چين معاشي طور ڪڻي نيم سرمائيدارانه واٽ ورتي آهي پر سياسي طور اهو اڄ به سوشلسٽ آهي ۽ ان جو عالمي پاليسيون اڄ به ”سوشلسٽ ڊپلوميسيءَ“ ۽ مفادن جو آئينه دار آهن. جڏهن ته آمريڪا وٽ ان جي

سامهون اُڀارڻ لاءِ ڀارت کان وڌيڪ ٻيو ڪو مناسب متبادل نہ آهي آباديءَ جي حساب سان بہ ڀارت چين جي مقابلي جو ملڪ آهي. ڀارت وٽ بہ لڳ ڀڳ چين جيترو ئي ڪنزيومر آهي ۽ ٿيون تہ ڀارت ۾ بہ چين جيتري ئي معاشي ترقيءَ ۽ مقابلي جي سگهہ آهي. ٻئي طرف ڀارت بہ بدلجندڙ حالتن ۾ چاهي ٿو تہ اهو آمريڪا جي مدد سان ئي هن خطي ۾ عالمي طور اهڙو ڪردار اُڀاري سگهي ٿو جنهن ۾ هو چين کي بہ لوڏي سگهي تہ پاڻ بہ ايشيا ۾ هڪ وڏي معاشي قوت طور اُڀري اچي. ان لاءِ هو آمريڪا کي ڪابہ سياسي قيمت ادا ڪرڻ لاءِ تيار نظر اچي ٿو. آمريڪا ۽ ڀارت جي نئين لاڳاپي کان پوءِ هاڻي هن خطي ۾ پاڪستان جي اُها جيوپوليٽيڪل يا اسٽريٽجڪ اهميت نہ رهي آهي. جيتوڻيڪ آمريڪا پاڪستان مان ائين تڪڙو ۽ سولو هٿ بہ نہ ڪڍندو پر اهو ان کي پنهنجين ترجيحن ۾ بہ ڪونہ رکندو. ان بدلجندڙ صورتحال جي ثابتي ڪيترن ئي اشارن مان ونئي سگهجي ٿي. مثال طور هي جيڪي پاڪ ـ ڀارت لاڳاپا ايترو سڌري رهيا آهن. ڪشمير جي مسئلي تي پاڪستان يو ـــ ٽرن وٺڻ لاءِ تيار آهي، واگها ۽ کوکرا پار جا بارڊر سافٽ ٿي رهيا آهن، پاڪستان بظاهر جيڪو جهادين جي خلاف وڏو ”جهادي“ ٿيو بيٺو آهي. ان جو سبب بہ دراصل آمريڪا جون بدليل ۽ بدلجندڙ ترجيحون آهن.

## ملڪ اندروني طور تي ڪاڄي چڪو آهي:

جيڪو حڪمران طبقو ملڪ جي اڇي ڪاري جو مالڪ رهيو آهي، ان جو بنيادي طور هن ملڪ جي عوام جي مفادن سان ڪو پري جو بہ تعلق نہ رهيو آهي. هن ”حڪمران طبقي“ کي پاڪستان بنا ڪنهن قربانيءَ ۽ پورهئي جي مال غنيمت جيان مليو ۽ هنن بہ انکي ايترو ۽ ائين لُٽيو آهي، جيترو سندن وس ۾ هو، پاڻ ان کان بہ ٻہ رتيون اڳتي. جي ملڪ ۽ مملڪتون رڳو سامراجي دلاليءَ سان هلائي سگهجن ها تہ پوءِ سولي ڳالهہ هئي خارجي عنصر تہ پنهنجي جاءِ تي پر داخلي فيڪٽرس جي فطرت توڙي سماج ۾ بنيادي اهميت ۽ فيصلا ڪُن حيثيت هوندي آهي. اُها بہ ڳالهہ آهي تہ ڦورو ۽ ڪوتاهہ نظر حڪمران طبقن کي اها ڳالهہ سمجهڻ ۾ تيسين نہ ايندي آهي، جيسين سڄي نڳيءَ جي ناهہ جو وڃي ڊينگو ڊيري ٿئي. روس جهڙي عالمي سپر پاور جي حڪمران طبقي کي بہ اها خبر نہ پئجي سگهي تہ سندن رياست اندران ڪاڄي چڪي آهي. ساڳيو حال يوگوسلاويہ جو هو. انساني تاريخ ۾ سلطنتن ۽ ويندي شهنشاهتين جي زوال جا محرڪ اهڙا رهيا آهن. رومي سلطنت کي بہ آخر تائين خبر نہ پئجي سگهي تہ سندن شهنشاهيت اندران ڪاڄي رهي آهي. مسلمانن جي عروج ۽ زوال جا محرڪ بہ اهڙا رهيا آهن. ويهين صديءَ ۾ برطانوي شهنشاهيت بہ ڌورو ئي پئي سمجهيو تہ سندن شهنشاهيت جي آسمان تان ڪٽي بہ نہ لهندڙ سج آخري ڀيرو لهڻ وارو آهي. عام طرح ماڻهو رڳو حڪمران طبقن جي ظاهري سگهہ ڏسن ٿا پر سندن بي پناهہ ورثي ۾ مليل ۽ هڪ پراسس ۾ وڌندڙ ڪمزورين کي نہ ٿا ڏسن.

پاڪستان جي حڪمران طبقي ۽ اسٽيبلشمينٽ بہ اهو سمجهي پئي هن ملڪ کي ڦريو ۽ لُٽيو آهي تہ هيءَ سوني ڪڪڙ هميشہ پئي ڪين آنا لاهي ڏيندي. اها خودفريبي ئي اهڙين قوتن جي وڏي ۾ وڏي ڪمزوري هوندي آهي. جيڪا پس و پيش سندن سُر نيندي آهي. پاڪستان کي بہ اهڙي صورتحال ۾ پهچايو ويو آهي جتي رياست اندر ئي اندر ڪاڄي چڪي آهي. ملڪ جي فوج سواءِ پنهنجي پيشہ

وراڻه ڪم جي ٻيو هر ڪم ڪري ٿي. سياست هو ڪن ٿا، حڪومتون اهي هلائين ٿا، ملڪ جي وڏي ۾ وڏي صنعت سلطنت هو آهن. پيٽرول پمپ ۽ بيڪريون هلائڻ کان وٺي تعميراتي ڪمن ۽ ويندي هاءِ ويز جي ٽيڪس اوڳاڙڻ جا ڪم به سندن ٻلي آهن. جنهن ملڪ جي فوج پنهنجو اصل ڇڏي وجي اهي ڪم ڪندي ته سندن پيشه وراڻه صلاحيت جو ڇا حال ٿيندو؟ ان جا ملڪ تي ڪهڙا اثر پوندا؟ ان جا آثار ملڪ ۾ سامهون آهن ته جنهن اداري کي ملڪ جي سلامتيءَ لاءِ ڪم ڪرڻو هوندو آهي، عوام ان کي ئي پنهنجي لاءِ خطرو سمجهي ٿو. ملڪ ۾ وڏين سياسين پارٽين کي رياستي ڏاڍ ۽ ايجنسين معرفت مرڻينگ بڻايو ويو آهي، جو هو عوام جي نجات بجاءِ پنهنجي وجود جي بقا لاءِ هٿوراڙيون هڻڻ ۾ ئي پوريون آهن. ملڪ ۾ سياست کي مجموعي طور تي ايترو ڪرپٽ، ڪمزور ۽ مرڻينگ بڻايو ويو آهي جو اها عوام کي منظم رکڻ جي صلاحيت ئي وڃائي ويني آهي. ملڪ ۾ قانون جي حڪمراني ته ڇا اُن جو ڪو تصور به موجود ناهي ۽ قانون جي حڪمرانيءَ (Rule of law) کانسواءِ ملڪ ڪيترو ۽ ڪئين هلي سگهن ٿا، ان جا ٿيڙ به ملڪ ۾ ساريا پيا آهن. اهڙن ملڪن ۾ بدترين انارڪي ئي رياستن جو مقدر هوندي آهي ۽ پاڪستان تيزيءَ سان ان صورتحال ڏانهن ڌڪجي رهيو آهي. ملڪ ۾ عدالتي نظام جي صورتحال ته ڪنهن کان به ڳجهي نه آهي. عدالتي نظام جو ڪم رڳو اسٽيبلشمينٽ جي ناجائز اختيارن ۽ ڪرتوتن کي نظريه ضرورت تحت آئيني تحفظ فراهم ڪرڻ وجي رهيو آهي. ملڪ جو انتظامي ڍانچو مثالي ڪرپشن، بدنظمي، اقربا پروريءَ ۽ بدترين انتظام ڪاريءَ (Bad Governance) جو نادر نمونو بڻيل آهي. اسيمبليون رڳو وڏيرن ۽ سرمائيدارن توڙي سرڪار جي ڪوڙن سياستدانن جا سياسي جيم خانه ۽ ڊبيٽنگ ڪلب بڻيل آهن. اسيمبلين ۾ تمام معمولي اقليت سنجيده ۽ عوام دوست سياستدانن جي آهي، جيڪي سواءِ رڙين جي ٻيو ڪجهه به ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نه آهن. ملڪ جون مظلوم قومون پاڻ کي هڪ غلاميءَ جي ڄار ۾ قاتل محسوس ڪن ٿيون. ٻئي طرف عوام کي ڪوبه آسرو ۽ اُميد نه آهي ته هن ملڪ ۾ ڪا فضيلت ايندي ۽ هي ملڪ سندن لاءِ هڪ قيدخاني بدران ڪو ترقيءَ ۽ سلامتيءَ جو ذريعو بڻبو. يعني مجموعي طرح ڏسجي ته هي ملڪ هر لحاظ کان اندران ئي اندران کاڄي چڪو آهي. جيڪي به عنصر هن ملڪ کي متحد رکي ۽ انصاف جي بنياد تي هلائي سگهيا ٿي، انهن کي هڪ هڪ ڪري "هنن" تباهه ڪيو يعني رياستي خود مختياري، قومن جي برابريءَ وارو جمهوري وفاق، عوامي جمهوريت، صوبائي خود مختياريءَ، محدود مرڪز، آزاد عدليه، اظهار جي آزاديءَ، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ، فيصلي سازي ۾ سمورن صوبن جي گڏيل شرڪت، آزاد خارجه ۽ گهرو پاليسي ۽ عوام جي حقن جو احترام. جيڪي به عنصر هن ملڪ کي تباهيءَ جي منطقي انجام ڏانهن وٺي ويندا، انهن کي هنن هڪ هڪ ڪري پاليو، تاتيو ۽ وڌايو آهي. يعني فوجي راڄ، جمهوريت جو قتل، سامراجي غلامي، رياستي ڏاڍ، قومن کي غلام بنائڻ، عوام جا سياسي حق غضب ڪرڻ، قانون جي عدم حڪمراني، عدليه جي ڪردار کي مسخ ڪرڻ، بدترين انتظام ڪاري، ايجنسيون، ڪرپٽ ڪامورا شاهي، مذهبي انتهاپسندي، دهشتگردي، فرقه پرستي، اَنارڪي ۽ عوام جا عوام توڙي قومن جا قومن سان تضاد ۽ تڪرار!

هاڻي جڏهن اندروني طرح رياست جو اهو حال هجي ۽ مٿين سطح تي به سندن اڳوڻي جيوپوليٽيڪل اهميت نه رهي هجي ته پوءِ ان جو ڇا مطلب ٿيو؟ يعني ان جو مطلب ته رياست جو منطقي انجام سبجيڪٽو ۽ آبجيڪٽيو حالتن جي ڪنهن اوچتي حادثي جي انتظار ۾ آهي. اهو انتظار ڏکهو به ٿي سگهي ٿو ۽ بنهه جر تي ڦوٽو به ٿي سگهي ٿو. پاڪستان جون اندروني ٽوڙي پرڏيهي حالتون زلزلي جي زون وانگر آهن جتي پليٽون ٽڪرائڻ لاءِ تيار هونديون آهن پر انهن کي توانائي جي خارج ٿيڻ جي خاص گهڙيءَ جو انتظار هوندو آهي. ڪڏهن اها گهڙي هڪ لحمي ۾ اچي ويندي آهي ۽ ڪڏهن اها ڏکهو وقت وٺندي آهي. پاڪستان جون سبجيڪٽو ۽ آبجيڪٽو حالتون به سسمڪ پليٽن وانگر ڪنهن حادثي لاءِ تيار آهن پر ڪنهن "توانائيءَ" جي رليز ٿيڻ جو انتظار آهي.

"Nothing is politically right which is morally wrong"

__ Daniel Counell

# پاڪستان ۾ وفاقي سياست جو دؤر ختم ٿي رهيو آهي؟

سياست جو مزاج سيڪولر هجي يا مذهبي پر پاڪستان ۾ شروع کان سياست جون ٻه واضح ڌارائون رهيون آهن، جنهن کي رسمي ۽ مروج سياسي ٻوليءَ ۾ وفاقي ۽ قومپرست يا وطن دوست سياست چيو ويندو آهي. ڪو زمانو هو، جڏهن وفاقي سياست ڪانسواءِ ٻي هر قسم جي قومي، قومپرست ۽ وطن دوست سياست کي ملڪ دشمن سياست سان تعبير ڪيو ويندو هو. اهوئي سبب آهي جو ننڍين صوبن جي قومي اڳواڻن کي اسلام آباد ۽ لاهور مان هميشهه ملڪ جي غدارن سان تعبير ڪيو ويندو هو. خان غفار خان، جي ايم سيد، ولي خان، حيدر بخش جتوئي، عطاءُالله مينگل، رسول بخش پليجي، اڪبر بگٽي، خيربخش مري، ڊاڪٽر حئي بلوچ، جنرل شيروف ويندي مرحوم بزنجي

جهڙن اڳواڻن مان ڪير هو ۽ آهي جنهن جي حصي ۾ ملڪ سان غداريءَ جا لقب نه آيا. وفاق چڻ ته هڪ مقدس ڳئون هئي جنهن جي شان ۾ گستاخي اسلام آباد ۽ لاهور توڙي سندن (Status —Quo) جي نمائنده قوتن ”گوارا“ نه ٿي ڪئي. نه رڳو پاڪستا ۾ سياست پر خود چئني صوبن جا سياسي دانشور به واضح طور انهن ٻن ڌارائن ۾ ورهايل هئا. خاص طور تي اَسيءَ جي ڏهاڪي تائين اها صورتحال رهي. اسيءَ جي ڏهاڪي کان پوءِ عالمي طور تي حالتون مٽجڻ ۽ ٻين انيڪ سببن ڪري پاڪستان ۾ سياست جو مزاج گهڻو تبديل ٿيو آهي ۽ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ٿي رهيو آهي. جيتوڻيڪ ان تبديليءَ جا انيڪ رنگ ۽ شڪليون آهن ۽ اُهي سڀ ڪو چڱائيءَ ڏانهن ونڃي ويندڙ يا مثبت ۽ اُتساهيندڙ به نه آهن پر هڪ ڳالهه واضح طور اُڀري سامهون اچي رهي آهي ته پاڪستان ۾ وفاقي سياست جو دؤر آهستي آهستي ۽ هاڻي ته تيزيءَ سان پُڄاڻيءَ کي رَسي رهيو آهي. ممڪن آهي ته سياست کي مٿاڇري نموني ڏسڻ وارن کي اهو لقاءُ شايد نظر نه اچي پر سياست جي لاڙن ۽ اُڀرندڙ محرڪن کي نظر ۾ رکي اهڙو نتيجو آساني سان ڪڍي سگهجي ٿو. اچو ته ان جي ڪجهه بنيادي سببن تي غور ڪريون.

## 1. رياست جو ڍانچو وفاقي نه آهي:

پاڪستان ۾ وفاقي سياست جي محرڪن جي ختم ٿيڻ جو هڪ بنيادي سبب اهو آهي ته ملڪ ۾ عملي طور وفاق جو ڪو وجود ئي نه آهي. ملڪ ۾ وفاقي سياست تڏهن هلندي جڏهن هتي وفاق جو حقيقي معنيٰ ۾ ڪو وجود هوندو. جڏهن ته پاڪستان ۾ نالي ماتر به وفاق جو وجود نه رهيو آهي. علامه اقبال کي پاڪستان جي تصور جو باني سڏيو ويندو آهي، جڏهن ته حقيقت ۾ اقبال ۽ جناح جا پاڪستان بابت تصور مختلف ئي نه پر متضاد هئا. اقبال نئين رياست جي نالي ۾ گريٽر پنجاب ناهڻ ٿي چاهيو ۽ هن جو رياست بابت تصور مذهب تي ٻڌل هو. جنهن کي هن اسلامي حقن لاءِ اسلامي رياست ئي ڪوٺيو. جڏهن ته جناح جو تصورهڪ سيڪيولر وفاقي جمهوري رياست جو هو. اچو ته ان جا ڪجهه مثال ونون. 23 نومر 1930ع تي علامه اقبال لاهور ۾ پنهنجي صدارت هيٺ مسلم ليگ جا 23 اڳواڻ گڏ ڪري هڪ اجلاس ڪوٺايو ۽ واضح طور تي چيو ته:

“In view of the present circumstances it is necessary to hold a special conference of the Muslims of Upper India in which the representatives from the North-West Frontier province, Balochistan. Sindh and Punjab should participate with a view to organising them to achieve the Islamic rights”

(موجود حالتن جي ڏس ۾ اهو ضروري آهي ته هندستان جي مٿئين حصي جي مسلمانن جي هڪ خاص ڪانفرنس ڪوٺائي وڃي، جنهن ۾ سرحد، بلوچستان، سنڌ ۽ پنجاب جي نمائندن کي شامل ڪيو وڃي ته جيئن اسلامي حق حاصل ڪري سگهن.)

لڳ ڀڳ سوا مهيني کان پوءِ 29 ڊسمبر 1930ع ۾ الهه آباد جي مسلم ليگ جي اجلاس (جنهن ۾ ڪورم به پورو نه هو) جي صدارتي خطاب ۾ هن وري ورجايو ته:

"Personally, I would like to see the Punjab, NWFP, Sindh and Balochistan amalgamated in to a single state self Government with in the British Empire or with out the British Empire, the formation of consolidated North west Indian Muslim state appears to me to be the final destiny of Muslim satleast of North west India….."

مان ذاتي طور ڏسڻ چاهيندس ته پنجاب، سرحد، سنڌ ۽ بلوچستان کي گڏي هڪ صوبي يا رياست ۾ تبديل ڪيو وڃي. جنهن جي پنهنجي حڪومت هجي پوءِ چاهي اهو برطانوي شهنشاهيت اندر ٿئي يا ان کان ٻاهر، دراصل هندستان ۾ اتر ــ اولهه مسلمان اڪثريتي رياست جو قيام مونکي مسلمانن يا گهٽ ۾ گهٽ اتر ـ اولهه هندوستان جي مسلمانن جي منزل نظر اچي ٿي.

غور ڪري ڏسبو ته اقبال جو تصور ان قسم جي رياست جو هو، جنهن جو عملي روپ اسين اڄوڪي پاڪستان جي صورت ۾ ڏسون ٿا. پر دلچسپ ڳالهه اها آهي ته اقبال جو اهو تصور ان وقت سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان مان ڪنهن کي به قبول نه هو. دراصل جڏهن 1940ع جي ٺهراءُ ۾ واضح طور اهو چيو ويو پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ صوبن جي حيثيت خودمختيار رياستن جي هوندي تڏهن وڃي ننڍين صوبن ان تي راضپو ڏيکاريو، ڇاڪاڻ ته خاص طور سنڌ کي ته بمبئي سرڪار جي حصي ۾ رهڻ جي صورت ۾ مهاسپائي ذهنيت جو تلخ بلڪ بدترين تجربو هو، جو سنڌ جا وسيلا ته لُٽيا پر سنڌ ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ جي سهولت به نه ڏنائون ته ڪٿي "جتن" جا ٻار پڙهي نه پون. انگريز به ائين ٿي چاهيو. پر هڪڙي ڳالهه طئي آهي ته اسان جي هن ملڪ ۾ شامل ٿيڻ خودمختيار حيثيت جي ضمانت هئي خود 1946ع ۾ ايسوسيئيشن پريس آف آمريڪا کي انٽرويو ڏيندي محمد علي جناح واضح طور چيو هو ته:

"The theory of Pakistan guaranteed that Feder ating units….. Would have all the autuonomy that you will find in the constitutions of the United States of America, Canada and Australia…… Each federating state or province would have legislative executive and branches of judicial system, each of the three Branches of Government constitutionally separate…."

(پاڪستان جو نظريو اها ضمانت ٿو ڏئي ته وفاقي ايڪاين کي اها سموري خودمختياري هوندي جيڪا توهان کي آمريڪا، ڪئنيڊا ۽ آسٽريليا جي آئيني ڍانچي ۾ نظر اچي. هر وفاقي رياست يا صوبي کي پنهنجو آئين سازيءَ، انتظامي ۽ عدالتي نظام هوندو ۽ حڪومت جا اهي ٽئي حصا وڌن آئيني طور ڌار هوندا......)

پر عملي طور ٿيو اهو جو هڪ ئي ڌاڪي اندر آڪٽوبر 1955ع ۾ پاڪستان جي ٽڏهوڪي گورنر جنرل غلام محمد ون يونٽ نافذ ڪري ڇڏيو. جيڪو دراصل 1930ع واري اقبال جي ان خواب

جي تعبير هو، جنهن کي اڪثريت سان رد ڪيو ويو هو. جيتوڻيڪ اڄ بظاهر ون يونٽ ناهي پر عملي طور تي ۽ خاص طور تي اوپر پاڪستان جي ڌار ٿيڻ کان پوءِ هي ملڪ ساڳيو اقبال جي تصور وارو ملڪ آهي. جنهن ملڪ جو ڍانچو 1940ع ۾ ڏنو ويو ۽ جنهن کي جناح بار بار ورجايو، ان جو پاڪستان سموري تاريخ ۾ وجود نه ڇا پر تصور به نه رهيو آهي. ان ڪري پاڪستان جي سموري تاريخ دراصل اسان سان بنيادي طور هڪ تاريخي دوکي ۽ ٺڳيءَ جي تاريخ آهي. پاڪستان ۾ حقيقي وفاقي يا پارلياماني نظام هجي ها ته ون يونٽ مڙهڻ جي ڪابه گنجائش هجي ها؟ ٻيو ته ٺهيو پر جي ملڪ ۾ وفاقي پارلياماني نظام هجي ها ته شيخ مجيب کي اڪثريتي مينڊيٽ باوجود ائين ٺڏيو وڃي ها ۽ اوپر پاڪستان کي زوريءَ ملڪ مان ڌار ٿيڻ تي مجبور ڪيو وڃي ها؟ حقيقت اها آهي ته 1940ع ۾ اقبال جي تصور واري پاڪستان جي لاءِ ڀرپور منظم ڪوشش ڪئي وئي ۽ 1971ع ۾ بنگال کي ڌار ڪري ان خواب کي مڪمل تعبير ڏني وئي. 1971ع کان پوءِ وارو پاڪستان به دراصل 1930ع ۾ اقبال واري پيش ڪيل ۽ اسان جي رد ڪيل تصور وارو پاڪستان آهي، جنهن جو عملي ڍانچو ۽ مطلب سواءِ گريٽر پنجاب جي ٻيو ڪجھ به نه آهي.

سڀ کان وڏي ڳالھ ته پارليامينٽ جو ڍانچو ئي غير وفاقي ۽ غير متوازن آهي. جيڪڏهن ٽي ننڍا صوبا سئو سيڪڙو متحد ٿي وڃن ته به هڪ صوبي يعني پنجاب جي اڪثريت آهي. معنيٰ پنجاب جي مرضيءَ کانسواءِ پارليامينٽ ۾ ڪوبه بل، قانون ۽ آئين پاس ٿي نه ٿو سگهي ۽ ڪابه پارٽي جيڪا وفاقي سياست ڪندي هجي اها عملي طور تي پنجاب وٽ يرغمال رهندي، ڇاڪاڻ ته پنجاب جي سياسي موٽ يا سهڪار کان سواءِ نه ته سندن اقتدار ۾ اچڻ ممڪن آهي ۽ رهندو ۽ نه هو ڪوبه قانون يا آئين ٺاهي سگهن ٿا.

پاڪستان ۾ وفاقي سياست جي نه هلي سگهڻ يا نه هلڻ جو هڪ بنيادي سبب ئي اهو آهي ته ملڪ ۾ وفاق، وفاقي ڍانچي ۽ وفاقي پارلياماني جمهوري نظام جو عملي طور ڪوبه وجود نه آهي.

## 2. سياست جا موجود ۽ اپرندڙ محرڪ وفاقي سياست جا نه آهن:

سياست رڳو خواهشن تي نه هلندي آهي پر دراصل سياست جا بنياد اُهي محرڪ هوندا آهن، جيڪي سياست کي اندر ئي اندر معروضي طور هلائيندا به آهن ۽ انجو مزاج ۽ رُخ به متعين ڪندا آهن. پاڪستان ۾ اندر جي گهرائيءَ سان ڏنو وڃي ته سياست جا محرڪ وفاقي رهيا ئي نه آهن ۽ جي ان جا محرڪ آهن ته اُهي ايترا سگهارا نه آهن. مثال طور وفاقي پارٽين وٽ سياست لاءِ هڪڙو ئي اِشو آهي ۽ اهو آهي جمهوريت! پر ڇا پاڪستان جي موجوده رياستي ڍانچي ۾ حقيقي معنيٰ ۾ هڪ متوازن ۽ سمورين قومن جي عوام جي نمائنده جمهوريت اچي سگهي ٿي؟ پاڪستان جي سموري تاريخ ۽ خاص طور تي 1971ع کان پوءِ جي تاريخ اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته ملڪ ۾ سڌو فوجي راڄ هجي يا بظاهر سول حڪومت پر پاڪستان جي موجوده رياستي ۽ پارلياماني ڍانچي ۾ حقيقي جمهوريت اچي سگهي ئي نه ٿي. جڏهن رياست ۽ پارليامينٽ جو ڍانچو ئي غير متوازن آهي ته اُتي سمورين ڌرين جي نمائنده جمهوريت جو اچڻ ڪئين ۽ ڪهڙيءَ ريت ممڪن آهي؟ رياست ۽ پارليامينٽ جي موجوده غير متوازن ڍانچي اندر جمهوريت جي خودفريبيءَ جا تجربا گهڻا ٿي چڪا

آهن. هاڻي عوام صرف جمهوريت جي ان خود فريب خواب جي خيالي ۽ تصوراتي تعبير لاءِ اچي وڙهي ۽ مزاحمت ڪري اهو ممڪن ئي نہ آهي. هي جيڪو بار بار چيو وڃي ٿو تہ وفاقي پارٽيون ۽ انهن جا اتحاد وسيع تر مزاحمتي عوامي جدوجهد ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن تہ ان جو بہ اصل سبب اهوئي آهي تہ عوام هاڻي ان ٺلهي آسري تي بنيادي ۽ فيصلائتي جدوجهد لاءِ اڳتي اچي قربانيون ڪونہ ڏيندو. چاڪاڻ تہ بنيادي ۽ فيصلائتي جدوجهد هاڻي بنيادي ۽ فيصلائتن سوالن ۽ محرڪن جي حوالي سان ئي ٿي سگهي ٿي.

ٻئي طرف ڏٺو وڃي تہ سياست جا سمورا محرڪ وفاقيءَ بدران قومي ۽ وطن دوست جدوجهد ۽ سياست جي نسبت سان آهن. مثال طور صوبن ۽ قومن جي خودمختياريءَ ۽ حق حڪمرانيءَ جو سوال، اختيارن ۽ شعبن جي درجہ بندي ۽ ورهاست جو سوال، وسيلن جي صحيح ورڇ جو سوال، ناڻي پاڻيءُ جي تڪرارن جي نيبري جو سوال، قدرتي وسيلن تي مالڪيءَ جو سوال، آدمشماريءَ ۽ ڊيمو گرافيءَ جو سوال، روزگار ۽ ترقيءَ جو سوال، اهي سمورا سوال اهڙا آهن جن جا نہ رڳو سبب قومي سوال ۾ آهن پر انهن جا پس و پيش ۾ حل بہ قومي سوال ۾ آهن. انهن مان ڪوبہ اهڙو اشو يا تڪرار اهڙو نہ آهي جنهن جو انصاف ۾ريو نبيرو موجوده غير متوازن رياستي ۽ پارلياماني ڍانچي اندر ڪنهن بہ نام نهاد جمهوريت اندر آئيني ۽ عملي طرح ممڪن هجي. جڏهن تہ سياست جا محرڪ هاڻي بنيادي طور تي اهي آهن. ان جو مثال هيئن بہ ونئي سگهجي ٿو تہ اڄ ڪان ڪجهہ ڏهاڪا اڳ قومي ۽ صوبائي حقن جي ڳالهہ ڪي نام نهاد وفاقي حڪومتون ۽ ڌريون ملڪ دشمني قرار ڏينديون هيون پر اڄ ڏٺو وڃي تہ ڪير ڪنهن جي محرڪن جي سياست ڪرڻ تي مجبور آهي؟ ڇا قومي ۽ وطن دوست سياست جون نمائنده ڌريون وفاقي پارٽين جي محرڪن ۽ اشوز تي سياست ڪرڻ لاءِ مجبور يا پابند آهن؟ اڄ ملڪ ۾ اُٿل پٿل نام نهاد جمهوريت جي سوال تي آهي يا ڪالاباغ ڊيم، پاڻي، ناڻي ۽ وسيلن تي مالڪيءَ جي اشوءَ تي آهي؟ ڪالهہ تائين جيڪي اشوز ملڪ دشمني ليکيا هئا، اڄ اُهي نہ رڳو سيڪيولر وفاقي ڌرين جي اشوز طور بہ سامهون اچي رهيا آهن پر مذهبي پارٽيون بہ ان جدوجهد ۾ گڏ هلڻ تي مجبور آهن. ڪهن ٿي ڄاتو تہ جماعت اسلامي بہ بلوچستان ۾ آپريشن جي خلاف اُٿي بيهندي ۽ ڪالاباغ ڊيم جي اشوءَ تي سنڌ جي عوام سان گڏ بيهندي؟

ان ڪري جيڪڏهن غورڪيو وڃي ۽ گهرائيءَ سان ڏٺو وڃي تہ پاڪستان ۾ وفاقي سياست جو دور ان ڪري بہ پُڄاڻيءَ ڪي رسي رهيو آهي ، چاڪاڻ تہ سياست جا محرڪ وفاقي سياست نہ پر قومي ۽ وطن دوست سياست سان هم آهنگ آهن.

## 3. وڏيون وفاقي پارٽيون پنهنجي حيثيت وڃائي رهيون آهن:

جيڪڏهن پاڪستان جي سياسي منظرنامي تي نظر وجهبي تہ هڪ ڳالهہ آهستي آهستي بنهہ واضح ٿي رهي آهي تہ ملڪ ۾ وڏيون وفاقي پارٽيون بتدريج پنهنجي وفاقي حيثيت ۽ سگهہ وڃائي رهيون آهن.

جيتوڻيڪ ان جا ٻيا بہ سبب آهن پر دراصل بنيادي سبب مٿي بيان ڪيل ڳالهيون آهن. پاڪستان ۾ مذهبي سياسي پارٽين جو فنا منا ئي الڳ آهي. ان جو عوام ۽ سماج جي محرڪن سان ڪوبہ تعلق

نه آهي. هونئن به وات جي پُلاءَ کي گيهه جي ڪابه ضرورت نه هوندي آهي. پر اسان ملڪي سطح تي هن وقت پ پ پ ۽ پاڪستان مسلم ليگ (ن) کي وفاقي سياست جون دعويدار سياسي پارٽيون چئي سگهون ٿا، جن جي بهرحال سگهه رهي آهي. جيڪڏهن رڳو هنن ٻن پارٽين کي ئي ڪيس اسٽڊي ۽ مثال طور ڪنيو وڃي ته به اها ڳالهه صاف نظر اچي رهي آهي ته اهي ٻئي پارٽيون اڳ جي ڀيٽ ۾ پنهنجي سگهه تيزيءَ سان وڃائي رهيون آهن.

اچو ٿورو ان جي سببن ۽ معروضي حالتن جو به جائزو وٺون.

## پ پ پ:

جيتوڻيڪ وفاقي سياسي پارٽين جي بتدريج ڪمزور ٿيڻ ۾ هڪڙا ته ساڳيا فيڪٽر آهن يعني اهي ته اسٽيبلشمينٽ هٿ وٺي ڪين ڪمزور ڪرڻ ۽ ڪنڊائتو ڪرڻ جي ڪم ۾ رُڌل آهي پر ان جا ڪجهه ٻيا سبب به آهن، جيڪي هر پارٽيءَ جي نسبت سان مختلف به آهن. پ پ پ جي حوالي سان هيٺين سببن تي غور ڪري سگهجي ٿو.

## مُڊي خارخ قوتن جي پارٽي:

جيتوڻيڪ شهيد ڀُٽي جي دؤر ۾ پ پ پ هڪ وڏي عوامي پارٽيءَ جي حيثيت ۾ اُڀري هئي ۽ ان جو نعرو به "اَنو، لٽو ۽ اجهو" هو پر شهيد ڀٽي جي دؤر ۾ ئي پيپلز پارٽي پنهنجو بنيادي جوهر ۽ ڪردار تبديل ڪري ڇڏيو هو. پيپلز پارٽي ڳالهه عوام جي طاقت جي سرچشمن جي ٿي ڪئي پر عملي طور ڀٽي صاحب جي دؤر ۾ ئي پيپلز پارٽيءَ ڀهرين وڏيرڪي ڪلاس کي وقتي طور پنهنجي Terms تي آڻي پوءِ پارٽيءَ جون واڳون هيٺ سندن حوالي ڪري ڇڏيون هيون. هتي پ پ پ جي پوري تاريخ تي تفصيل سان لکڻ جي گنجائش نه آهي. سوال اهو نه آهي ته ڪنهن وسيع تر عوامي پارٽيءَ ۾ مٿين طبقن مان ماڻهو نه هجن پر سوال اهو آهي ته پارٽيءَ ۾ بنيادي طور حاوي مفاد ڪنهن جو هجي؟ مخصوص وڏيرڪي ٽورائيءَ جو يا عوام جو؟ پيپلز پارٽي اوائلي دؤر ۾ هڪ حد تائين عوام کي سياسي شعور ضرور ڏنو پر پوءِ عوام جي طاقت جي سرچشمن کي وڏيرڪي ٽورائيءَ جي گروهي ۽ طبقاتي مفادن لاءِ استعمال ڪيو.

وڏيرڪو طبقو نه رڳو ٽورائيءَ ۾ آهي پر تاريخي طور تي ڪو اڳتي وڌندڙ، روشن خيال، ترقي پسند نه پر دراصل هڪ مُڊي خارج ۽ عوام دُشمن طبقو آهي. ان جو سبب اِهو آهي ته اهو طبقو تاريخي طور هڪ مُڊي خارج سماجي نظام سان سلهاڙيل آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته پيپلز پارٽي هاڻي گهڻي ڀاڱي مُڊي خارج قوتن جي پارٽي آهي. عوام ته نهيو پر پارٽي مڊل ڪلاس کي به ليڊرشپ سطح تي جاءِ ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي. 1988ع جون چونڊون عوام طرفان هڪ خاموش انقلاب هو، جيڪو پارٽيءَ ضايع ڪري ڇڏيو. اُن ۾ پ پ پ چاهي ها ته مڊل ڪلاس کي اڳتي آڻي نه رڳو سنڌ جي سماج ۾ بنيادي اسٽرڪچرل تبديليون آڻي پئي سگهي پر اُها پنهنجا به نئين دؤر ۾ مضبوط ۽ جٽادار بنياد رکي سگهي ها. پر ائين نه ٿيو ۽ هاڻي ته ائين ٿيڻ جو ڪو امڪان ئي نظر نٿو اچي.

## ڪارڪنن جو ادارو ختم ڪرڻ:

ڪارڪن ڪنهن به پارٽيءَ جو حقيقي سياسي سرمايو هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته ڪارڪن پارٽيءَ جي زمين ۾ ڪُتل پاڙ به هوندا آهن ته پارٽيءَ جي تحفظ جي مضبوط ديوار به هوندا آهن. ڪارڪن پارٽيءَ جي زبان، ان جا هٿ، پير، اکيون ۽ ڪن به هوندا آهن ته ان جا روح به هوندا آهن، مجموعي طور ڪارڪن عوام ۾ پارٽيءَ جا سفير هوندا آهن. پارٽي عوام سان ڪارڪنن معرفت رابطي ۾ رهندي آهي ۽ ساڳيءَ طرح عوام به پارٽيءَ سان ڪارڪنن جي معرفت رابطي ۾ رهندو آهي. پيپلز پارٽي ان لحاظ کان هڪ ڀاڳ واري پارٽي هئي جو ان کي سڄي ملڪ ۾ مخلص ۽ ڪميٽيڊ ڪارڪنن جو هڪ وڏو انگ مليو. ڀٽي صاحب جيتوڻيڪ پنهنجي ئي زماني ۾ پارٽيءَ ۾ وڏيرڪي طبقي کي اڳتي آندو هو پر هن ساڳي وقت ڪارڪنن کي سنڀاليو. هو انهن کي اهميت ڏيندو هو، کين ٻائيندو هو ۽ وڏي ڳالهه ته کين ٻڌندو هو پر بينظير ڀٽو خاص طور تي 1988ع کان پوءِ آهستي آهستي پارٽيءَ اندر ڪارڪنن جي ”اداري“ جو دؤر پڄاڻي تي رسايو. جڏهن کان پارٽيءَ اندر اهو ڪلچر متعارف ڪرايو ويو ته پارٽيءَ ۾ اهميت ان کي هوندي جنهن وٽ پئسا گهڻا هوندا يا جيڪو پارٽيءَ يا چوندن تي پئسا وڌيڪ خرچ ڪندو، تڏهن کان ڪارڪن آهستي آهستي يا ته پاسيرا ٿي ويهي رهيا يا هنن پارٽيءَ جي ”بااثر“ ماڻهن جو پگهاردار ٿي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. اڄ پارٽيءَ وٽ هر سطح تي اڳواڻ وڌيڪ آهن پر ڪارڪن بنهه گهٽ آهن. پارٽيءَ جي قيادت هٿ وٺي يا ته ڪارڪنن کي ويهاريو يا ڀڄايو ۽ ڪرپٽ ڪيو. پيپلز پارٽيءَ جو پراڻو ۽ اصلوڪو ڪارڪن وڏيرڪي پارٽي هئڻ جي باوجود بنيادي طرح ڪرپٽ نه هو. هاڻي پيپلز پارٽيءَ ۾ ڪارڪنن جو ”ادارو“ جيڪو ئي دراصل پارٽيءَ جي سگهه هو، تنهن کي پاڻ ئي هٿ وٺي تباهه ڪري ڇڏيو. اڄ پيپلز پارٽيءَ پاران وڏي ۽ سگهاري عوامي جدوجهد نه ڪري سگهڻ جو هڪ بنيادي سبب اهو به آهي. پ پ پ اڄ اتحادن جي سهاري ته جدوجهد ۾ شامل رهي ٿي پر هڪ وڏي عوامي پارٽيءَ جي حيثيت ۾ ان جي پنهنجي اڪيلي سر جدوجهد ڪٿي آهي؟

## سياست جي محرڪن کي نه سمجهڻ:

سياست جا بنياد محرڪ هوندا آهن ۽ محرڪ به اُهي جيڪي فرضي يا اختراعي نه پر معروضي حقيقتن تي ٻڌل هجن. پيپلز پارٽيءَ بينظير ڀٽو جي اڳواڻيءَ کان پوءِ خاص طور تي اِهو ڄڻ ته عملي طور تي ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته اُها سياست جي معروضي مُحرڪن کي سمجهي ئي نه ٿي.

مثال طور اها ڳالهه طئي آهي ته هن ملڪ ۾ اسٽيبلشمينٽ طاقت جي توازن جي تبديل ٿيڻ کانسواءِ ڪڏهن به اختيار ۽ اقتدار جي جان نه ڇڏيندي. اها ڳالهه به طئي آهي ته طاقت جو اِهو توازن سواءِ عوام جي فيصلائتي جدوجهد ۽ مزاحمت کانسواءِ تبديل نه ٿيندو پر پ پ پ جو هڪ طرف ان سطح جي جدوجهد جو ڪو ارادو نظر نه ٿو اچي ته ٻئي طرف اُها اڄ به اسٽيبلشمينٽ سان ڪنهن ڊيل لاءِ واجهائيندي نظر اچي رهي آهي. محترمه بينظير ڀٽو جو رويو آنگ سانگ سُوچيءَ وارو نه آهي. ڀلا پ پ پ جو منشور اڄوڪي دؤر جي محرڪن ۽ اشوز بابت ڪا واضح پاليسي ڏئي ٿو؟ سمورو عوام آمريڪا کي سامراج سمجهي ٿو ۽ ان جي خلاف آهي پر پ پ پ جي قيادت ان جي ڪردار خلاف

ڪجھ بہ ڳالهائڻ لاءِ تيار آهي؟ شهيد ڀٽي کي سزا ڏي سامراج دشمنيءَ جي ملي پر اڄ سندس پارٽيءَ جي قيادت ان حوالي سان عوام جي ترجماني ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. سياست جا آبجيڪٽو محرڪ سمجهڻ کان سواءِ سياست ڪرڻ جو مطلب ائين آهي جئين هوا ۾ لٺيون هڻڻ.

## اندروني گروهہ بنديءَ جو شڪار ٿيڻ:

سياسي پارٽي اندر هونئن تہ روين ۾ جزوي سوچن جا فرق ۽ اختلاف هر سطح ۽ هر جاءِ تي موجود هوندا آهن پر اندروني گروهہ بندي پارٽيءَ لاءِ ڄڻ تہ اڌوهي هوندي آهي. جي پارٽي اندروني طور گروهہ بندين ۽ بدنظميءَ جو شڪار آهي تہ ان کي ڄڻ تہ ٻي ڪنهن بہ ٻاهرين دشمني جي ضرورت ئي نہ آهي. دراصل جڏهن پارٽيون پنهنجا نظرياتي بنياد وڃائي ويهنديون آهن ۽ انفرادي مفاد هر سطح تي حاوي ٿي ويندا آهن تہ پوءِ گروهہ بنديون ان جو منطقي نتيجو هونديون آهن. پ پ پ سان بہ ائين ئي ٿيو آهي ۽ اها صورتحال بہ ڄڻ تہ پارٽي قيادت هٿ وٺي پيدا ڪئي آهي. جڏهن پارٽيءَ ۾ قربانين، ايمانداريءَ، پورهيي ۽ ڪميٽمينٽ توڙي جدوجهد بجاءِ معتبريءَ جا معيار، طبقو پئسو ۽ چاپلوسي هوندا تہ پوءِ پارٽيءَ تي انفرادي مفادن جو حاوي ٿيڻ هڪ فطري ڳالهہ آهي. پيپلز پارٽي ڏينهون ڏينهن بدترين اندروني گروهہ بنديءَ جو شڪار آهي. هر ضلعي ۾ پارٽيءَ اندر مختلف لابيون هر وقت هڪ ٻئي خلاف عملي طور تي سرگرم آهن. اها ساڳي صورتحال صوبائي ۽ مرڪزي سطح تي بہ آهي. پارٽيءَ اندر جمهوري سرشتي جو ڪوبہ وجود نہ آهي، جيڪو ڪارڪنن ۽ اڳواڻن کي هر سطح تي صحت مند چٽاڀيٽيءَ جو موقعو فراهم ڪري سگهي. هاڻي تہ هر ڪارڪن بہ پارٽيءَ بجاءِ پارٽيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن سگهاري اڳواڻ جو ”ماڻهو“ آهي. ڪارڪن ڄڻ تہ گهٽي پاڳي اڳواڻن جا ذاتي ڪمدار آهن. هڪ طرف اها صورتحال آهي تہ ٻئي طرف ان جي بهتريءَ جي پري پري تائين ڪا صورتحال نظر نہ ٿي اچي.

## جدوجهد کي اوليت نہ ڏيڻ:

جدوجهد ٿين دنيا جي سياست جو روح آهي. جدوجهد کانسواءِ پارٽيون پنهنجي سگهہ برقرار رکي سگهن ۽ اڳتي وڌي سگهن، اهو ممڪن نہ آهي. پيپلز پارٽيءَ، ايم آر ڊيءَ کان پوءِ خاص طور 1988ع کان پوءِ ڄڻ تہ عملي طور جدوجهد جي خفي مان ئي هٿ ڪڍي ڇڏيو آهي. ان سڄي عرصي ۾ ڪوبہ اهڙو موقعو نہ آهي، جڏهن پيپلز پارٽيءَ اڪيلي سر توڙي اتحادن جي ذريعي ڪا وڏي عوامي جدوجهد هلائي هجي. رسمي اتحاد ناهڻ، انهن ۾ شامل ٿيڻ توڙي سندن جدوجهد ۾ هڪ حد تائين حصو وٺڻ ٻي ڳالهہ آهي پر جيڪا پارٽي ملڪ جي وڏي ۾ وڏي پارٽي هجڻ جي دعويدار هجي، اُها ان سطح جي عوامي جدوجهد نہ هلائي يا نہ هلائي سگهي تہ ان کي ڇا چئجي؟ جيتوڻيڪ پيپلز پارٽي ويجهي عرصي ۾ اينٽي گريٽر ٿل ڪئنال ۽ ڪالا باغ ڊيم ايڪشن ڪميٽيءَ جي جدوجهد ۾ شامل رهي آهي پر سوال شامل رهڻ جو نہ آهي جنهن سطح جي هيءَ پارٽي آهي، ان سطح جي جدوجهد ۽ احتجاجن ۾ سندن پارٽيءَ جي شرڪت ڪٿي هوندي آهي؟ اصل ۾ پيپلز پارٽيءَ پنهنجو جدوجهد وارو مزاج ۽ رستو ئي تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

## غير يقينيت جو شڪار رهڻ:

موجوده حالتن ۾ پارٽيءَ جو وڏي ۾ وڏو مسئلو غير يقينت جي ڪيفيت ۾ رهڻ آهي. حالتون ڪيتريون به ڏکيون ۽ غير يقينيت جو شڪار هجن پر عوامي پارٽيون عوام کي اُتساهه ۽ ويساهه ڏينديون آهن، ڪين منظم ڪري جدوجهد جي ميدان تي لاهينديون آهن ۽ عوام جي مايوسيءَ کي اميد ۾ تبديل ڪنديون آهن پر جي پارٽيون پاڻ ئي غير يقنيت جو شڪار هجن ته پوءِ اُهي عوام کي ڇا منظم ۽ متحرڪ ڪري سگهنديون؟ پيپلز پارٽيءَ سان به اهائي صورتحال لاڳو آهي. عوام کي ڪابه پَڪ نه آهي ته پارٽيءَ جي قيادت جي مَنَ ۾ ڇا آهي؟ سندن پاليسيون ڇا آهن؟ پارٽي جدوجهد ڪندي يا نه؟ اُها پس و پيش ڪمپرومائيز ڪندي يا مزاحمت ۽ جدوجهد کي اوليت ڏيندي؟ پارٽي هر قيمت تي اقتدار ۾ حصيداري کي اوليت ڏيندي يا عوام جي مفادن کي؟ عوام ته نهيو پر خود پارٽيءَ جي ڪارڪنن کي به ان باري ۾ ڪا پڪ نه آهي. اصل ۾ پارٽيون غير يقينيت جو شڪار تڏهن ٿينديون آهن جڏهن سندن پاليسيون ۽ ترجيحون واضح نه هونديون آهن، جڏهن سندن نظريي ۽ عمل ۾ تضاد هوندو ۽ جڏهن اُهي موقع پرستيءَ جو شڪار ٿينديون آهن.

حقيقت اها آهي ته ڊگهو وقت غير يقينيت ۾ رهندڙ پارٽيون پل ته بظاهر ڪيڏيون به وڏيون هجن پر اهي آهستي آهستي عوام لاءِ اُتساهيندڙ نه رهنديون آهن ۽ عوام به ڪائن بتدريج لاتعلق ٿيندو ويندو آهي. جيتوڻيڪ هڪ طرف پ پ پ کي ڪمزور ڪرڻ ۾ اسٽيبلشمينٽ وَسان ڪونه گهٽايو آهي پر ٻئي طرف اهي به بنيادي سبب آهن، جن جو ذڪر اسان مٿي ڪري آيا آهيون.

اچو ته هاڻي هڪ ٻي وڏي وفاقي پارٽي پاڪستان مسلم ليگ (ن) جو جائزو وٺون.

## پاڪستان مسلم ليگ (ن):

پاڪستان مسلم ليگ (ن) پاڪستان جي ويجهي ماضيءَ جي تاريخ ۾ عجيب مرحلا طئي ڪندڙ پارٽي آهي.جنهن مسلم ليگ ملڪ جي قيام لاءِ جدوجهد ڪئي اُها پاڪستان نهڻ ڪانپوءِ گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪري سگهي ۽ عملي طور دفن ٿي وئي. پر مسلم ليگ اسٽيبلشمينٽ جي هڪ ڪارڊ طور سدائين زندهه رکي وئي يعني جڏهن جڏهن ڪين ضرورت پوندي هئي، مسلم ليگ جو جن بوتل مان ڪڍيو ويندو هو. هر آمر ان ڪارڊ کي سياست خلاف استعمال ڪيو. آخري ڀيرو جنرل ضياءُ الحق جڏهن 1985ع ۾ غير جماعتي چونڊون ڪرايون ته تڏهن دنيا جي تاريخ ۾ شايد پهريون موقعو هو، جڏهن غير جماعتي طور چونڊجي آيل هڪ پارليامينٽ ۾ ميمبرن جي اڪثريت گڏائي ۽ انکي مسلم ليگ جو نالو ڏنو ويو. ان زماني ۾ محمد خان جوڻيجو ان جو اڳواڻ رهيو. ميان نواز شريف بابت اهو ڪو لڪل راز نه آهي ته ان کي ضياءَ جي دؤر ۾ ايجنسين جي معرفت سياست ۾ آندو ۽ اُڀاريو ويو. ان دؤر ۾ هو صوبائي وزارتن تي رهيو. محمد خان جوڻيجو وزيراعظم هو ته هو پنجاب جو وڏو وزير رهيو. ايجنسيون هن کي مسلم ليگ جي مستقبل جي اڳواڻ طور اُڀاري رهيون هيون پر ان زماني ۾ هن جي هڪ سڃاڻپ ٻي به هئي يعني پنجابي شائونسٽ قومپرستيءَ جي علمبردار طور به اُڀري رهيو

هو. محمد خان جوڻيجو هڪ طرف حڪومت مان برطرف ڪيو ويو ته ٻئي طرف هن جي پارٽيءَ جي سربراهيءَ به گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪري سگهي ۽ اڳتي هلي ائين ئي ٿيو، جنهن جو امڪان هو يعني ميان نواز شريف مسلم ليگ جو سربراهه ٿي ويو. جيتوڻيڪ ميان نواز شريف جو ڪوبه سياسي پس منظر نه هو پر هن آهستي آهستي پاڻ کي تبديل ڪرڻ شروع ڪيو. هن سياسي طور بلندبرس به جام ڪيا پر هن ۾ هڪ عنصر اهو اُڀرڻ شروع ٿيو جو هن هڪ موقعي تي اچي اسٽيبلشمينٽ کي اکيون ڏيکارڻ شروع ڪيون. حڪومت ۾ رهي غلط يا صحيح پر فيصلا پاڻ ڪرڻ شروع ڪيا. يعني جنهن ماڻهوءَ کي اسٽيبلشمينٽ ناهيو ئي سياست ۾ پنهنجن مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ هو، اهو وڏيڪ سندن هٿن ۾ ساڳيءَ طرح ڪيڏڻ لاءِ تيار نه هو. اهو ٿيڻ فطري به آهي، ان ۾ ڪابه عجب جي ڳالهه نه آهي. ماڻهو فطرت جي ٻين لقائن جيان پنهنجي اُبتڙ ۾ به تبديل ٿي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ ميان نواز شريف جي سياست ڪو صحيح معنىٰ ۾ جمهوريت پسند، روشن خيال ۽ اسٽيبلشمينٽ مخالف نه هئي. ان تي آخر تائين پنجابي شائونزم جو رنگ حاوي هو پر هڪ ڳالهه صاف نظر پئي آئي ته هو اسٽيبلشمينٽ جي هٿن ۾ اڳ جيان سندن (Terms) تي ڪيڏڻ لاءِ وڏيڪ تيار نه هو ۽ هن پنهنجا سياسي فيصلا پاڻ ڪرڻ پئي چاهيا ۽ ڪرڻ شروع ڪيا. دراصل نواز شريف کي سزا به ان ئي ڳالهه جي ڪري ملي جو هڪ ته ڪيس زوريءَ جلاوطن ڪيو ويو، ٻيو سندس پارٽيءَ کي ٽوڙيو ويو ۽ ٽيون ته پاڪستان مسلم ليگ (ق) جي نالي سان هڪ ڪوڙي، هٿ ٺوڪي ۽ بوگس سياسي پارٽي ٺاهي، انکي اقتدار ڏنو ويو. جيتوڻيڪ ميان نواز شريف جي جلاوطنيءَ کان پوءِ ملسم ليگ (ن) جي ڪردار ۾ وڏو بنيادي فرق آيو آهي پر ان جي باوجود ضرورت آهي ته ان جي سموري بيهڪ ۽ ان سان لاڳاپيل سوالن تي غور ڪيو وڃي . اچو ته ٿورو انهن سوالن جو جائزو وٺون:

## اسٽيبلشمينٽ پنجاب ۾ سياست ئي نه ٿي چاهي:

ملڪ جي نئين منظرنامي ۾ پاڪستان مسلم ليگ (ن) کي جيڪي وڏا چئلينج درپيش آهن، انهن ۾ اهو آهي ته اسٽيبلشمينٽ هوندئن ته سڄي ملڪ ۾ پر خاص طور تي پنجاب ۾ سياست چاهي ئي نه ٿي. پنجاب کي اسٽيبلشمينٽ پنهنجي سياسي Constituency سمجهي ٿي. مسلم ليگ (ن) جو جئين ته سمورو زور ۽ بنياد پنجاب ۾ آهي، ان ڪري اسٽيبلشمينٽ ائين سولائيءَ سان نوازشريف کي پنجاب ۾ هاڻي جاءِ نه ڏيندي. نواز شريف جن مقصدن لاءِ سياسي طور ناهيو ۽ اُڀاريو ويو هو، جي بدستور ائين رهي ها ۽ هڪ ڏاڪي تي اچي اسٽيبلشمينٽ کي اکيون نه ڏيکاري ها ته اسٽيبلشمينٽ وٽ هن کان بهتر ٻي ڪابه چوائس موجود نه هئي. هاڻي بدليل حالتن ۾ پاڪستان مسلم (ن) پاڻ کي بهرحال هڪڙي سياسي سوچ واري ڌُر ثابت ڪيو آهي ۽ ان پنهنجي رويي ۽ مزاج کي به گهڻو تبديل ڪيو آهي. ان ڪري جئين ته اسٽيبلشمينٽ ملڪ ۾ پر خاص طور تي پنجاب ۾ سياست کي برداشت ڪرڻ لاءِ به تيار نه آهي. ان ڪري اهو پاڪستان مسلم ليگ (ن) لاءِ هڪ مستقل ۽ وڏو چئلينج آهي ۽ رهندو.

## پاڪستان مسلم ليگ (ن) به واٽي تي بيٺل آهي:

جيڪڏهن پاڪستان مسلم ليگ کي گهرائيءَ سان ڏسجي ته واضح طور تي نظر ايندو ته اُها هينئر بہ مختلف سوچن، روين، پاليسين ۽ ترجيحن جي بہ واٽي تي بيٺل آهي. يعني هڪڙي ساڳي روايتي اسٽيٽسڪو جي اندر اسٽيبلشمينٽ سان سندن Terms تي ٺهي هلندڙ سوچ ۽ ٻي اسٽيبلشمينٽ مخالف سوچ. هڪ سوچ جي نمائندگي چوڌري نثار ۽ شهباز شريف جهڙا ماڻهو ڪن ٿا ۽ ٻي سوچ جي نمائندگي جاويد هاشمي جهڙا اڳواڻ ۽ ڪارڪنن جو وڏو انگ ڪري ٿو ۽ نظر پيو اچي ته ميان نواز شريف بہ ان ئي سوچ جو حامل ٿي چڪو آهي. جيتوڻيڪ مٿان کان هيٺين سطح تائين هينئر مسلم ليگ (ن) ۾ ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي گهڻائي اسٽيبلشمينٽ مخالف نظر اچي ٿي پر ڏسجي ته مستقبل ۾ پارٽيءَ اندر ڪهڙي سوچ، رويو ۽ پاليسي حاوي رهي ٿي؟ ڇاڪاڻ ته پارٽيءَ جو دارومدار ان تعين تي بہ آهي.

## غير يقينيت جو شڪار رهڻ:

جنهن غير يقينيت جو شڪار پ پ پ آهي، اها ساڳي صورتحال پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي بہ آهي. جيتوڻيڪ موجوده حالتن ۾ پاڪستان مسلم ليگ (ن) جو ڪردار ۽ پاليسيون حالتن مطابق بهتر آهن پر پارٽيءَ بابت غير يقينيت جي صورتحال اڄ بہ موجود آهي. ماڻهن کي ڪابہ پڪ نہ آهي تہ مسلم ليگ (ن) پنهنجي غدارن کي بدليل حالتن ۾ وري واپس وٺندي يا ڪين هميشه لاءِ پارٽيءَ ۾ جاءِ نہ ڏيندي؟ في الحال تہ مشرف جئين تہ پارٽيءَ جي خلاف آهي، ان ڪري مسلم ليگ (ن) بہ سندس خلاف نظر اچي ٿي پر ڇا مشرف ڪانپوءِ بہ مسلم ليگ جو اسٽيبلشمينٽ بابت رويو ساڳيو جاري رهندو يا نہ؟ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ مسلم ليگ (ن) سياڻي وري بہ اسٽيبليشمينٽ جي Terms تي سندن مفاهمت سان اقتدار ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪندي يا اُها پنهنجي Terms تي ۽ مزاحمت سان طاقت جو توازن تبديل ڪري پوءِ اقتدار ۾ ايندي؟ مسلم ليگ (ن) سياست جا معروضي محرڪ سمجهي، ان بنياد تي سياست ڪندي يا اُها ماضيءَ جيان هڪ فرد جي فيصلن جي طابع هوندي؟ اهي سمورا سوال موجود آهن ۽ مسلم ليگ (ن) جي حوالي سان عوام وٽ انهن سوالن جو ڪوبہ خاطر خواهہ جواب موجود نہ آهي. ان ڪري عوام وٽ مسلم ليگ (ن) بابت بہ شايد غير يقينيت موجود آهي.

## 4. اسٽيبلشمينٽ بہ هاڻي مضبوط وفاقي سياست نہ ٿي چاهي:

هڪ طرف وفاقي سياست ۽ ان جي بہ نمائنده سياسي پارٽين جو اهو حال آهي تہ ٻئي طرف نظر ائين پيو اچي تہ خود بدليل ۽ بدلجندڙ حالتن ۾ اسٽيبلشمينٽ بہ هاڻي ملڪ ۾ مضبوط وفاقي سياست نہ ٿي چاهي. ڇاڪاڻ تہ وفاقي پارٽيون بہ اُهي سوال کڻڻ تي مجبور آهن، جيڪي اسٽيبلشمينٽ کي ڪنهن بہ طور (Suit) نہ ٿا ڪن. قومي سياست جا محرڪ سڌو سنئون اسٽيبلشمينٽ جي طاقت جي اسٽيٽسڪو کي چئلينج ڪن ٿا ۽ نين حالتن ۾ وفاقي پارٽيون ساڻن هم آواز ٿيڻ لاءِ مجبور آهن، جيڪا ڳالهہ ڪنهن بہ طور "ڪين" پسند نہ ٿي اچي. جڏهن ڪان وفاقي پارٽيون بہ هڪ حد تائين قومي سوال جي محرڪن جي سياست پويان هلڻ لاءِ مجبور ۽ تيار ٿيون آهن تڏهن اسٽيبلشمينٽ خود بہ چاهي ٿي تہ ملڪ ۾ هاڻي وفاقي سياست بہ ڪنهن طور مضبوط نہ هجي. اسٽيبلشمينٽ کي Suit ڪري

ٿو تہ سياست مجموعي طور ورهايل ۽ منتشر هجي تہ جيئن عوام جو ڪوبہ واحد اڪثريتي مينڊيٽ پارليامينٽ اُبري نہ اچي. هو پاڪستان مسلم ليگ (ق) جا نالا ۽ صورتون پيا مٽائيندا پر ڳالهہ ساڳي هوندي تہ مرڪز ۾ وڏي ڌر سئو سيڪڙو سندن پنهنجي هجي. پر ظاهر آهي تہ ان سان سرڪار جو جڳاڙ تہ ٿي ويندو پر عملي طور ملڪ ۾ وفاقي سياست جي پڄاڻي ٿي ويندي، جنهن جا واضح آثار نظر اچي رهيا آهن.

## 5. هاڻي ڪمزور وفاقي نہ پر مضبوط صوبائي/ قومي پارٽيون گهرجن:

مٿي ڄاڻايل سمورن محرڪن، سببن ۽ فيڪٽرس ڪري اهو صاف نظر اچي رهيو آهي تہ ملڪ ۾ وفاقي سياست جو دؤر پنهنجي پڄاڻي ڪي رسي رهيو آهي. ملڪ جي سموري تاريخ ۾ وجي بہ وڏيون وفاقي پارٽيون هڪ پراسس ۾ نهيون پر انهن ڪي بہ هن ملڪ ۾ هلڻ نہ ٿو ڏنو وجي ۽ ٻين مٿي ڄاڻايل انيڪ سببن ڪري اُهي رسمي طور تہ هلن ٿيون پر ڏينهون ڏينهن اڳتي وڌنڌڙ روين سان وڌي نہ ٿيون سگهن. اهڙي صورتحال ۾ انهن ڪانسواءِ ڪي ٻيون مضبوط وفاقي سياسي پارٽيون عوام جي سگهہ سان مٿي اُبري سگهن، اُهو نظر نہ پيو اچي ۽ حقيقت اها آهي تہ هاڻي ملڪ ۾ ڪمزور وفاقي پارٽين بجاءِ مضبوط ۽ سگهاريون صوبائي/ قومي پارٽيون گهرجن. اهائي هن دؤر جي گهرج بہ آهي ۽ ان طرح سان ئي سياست ۾ وري روح ڦوڪجي سگهجي ٿو ۽ طاقت جي توازن ڪي تبديل ڪري سگهجي ٿو.

حوالا:

1، 2، 3، حيدربخش جتوئي جي ڪتاب Statement of the Accused جي مهاڳ مان ورتل. پاران: محمد ابراهيم جويو.

“Victories that are easy are cheap those only are worth having which come as the result of hard fighting”

H.W.Beecher.

# پاڪستان ۾ تضادن جون مختلف صورتون ۽ امڪاني نتيجا

هونئن ته تضاد هڪ فطري شيءِ آهي، جيڪو فطرت توڙي سماج اندر مختلف صورتن ۾ موجود رهن ٿا. تضاد قطعي ۽ حتمي طور فطرت توڙي سماج مان ڪڏهن به ختم نه ٿا ٿي سگهن. هڪڙي ڪي حل يا Rationalize ڪبو ته بيا اُڀري ايندا. انڪري تضاد زندگيءَ ۾ فطرت جو هڪ اڻ ڪٽ ۽ متحرڪ سلسلو آهن. جيتوڻيڪ تضاد بظاهر پيچيده ٿين ٿا پر اُهي دراصل ڇڪتاڻ ۽ تڪرارن سان گڏوگڏ پس و پيش واڌاري ۽ اوسر جا بنياد به آهن. تضادن ڪانسواءِ ڪائنات، فطرت، زندگي ۽ سماج شايد متحرڪ ۽ زنده رهي به نه سگهن، انڪري تضادن ڪي فطرت ۽ سماج جي تاريخ جو هڪ پروگريسو عنصر به چيو ۽ سمجهيو ويندو آهي. ساڳي وقت سماجي تضادن جون ڪجهه شڪليون سخت هاجيڪار به ثابت ٿينديون آهن، خاص طور تي اُهي تضاد جيڪي سماجي طور ڦورو، ظالم ۽ بڇڙين قوتن جي ڪوتاهه نظر روين، قدرن ۽ مفادن جي نتيجي ۾ ردعمل طور اُڀري ايندا آهن. پاڪستان به بطور هڪ رياست ۽ سماج جي اڄڪلهه اهڙن انيڪ تضادن جي جڙ ته ايٽم بم تي وينل آهي، جن جا نتيجا سامهون اچي به رهيا آهن پر ايندڙ دؤر ۾ وڌيڪ تيزيءَ سان سامهون اُڀري ايندا.

فلسفي ۾ سببن ۽ نتيجن جو پاڻ ۾ نهايت گهرو ۽ ڳتيل معروضي لاڳاپو ٻڌايو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن سببن ڪي هٿ وٺي پيدا ڪبو ته پوءِ ان جي منطقي نتيجن ڪي لازمي حادثو ڄاڻايو ويندو آهي. پاڪستان جي رياست تي قابض حڪمران طبقو گذريل ڇهه ڏهاڪا اهڙن تضادن ڪي اُڀاريندڙ ۽ تضادن جي سببن پيدا ڪرڻ جي ڌنڌي سان لڳل رهيو آهي جو اڄ ملڪ جڙ ته انيڪ تضادن جي هڪ ايٽم بم تي وينل آهي. اهي تضاد هاڻي ايترا ته پيچيده ٿي چڪا آهن ۽ وڏي وڏي ايتري ته نهج ڪي وڃي رسيا آهن، جو اُهي هيءَ رياست هاڻي نه ختم ڪري سگهي ٿي ۽ نه فضيلت سان حل ڪري سگهي ٿي. ظاهر آهي ته اُهي نتيجا رڳو عوام يا سماج نه پر خود رياست به پس و پيش پوڳيندي ۽ ڪنهن حد تائين اُن پوڳنا جو سفر شروع ٿي به چڪو آهي.

## 1. قومي تضاد:

اُهي گهڻ ــ قومي رياستون جن ۾ متوازن جمهوريت نه هوندي آهي ۽ جتي هڪ قوم پنهنجيءَ ڪنهن به برتريءَ سبب، عملي طور تي ملڪ جي مالڪ ٻڻجي ويندي آهي، اُتي قومي تضاد سيني ڪان اُڀريل تضاد هوندو آهي. پاڪستان به عملي طور جڙ ته پنجاب جي حڪمران طبقي جي بينڪيت بڻيل آهي، جنهن ۾ سندس جونيئر پارٽنر پناهگير ڪامورا شاهي ۽ حڪمران طبقو رهيو آهي. جيتوڻيڪ بين قومن جي پيٽ ۾ پناڻن ڪي وري به رياست اندر چڱو حصو مليل رهيو آهي ۽ بدستور مليل آهي پر تنهن هوندي به سنڌين، بلوچن، سرائيڪن ۽ پناڻن جو شمار ملڪ جي مظلوم قومن ۾ ٿئي ٿو.

حقيقت ۾ ننڍا صوبا ۽ انهن ۾ وسندڙ قومون پاڪستان ۾ وڏيڪ خودمختياريءَ جي وعدي ۽ هڪ بهتر مستقبل جي سلامتيءَ جي آسري تي شامل ٿيون هيون. انهن نہ ٿي ڄاتو تہ هو آزاديءَ جي حسين تصور ۽ خواب جي ساپيان جي نالي ۾ نڳجي غلاميءَ جي هڪ نئين ۽ وڏيڪ بدترين چار ۾ ڦاسي رهيون آهن. تاريخ ۾ اڳ بہ قومن سان وڏا وڏا فريب ٿيا آهن پر پاڪستان جي نالي ۾ سنڌين، بنگالين، سرائيڪين، بلوچن ۽ پناڻن سان ٿيل تاريخي دوکي جهڙو مثال ورلي نظر ايندو، جتي آزاديءَ جي نالي ۾ قومن کي غلامي گچيءَ ۾ وڌي وئي.

پاڪستان ۾ اچي شامل ٿي جڻ تہ اسانجي عوام پنهنجو الھ تلھ وڃايو. آزاد قومي حيثيت، پنهنجي وطن تي مالڪيءَ جو حق، ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ فطري رستا، قدرتي ۽ معاشي وسيلا، پنهنجي ڌرتيءَ تي قطعي ۽ دائمي اڪثريتي حيثيت، ثقافتي واڌ ويجهہ، سياسي خودمختياري، پنهنجي وطن تي حڪمرانيءَ جو حق، زمينون، صدين جي تاريخي ۽ تمدني اوسر جي نتيجي ۾ نهيل شهر، سنڌو درياھ جون موجون ۽ مستيون، ترقيءَ ۽ چٽاپيٽيءَ جا شفاف ۽ صاف ذريعا ۽ رستا ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ. ٿوري فرق سان اها ساڳي صورتحال لڳ ڀڳ سمورين مظلوم قومن جي آهي. انڪري اڄ پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو اندروني تضاد، قومي تضاد آهي، جيڪو ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي ۽ مختلف شڪلين ۾ پنهنجو اظهار ڪري رهيو آهي. گهڻ ـ قومي رياستون جيڪڏهن شديد قومي تضاد جو شڪار هجن تہ اُهي اڳتي وڌڻ تہ نهيو پر ماڳهين ڊگهو عرصو پنهنجو وجود بہ برقرار رکي نہ ٿيون سگهن. اهڙي صورتحال ۾ جمهوريت وري بہ هڪ اثرائتو ذريعو هوندو آهي، جنهن سان هڪ ڊگهي پراسس ذريعي ٻيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ قومي تضاد کي (Rationalize) ڪري سگهبو آهي، جنهن جو هڪ واضح ۽ ويجهو مثال هندوستان آهي ـــ پر پاڪستان ۾ ”هڪ اڻ هوند ٻيو افعال بڇڙا“ جي مصداق هڪ پاسي قومي تضاد پنهنجي شدت سان اُڀري رهيو آهي تہ ٻئي طرف جمهوريت عملي طور هڪ بدترين ناٽڪ ۽ عوام سان توهين آميز مذاق جو نالو آهي، جيڪا ان تضاد کي ريشنلائيز ڪرڻ بدران وڌيڪ وڌائڻ جو ئي سبب بڻجي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ تہ جمهوريت جي اڻ هوند جو سڄو نزلو بہ پس و پيش مظلوم قومن جي عوام تي ڪري ٿو.

هي جيڪو ننڍن صوبن ۽ مرڪز جو پاڻ ۾ تضاد نظر اچي ٿو، اهو بہ دراصل قومي تضاد جي ئي هڪ صورت آهي، ڇاڪاڻ تہ مرڪز تي بہ سڌي توڙي اڻ سڌيءَ طرح پنجاب جو حڪمران طبقو ئي حاوي آهي ۽ پناهگير حڪمران طبقو ۽ ڪامورا شاهي سندس جوڙيوال آهي. مرڪز پنجاب جي حڪمران طبقي جو هڪ هٿيار ۽ مڪينزم آهي، جنهن ذريعي اهو ڇور وانگر مظلوم قومن ۽ ننڍن صوبن جي عوام جو معاشي ۽ سياسي رت پيئي ٿو. مرڪز ۾ تہ پيل نالي ماتر ۽ بظاهر حڪومت ڪنهن جي بہ هجي پر ان جو اصل اختيار ۽ اقتدار اسٽيبلشمينٽ وٽ هوندو آهي، جيڪا پنجاب جي ئي حڪمران طبقي جو ٻيو نالو آهي. 1940ع جي نهراءُ توڙي محمد علي جناح طرفان پيش ڪيل پاڪستان جي رياستي تصور ۾ هڪ محدود مرڪز جو ذڪر هو، مسلم ليگ پاڪستان جي قيام لاءِ ڪونہ ٿهي هئي. ان جي سموري جدوجهد هندستان ۾ مضبوط مرڪز جي تصور خلاف هئي. 1973ع ۾ بہ آئين نهڻ وقت واعدو ڪيو ويو هو تہ ڪنڪرنٽ لسٽ ڏهن سالن اندر ختم ڪئي ويندي ۽ اُهي

سمورا شعبا صوبن کي منتقل ڪيا ويندا پر ان کي ٽيتيهه سال گذري ويا آهن پر ان وعدي وفائيءَ جو ڪو امڪان نظر نٿو اچي. ماڳهين اختيارن جي ورڇ ۽ نئين ضلعي حڪومتن جي نالي ۾ ملڪ ۾ عملي طور نئين سر ون يونٽ نافذ ڪيو ويو آهي. هيءَ اختيارن جي عجيب ڊوولپشن آهي، جنهن ۾ مرڪز پنهنجو ڪوبه ناجائز ۽ بي جا اختيار صوبن کي منتقل نه ڪيو آهي پر صوبن جا سمورا اختيار ضلعي حڪومتن جي حوالي ڪري، وري انهن کي سڌيءَ ريت مرڪز سان سلهاڙي ڇڏيو آهي. ضلعي حڪومتن جا سمورا اختيار مرڪز وٽ آهن. اهڙيءَ طرح ملڪ ۾ عدم مرڪزيت جي نالي ۾ بدترين مرڪزيت کي لاڳو ڪيو ويو آهي. گڏيل قومن جي اداري UNDP جي 2004ع جي هيومن ڊولپمينٽ انڊيڪس جي رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سنڌ ملڪ جي مجموعي آمدني ۾ 59 سيڪڙو ڏئي ٿي جڏهن ته موٽ ۾ ڪيس 13 سيڪڙو ملي ٿو. دراصل مرڪز ۽ وفاق پنجاب جي حڪمران طبقي جي قومي ڦرلٽ جو هڪڙو هٿيار ۽ ذريعو آهي ۽ ان به قومي تضاد کي پاڪستان ۾ بتدريج وڌائڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي.

## 2. سول ـ ملٽري تضاد:

پاڪستان جو ٻيو وڏو تضاد سول ـ ملٽري تضاد آهي، جيڪو موجود ته 1947ع کان رهيو آهي پر هاڻي ان ۾ غِير معمولي حد تائين شدت اچي رهي آهي. وڏي ڳالهه ته اهو تضاد هاڻي ماضيءَ جيان رڳو ننڍين صوبن ۾ نه پر خود پنجاب ۾ به تيزيءَ سان اُڀري رهيو آهي. ان ڳالهه ۾ هاڻي ڪوبه شڪ نه رهيو آهي ته پاڪستان مڪمل طور تي هڪ ملٽري اسٽيٽ آهي ۽ ملٽري به اُها جنهن جو سمورن صوبن ۽ قومن سان نه پر فقط پنجاب جي به مخصوص علائقن سان تعلق آهي. هن ملڪ ۾ ڏٺو وڃي ته عملي طور ٻه ملڪ آهن، يعني هڪ عوام جو ملڪ ۽ ٻيو ملٽريءَ جو ملڪ. عوام جي ملڪ ۾ غربت آهي، غير سلامتي آهي، تعليم ۽ صحت جي سهولتن جي اڻ هوند آهي، بد چا بدترين انتظام ڪاري آهي. لاقانونيت ۽ پوليس راڄ آهي، شهري سهولتون هڪ خواب جيان آهن. وڏي ڳالهه ته ڇهه ڏهاڪا گذرڻ جي باوجود عوام کي ٻيو ته ٺهيو پيئڻ جو صاف پاڻي به نه ملي سگهيو آهي. جڏهن ته ٻئي پاڪستان ۾ سڀ ڪجهه آهي ۽ جي نه آهي ته ڪو ڪانئن پڇڻ وارو ۽ محروميون نه آهن. هاڻي ته ماڻهو اهو به چون ٿا ته ملٽري هن ملڪ لاءِ نه آهي پر دراصل هي ملڪ ملٽري لاءِ آهي. انڪري ئي هن دور جي هڪ وڏي شاعر احمد فراز مطالبو ڪيو هو ته ملڪ جو نالو ”اسلامي جمهوريه پاڪستان“ مان بدلائي ”فوجي فائونڊيشن“ رکيو وڃي.

هونئن ته ملڪ ۾ بظاهر ڪهڙي به نالي ماتر چونڊيل يا سويلين حڪومت رهي هجي، اقتدار ۽ اصل اختيار هميشه ملٽري اسٽيبلشمينٽ وٽ رهيو آهي پر جنرل مشرف جي حڪومت ملڪ مٿان چوٿون سڌو فوجي راڄ آهي. جنهن ملڪ ۾ ڇهن ڏهاڪن مان چار ڏهاڪا سڌو فوجي راڄ رهيو هجي ۽ باقي دورن ۾ به نالي ماتر ۽ رڳو عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ واري نام نهاد جمهوريت هجي، اُتي سول ملٽري تضاد جو وڌيءَ شدت سان اُڀرڻ هڪ فطري ڳالهه آهي. هاڻي ته ملڪ ۾ ڪارخانن، بينڪن، پيٽرول پمپن، بيڪرين تائين جو ڪاروبار به فوجي ادارا ڪن ٿا. ملڪ جي سول ادارن تي به رٽائرڊ جنرل براجمان آهن. جمهوريت ته هاڻي عوام جو نه پر ايجنسين جو استحقاق آهي. ملڪ جي وڏي ۾

وڏي سياسي پارٽي بہ ملٽريءَ کي چيو ۽ سمجهيو وڃي ٿو. پارليامينٽ ۽ اسيمبلين جي حيثيت رڳو کنهن بحث مباحثي جي بي اثر ڪلب کان وڌيڪ ناهي. ميڊيا ملڪ ۾ ايتري آزاد آهي، جو توهان هر موضوع تي لکي سگهو ٿا پر فوج تي نہ. اهڙي ملڪ ۾ ظاهر آهي تہ سول ـ ملٽري تضاد جو شدت سان اُڀرڻ هڪ فطري ڳالهہ آهي.

پاڪستان ۾ سول ـــ ملٽري تضاد جي هڪ جهلڪ 1983ع جي ايم آر ڊي تحريڪ ڏيکاري پر موجوده حالتن ۾ ان جا محرڪ اڳ کان بہ وڌيڪ مضبوط ۽ شدت وارا آهن. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ عوام ان تضاد جو مزاحمتي شڪل ۾ اظهار ڪرڻ لاءِ آتو آهي پر ملڪ جون نام نهاد وڏيون پارٽيون اهڙي ڪنهن بہ تحريڪ هلائڻ جو ارادو ڪندي نظر نہ ٿيون اچن، جيڪا عوام کي اُتساهہ ڏئي، جدوجهد جي ميدان تي ڪين اڳيان وٺي اچي. ملڪ گير وفاقي سياسي پارٽين کي ايجنسين اندران ئي اندران جڻ تہ ڪوڪلو ڪري ڇڏيو آهي. في الحال تہ هو پنهنجي حقن ۽ وجود جي جنگ ۾ پوريون آهن، عوام جي حقن جي جدوجهد تہ اجان گهڻو پري جي ڳالهہ آهي. پر هڪڙي ڳالهہ صاف نظر اچي ٿي تہ اهو تضاد جنهن شدت سان اُڀري رهيو آهي، ان جا محرڪ گهڻو وقت وفاقي سياسي پارٽين جي سَڏَ جو انتظار نہ ڪندا ۽ اهي پنهنجي اظهار جو دڳَ پاڻ طئي ڪندا. ملڪ جي وفاقي سياسي پارٽين جو الميو ئي اهو آهي تہ انهن هميشهہ اسٽيبلشمينٽ جي طئي ڪيل مخصوص نام نهاد ”قومي مفادن“ جي (States Quo) جي اندر رهي، سياست ڪرڻ کي اوليت ڏني آهي ۽ انهن عوام جي لحاظ کان سياست جي معروضي محرڪن کي ڪڏهن بہ پنهنجي سياست جو بنياد نہ بڻايو آهي. اڄ هو پنهنجي ان روش جي بہ قيمت ادا ڪري رهيون آهن. هڪ دفعو وري تاريخ پاڻ کي ورجائي رهي آهي ۽ جيڪو سول ـــ ملٽري تضاد شدت سان اُڀري رهيو آهي، هو ان جي سياسي نمائندگي ڪرڻ لاءِ تيار نظر نٿيون اچن. جي ائين نہ هجي ها تہ اي آر ڊي ضرور ڪو نہ ڪو ڀوتو ڀاري ڏيکاري ها.

## 2. بين الصوبائي تضاد:

جيتوڻيڪ ملڪ ۾ موجود بين الصوبائي تضاد بہ دراصل قومي تضاد جي ئي شڪل آهي پر بهرحال اهو هڪ تضاد جي صورت ۾ ملڪ جي مکيہ تضادن مان هڪ آهي. هن تضاد جا ٿلهي ليکي سبب بہ اُهي ئي آهن، جيڪي اسان مٿي قومي تضاد جي حوالي سان ڄاڻائي آيا آهيون. هن تضاد جو بنيادي سبب هي آهي تہ اوير پاڪستان جي علحدگيءَ ڪانپوءِ ملڪ ۾ ڪوبہ اسٽريڪچرل توازن نہ رهيو آهي. فوج کان وٺي، بيرو ڪريسي تائين ۽ صنعت ۽ معاشي وسيلن کان وٺي پارليامينٽ تائين هڪ صوبي جي قطعي گهڻائي ۽ هڪ هٽي آهي. ان صوبي منجهان بہ سرائيڪين کي ڪجهہ نٿو ملي، رڳو پنجاب جا مخصوص ضلعا ملڪ جي اڇي ڪاري جا مالڪ بڻيل آهن. ملڪ جي سمورن سياسي، معاشي ۽ سفارتي معاملن ۾ فيصلي سازيءَ جو عمل رڳو هڪ صوبي جي حڪمران طبقي وٽ يرغمال بڻيل آهي ۽ ننڍا صوبا جڻ تہ عملي طور ان جي ڪالوني بڻيل آهن. مثال طور:

- فوج ۾ قطعي اڪثريت پنجاب جي بہ پنجابي ڳالهائيندڙ آباديءَ ۽ مخصوص علائقن جي آهي. انڪري جيڪڏهن ملڪ ۾ سمورا اختيار فوج وٽ آهن تہ ان جو ٻيو سڌو مطلب تہ اهو ئي ٿيو تہ اهي اختيار ۽ پاور پنجاب جي حڪمران طبقي وٽ آهن. جيڪڏهن ملڪ ۾ ڪوبہ فيصلو فوجي جي مرضيءَ

ڪانسواءِ ممڪن نہ آهي تہ انجو مطلب بہ اهو ئي ٿيو تہ هن ملڪ ۾ پنجاب جي حڪمران طبقي ڪان سواءِ ڪوبہ فيصلو ٿي نہ ٿو سگهي ۽ ظاهر آهي تہ اهو حڪمران طبقو سمورا فيصلا ”پنهنجي“ ئي ناجائز ”مفاد“ ۾ ڪندو. تازو جنرل مشرف سنڌ جي دوري دوران اها ڳالهہ ڪليل نموني ڪري ويو آهي ۽ هونئن بہ ملڪ جي سموري تاريخ ان جي وڏي ۾ وڏي ثابتي آهي.

• ملٽري اسٽيبلشمينٽ ڪان پوءِ ملڪ جي اڇي ڪاري جي مالڪيءَ جي حصيدار ڪامورا شاهي بہ آهي ۽ ان جو تعلق گهڻي ڀاڱي ”پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد“ سان آهي، جيڪا هڪ ٻئي جي ناجائز ۽ ڦورو مفادن کي هميشهہ سپورٽ ڪندي رهي آهي. ڪامورا شاهي دراصل مٿين سطح تي جڙندڙ پاليسن ۽ فيصلن کي هيٺ انتظامي طور لاڳو ڪندي آهي. ملڪ جي ڪامورا شاهيءَ ۾ سنڌين، سرائيڪين ۽ بلوچن جو انگ تہ اٽي ۾ لوڻ برابر بہ نہ رهيو آهي ۽ جي آهي تہ اهو رڳو هيٺين سطح تي آهي.

• جيتوڻيڪ ملڪ ۾ پارليامينٽ جو عملي طرح ڪوبہ بااختيار ڪردار نہ اڳ رهيو آهي ۽ نہ هاڻي آهي پر ان جي باوجود اُها هڪ محدود ئي سهي پر بهرحال هڪ ڪردار رکي ٿي. اوپر پاڪستان جي جدا ٿيڻ ڪانپوءِ ملڪ جي پارليامينٽ قطعي طور تي عدم توازن جو شڪار آهي، سنڌ، بلوچستان ۽ پشتونخواهہ جي ڀيٽ ۾ هڪ صوبي پنجاب کي قطعي طور عددي اڪثريت حاصل آهي. يعني جيڪڏهن ڪنهن اشوءَ تي ٽي صوبا سئو سيڪڙو بہ متفق هجن ۽ گڏ ٿي وڃن تہ بہ اُهي پنهنجن مفادن ۾ ڪوبہ قانون پاس ڪرائي نہ ٿا سگهن. مثال طور ڪو نئون آئين نهي تڏهن بہ اهو پنجاب جي حڪمران طبقي جي مخصوص مفادن ڪان ٻاهر نہ ٿو وڃي سگهي ڇاڪاڻ تہ ننڍن صوبن کي پارليامينٽ ۾ ڪڏهن بہ اڪثريت حاصل ٿي نہ ٿي سگهي، سينيٽ ۾ صوبن کي برابر سيٽون آهن پر ان کي فيصلي سازيءَ ۾ ڪابہ حيثيت حاصل نہ آهي. 1973ع جو آئين خود ان جو وڏو ثبوت آهي.

• ملڪ جا سمورا نام نهاد وفاقي ادارا هڪ صوبي جي هڪ هٿيءَ هيٺ آهن. ملڪ جو ڪوبہ بظاهر ۽ نالي ماتر وفاقي ادارو دراصل پنهنجي ڍانچي، پاليسيءَ ۽ افرادي قوت ۽ ڪردار ۾ وفاقي نہ آهي. سمورن وفاقي ادارن جي سربراهن ڪان وٺي، سمورن ملازمن تائين، سندن پاليسين ڪان وٺي ۽ مجموعي ڪردار تائين اُهي هڪ ئي اڪثريتي صوبي جي ڦورو مفادن جا آئيندار آهن. مثال طور واپڊا جو ئي ڪيس ڪڻجي تہ اهو دراصل هڪ صوبي جي حڪمران طبقي جي ناجائز مفادن جو علمبردار، ننڍن صوبن خلاف چوويهہ ڪلاڪ ڪم ڪندڙ ۽ دراصل وفاق جي تصور جا بکيا اُڌيريندڙ ادارو آهي. ٽي صوبا ڪالا باغ ڊيم ۽ گريٽر ٿل ڪئنال جي خلاف آهن پر اهو ادارو ڄڻ تہ پنجاب جي حڪمران طبقي جي ناجائز مفادن جي محافظ اداري طور چوويهہ ڪلاڪ ڪم ٿو ڪري. جن منصوبن خلاف پارليامينٽ ورهايل هجي، سياسي پارٽيون ورهايل هجن، ملڪ جي ميڊيا ورهايل هجي، صوبا ورهايل هجن، وفاق ۽ صوبا ورهايل هجن، ٻيو تہ نهيو پر فوجي حڪومت ورهايل هجي، ان بابت واپڊا ڄڻ تہ اڳ ئي معاملا طئي ڪيو وينو آهي. واپڊا ڪانسواءِ ٻين سمورن نام نهاد وفاقي ادارن ۽ ڪارپوريشنز جو بہ اهوئي حال آهي. ان جو هڪ وڏو ۽ بنيادي سبب اهو آهي تہ انهن ادارن ۾ سربراهن ڪان وٺي سموري وچين ۽ هيٺين سطح جي ڪامورا شاهيءَ جو تعلق پنجاب سان آهي. اُهي پلجن سمورن صوبن

جي وسيلن تي ٿا پر اُهي ڪم بالادست صوبي جي حڪمران طبقي جي ناجائز مفادن لاءِ ڪن ٿا. ان ڪري صوبن وچ ۾ تضاد وڌائڻ ۾ اهڙن وفاقي ادارن جي ڪردار جو به وڏو هٿ آهي.

- ننڍين صوبن کي نه رڳو وفاق اندر ڪابه برابريءَ واري حيثيت حاصل نه رهي آهي پر خود سندن صوبن اندر به صوبائي حڪومتن جي نهڻ ۾ بنيادي ڪردار ايجنسين جو هوندو آهي، جيڪي به اسٽيبلشمينٽ جي ئي مفادن جي پورائي جا منظم ادارا آهن. خاص طور تي سنڌ ان رويي جو بدترين شڪار رهي آهي. سنڌ ۾ ڪابه حڪومت ايجنسين ۽ اسٽيبلشمينٽ جي مرضي ۽ ”انتظام“ ڪانسواءِ نهي نه ٿي سگهي. سنڌ حڪومت جڻ ته ”اسلام آباد“ جي ”سياسي ڪلارڪن“ جي هڪ برانچ آفيس آهي. ٻيو ته نهيو پر سنڌ حڪومت صوبائي معاملن ۾ به ڪو فيصلو ڪرڻ جي مجاز نه هوندي آهي. ملڪي سطح تي سفارتي، سياسي ۽ معاشي پاليسين ۾ صوبن جي حصيداري ۽ ڪردار ته پاڪستان ۾ جڻ خواب مثل آهي. پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي به وفاقي نه آهي، ڇاڪاڻ ته وفاق هڪ صوبي جي حڪمران طبقي جي هڪ هٿيءَ جو نالو آهي ۽ صوبن کان ان ڏس ۾ ڪڏهن به پُڇڻ ۽ صلاح مصلحت به گوارا نه ڪئي وئي آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ڊاڪٽر مهتاب علي شاهه جي ڊاڪٽريٽ (PHD) ان موضوع تي ڪيل آهي. جيڪا هن آڪسفورڊ يونيورسٽي مان ڪئي ۽ هن جو گائيڊ منهنجو استادن جهڙو دوست ۽ ڏکڻ ايشيا جو عالمي سطح جو مدبر گوهر رضوي هو. سندس تعلق بنگلاديش سان آهي. هو بينظير ڀٽو جو به آڪسفورڊ ۾ استاد رهيو آهي. ڳالهه جو تت هي آهي ته صوبن کي جنهن قسم جي خودمختياريءَ جو يقين 1940ع جي ٺهراءُ ۾ ڏنو ويو هو اُها ته ٿي پري جي ڳالهه، ويندي 1973ع جي آئين پيري جيڪو ڇيو ويو هو ته ڏهن سالن اندر ڪنڪرنٽ لسٽ ختم ڪئي ويندي، اها به ڳالهه ڇُٽي پر جيڪي محدود اختيار موجود زخمي آئين تحت صوبن کي ڏنا ويا آهن. ان آڌار به عملي طور صوبن کي پنهنجي حڪومت ناهڻ جو ڪوبه اختيار نه آهي، خاص طور تي سنڌ کي.

- **صوبن اندر موجود تضاد:**

پاڪستان ۾ نه رڳو بين الصوبائي تضاد موجود آهن پر ڏنو وڃي ته هر صوبو اندروني طور تضادن جي گهيرن ۾ آهي. جيئن گذريل مضمونن ۾ چيو ويو آهي ته گهڻ — قومي ۽ گهڻ — نسلي ملڪن ۾ سواءِ حقيقي وفاقي پارلياماني جمهوري نظام جي رياستي نظام توڙي سماج، توازن ۽ امن سان هلي ئي نه ٿو سگهي. پاڪستان ۾ به جيڪڏهن ڪو حقيقي وفاقي پارلياماني جمهوري نظام هجي ها ته جمهوريت جي نالي ۾ عوام سان هي توهين آميز مذاق ۽ ڊرامو نه هجي ها ته شايد مختلف قومن، نسلن ۽ ثقافتي اقليتن وچ ۾ تضاد گهٽي حد تائين ٽڏا ٿي وڃن ها پر هاڻي صورتحال ان جي ابتڙ آهي. سڄو ملڪ ته ڇا پر هر صوبو به اندروني تضادن جي ور چڙهيل آهي. اچو ته چئني صوبن اندر تضادن جي صورتحال تي هڪ مختصر نظر وجهون.

- **پنجاب:**

پنجاب هڪ طرف صوبي جي حيثيت ۾ سڄي ملڪ جي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻيل آهي ته ٻئي طرف سيني کان وڏيڪ اندروني تضاد جو شڪار به آهي يعني پنجابي — سرائيڪي تضاد. پنجاب اندر

آباديءَ جي لحاظ کان گھٽائي سرائيڪين ۽ سرائيڪي ڳالهائيندڙ بلوچن جي آهي، جيڪي پاڻ کي پنجابين کان ڌار تاريخي قوم سڏائين ٿا. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته هن ملڪ ۾ سرائيڪي سيني کان وڌيڪ مظلوم قوم آهي، جنهن کي پاڪستان جي قيام کان پوءِ سواءِ بُک، بدحاليءَ، پسماندگيءَ ۾ اضافي جي ٻيو ڪجهه به نه مليو آهي. ترقياتي لحاظ کان به سرائيڪي سيني کان پوئتي آهن. سرائيڪين وٽ مڊل ڪلاس نهڻ ئي نٿو ڏٺو وڃي. سرائيڪين جو مٿيون طبقو به مظلوم قومن جي حڪمران طبقن جيان ئي سخت موقعي پرست ۽ آقائن جو غلام آهي ۽ ظاهر آهي ته ڪين اهڙي ڪردار جو ”منافعي“ سميت ”اُجورو“ ملي ٿو. اثرائتو ۽ سجاڻ مڊل ڪلاس بنهه ٿورو هئڻ سبب وٽن ڪي نمائنده سياسي پارٽيون به نه آهن. جيڪي سندن مفادن لاءِ ڪو وڏو ڪردار ادا ڪري سگھن. وٽن پنهنجي ميڊيا به ڪونه آهي ۽ نه ئي با اثر سول سوسائٽي آهي. ان ڪري جيتوڻيڪ سرائيڪين جو موقف ملڪ ۾ مٿين سطح تي گهٽ ٿو ظاهر ٿئي پر ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته اهو محرڪن جي حوالي سان هڪ مضبوط سوال آهي. سندن مطالبو آهي ته جڏهن هو الڳ قوم آهن، سندن ٻولي، ڪلچر، معاشي مفاد ۽ تاريخي سڃاڻپ الڳ آهي ته پوءِ ڪين چو نه ٿو ڌار صوبو ڪري ڏنو وڃي؟ ان ڪري پنجابي — سرائيڪي تضاد پنجاب جي ورهاڱي ۽ سرائيڪي صوبي جي قيام سان ئي حل ٿي سگھي ٿو. چاڪاڻ ته هڪ ئي صوبي اندر پنجابي آباديءَ وارا علائقا نهايت ترقي ڪري ويا آهن. جڏهن ته سرائيڪي علائقا ۽ عوام پسماندگيءَ جي پاتال ۾ پيل آهن. پنجاب جو حڪمران طبقو پنهنجي هڪ هٽي ۽ طاقت جي زور تي ان تضاد کي ڪيترو به دٻائڻ جي ڪوشش ڪري پر اهو ان تضاد کي رڳو پنهنجن مفادن موجب ۽ پنهنجيءَ مرضيءَ مانو نه ٿو ڪري سگھي.

- **سرحد:**

سرحد صوبي ۾ جيتوڻيڪ گھٽائي پشتو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي آهي پر هندڪو ڳالهائيندڙ آبادي به هڪ سگهاري اقليت طور اُتي موجود آهي، جيڪا گهٽي ياڱي واپار ۽ فوج سان لاڳاپيل هجڻ ڪري پنهنجي تضاد جو اظهار روايتي طريقن سان نٿي ڪري پر سماجي، ثقافتي ۽ سياسي طور تي اها پنهنجي اظهار جو ڪوبه موقعو هٿان نه ٿي وڃائي. هندڪو آبادي ته سرحد کي پشتونن جو صوبو مڃڻ لاءِ به تيار نه آهي. ويندي جڏهن عوامي نيشنل پارٽي ۽ پشتون دانشور مطالبو ڪن ٿا ته صوبي جو نالو ”پشتونخواهه“ رکيو وڃي ته هيءَ آبادي ان جي به سخت مخالفت ۽ مزاحمت ڪري ٿي. هيءَ آبادي انهن سمورين سياسي پارٽين کي سپورٽ ڪندي آهي، جيڪي پس و پيش پشتون قومپرست جماعت عوامي نيشنل پارٽيءَ جي سڌي يا اڻ سڌي مخالفت ڪن ٿيون. سرحد صوبي ۾ پيپلز پارٽي، جماعت اسلامي، جمعيت علماءِ اسلام ان جو وڏو ثبوت آهن. بهرحال صوبي اندر اهو ”تضاد“ شدت سان موجود آهي ۽ ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي. جنهن جو ڪوبه سادو حل نظر نٿو اچي.

- **بلوچستان:**

بلوچستان جي هڪ صوبي طور جاگرافيائي جوڙجڪ ئي اهڙي ڪئي وئي جو ان ۾ تڪرارن ۽ تضادن جو اوسرڻ هڪ فطري ڳالهه هئي. يعني بلوچستان ۾ اڪثريتي بلوچ علائقن سان گڏ ڪجھ حصو پشتون آباديءَ وارن علائقن جو به شامل ڪيو ويو. نتيجي ۾ ڪابه هڪ آباديءَ صوبي تي مالڪيءَ ۽ وارثيءَ جي دعويداري نه ٿي ڪري سگهي. جيتوڻيڪ بلوچ اڄ به بلوچستان ۾ اڪثريت ۾ آهن پر ساڳي وقت پشتون آبادي به صوبي جي ڪا ننڍي اقليت نه آهي. سندن آباديءَ جي تناسب ۾ ٿورو ئي فرق آهي. ٻيو ته چمن جي بارڊر ذريعي افغانستان مان به گذريل ڪيترن ڏهاڪن کان مسلسل افغاني پشتون ايندا رهيا آهن ۽ بدستور ايندا رهن ٿا. اڳ اُهي گهڻي ڀاڱي پناهه لاءِ ايندا هئا پر هاڻي بدلجندڙ حالتن ۾ اُهي واپار سانگي اچن ٿا ۽ سندن اچا وڌيڪ اچڻ جا امڪان پيدا ٿي رهيا آهن. بلوچستان جو گاديءَ جو هنڌ ڄڻ ته عملي طور مڪمل طور پشتون آباديءَ وٽ آهي. بلوچ آباديءَ منجهه واپار جا معاشي رويا گهٽ هئڻ سبب هاڻي ته بلوچ اڪثريتي علائقن ۾ به وڏن شهرن جي واپار تي پشتون ڇائنجي رهيا آهن. جنهن جو وڏو مثال مڪران ڊويزن آهي، جتي تربت ۽ گوادر جهڙن علائقن ۾ به ننڍي سطح جي واپار تي پشون آباديءَ جو وڌيڪ اثر نظر ايندو. جيتوڻيڪ پشتون آباديءَ جي به وڏي اڪثريت سخت غربت جو شڪار آهي ۽ پشتون آباديءَ وارا ضلعا به سخت پسماندگيءَ جي حالت ۾ آهن پر مجموعي طور بلوچستان ۾ بلوچ وڌيڪ غربت ۽ پستيءَ ۾ ورتل آهن.

بلوچستان ايراضيءَ جي لحاظ کان ملڪ جو سڀني کان وڏو صوبو يعني 347188 اسڪوائر ڪلوميٽر تي ڦهليل آهي، جيڪو سڄي ملڪ جي جاگرافيائيءَ جو 47 سيڪڙو بيهي ٿو. قدرتي ۽ معدني وسيلن، تيل، گيس، مڇيءَ، زراعت ۽ بجليءَ جي پيداوار، ساموندي بندر توڙي ايران، افغانستان ۽ عربي سمنڊ سان جاگرافيائي سرحدون ملڻ سبب بلوچستان وسيلن، پيداوار توڙي اسٽريٽجڪ لحاظ کان ملڪ جو نهايت اهميت ۽ حساسيت وارو صوبو آهي. ٻئي طرف بلوچستان جي غربت ۽ مظلوميت جو اهو حال آهي جو اهو ملڪ جي قدرتي گئس جي پيداوار ۾ 40 سيڪڙو ڏئي ٿو جڏهن ته صوبي جي عوام وٽ گئس جون سهولتون نه هئڻ جي برابر آهن. بلوچستان جو عوام گئس جي ملڪي پيداوار جو 2 سيڪڙو مس خرچ ڪري ٿو، جڏهن ته پنجاب تمام ٿوري گيس پيدا ڪرڻ باوجود ان جو 44 سيڪڙو استعمال ڪري ٿو. گوادر ۾ ترقياتي ڪم تيزيءَ سان ٿي رهيا آهن پر ان ۾ ڪم ڪندڙ افرادي قوت مان بلوچستان سان واسطو رکندڙن جو ڳاڻيٽو 5 سيڪڙو به مس آهي. ملڪ جي 964 سائنس ۽ آرٽس جي ڪاليجن مان بلوچستان ۾ رڳو 18 آهن. ملڪ جي 29 ميڊيڪل ڪاليجن مان بلوچستان مان رڳو به آهن. ملڪ جي 13 انجينئرنگ ڪاليجن مان بلوچستان ۾ رڳو هڪ آهي. ملڪ جي 22 ايجوڪيشن ڪاليجن مان بلوچستان ۾ هڪ به نه آهي، ملڪ جي 88 ڪامرس ڪاليجن مان بلوچستان ۾ رڳو هڪ آهي، ملڪ جي 5 زرعي ڪاليجن مان بلوچستان ۾ هڪ به نه آهي. ساڳيءَ طرح ملڪ جي 168 متفرقه ڪاليجن مان بلوچستان ۾ هڪ به نه آهي. يعني مجموعي طور تي ملڪ جي 1347 ڪاليجن مان بلوچستان ۾ رڳو 24 ڪاليج آهن. ملڪ جي 451 سيڪينڊري ووڪيشنل تعليمي ادارن مان بلوچستان ۾ رڳو 5 آهن. ملڪ جي 91 يونيورسٽين مان بلوچستان ۾ رڳو هڪ يونيورسٽي هئي پر هاڻي هڪ ٻي يونيورسٽيءَ کي شروع ڪيو ويو آهي. صحت جي شعبي ۾ به بلوچستان نهايت

پسمانده ۽ محروم صوبو آهي. يعني جيڪڏهن آباديءَ جي تناسب جي حساب سان صحت جي سهولتن جي سراسري ڪيجي ته بلوچستان ۾ 5.851 ماڻهن تي اسپتالن ۾ بيڊ جي حوالي سان هڪ بيڊ جي سهولت موجود آهي، جيڪو رڳو بلوچستان ۾ ئي نه پر ٽين دنيا ۾ به هڪ بدترين مثال آهي. بلوچستان جي آباديءَ جو 55 سيڪڙو کان مٿي آباديءَ جو عوام غربت جي عالمي طور مقرر حد کان گهٽ هيٺ گذاري ٿو ۽ بلوچستان جي 26 ضلعن مان 24 ضلعا هيومن ڊيولپمينٽ انڊيڪس جي لحاظ کان بدترين محروميءَ جو شڪار آهن. جڏهن ته صوبي جي 52.49 سيڪڙو آبادي بي زمين ماڻهن تي مشتمل آهي.

هاڻي صوبي ۾ غربت ۽ محروميءَ جي صورتحال اها هجي ۽ صوبي ۾ ٻن قومن جون آباديون رهنديون هجن ۽ جتي هڪ ٻئي سان ونڊڻ ۽ ورچڻ لاءِ رڳو غربت، بُک، بدحالي ۽ بي وسي هجي، اُتي تڪرارن ۽ تضادن جو پيدا ٿيڻ ۽ اُڀرڻ ته هڪ فطري ڳالهه آهي. جيتوڻيڪ هاڻي پونم جي اتحاد سبب سياسي طور بلوچن ۽ پٺاڻن ۾ ويجهڙائي پيدا ٿي آهي پر بهرحال محرڪن جي حوالي سان صوبي اندر اهو تضاد موجود آهي، جيڪو روين ۽ مفادن جي سرد جنگ سان ته پنهنجو اظهار هر سطح تي ڪري ٿو پر ”سازگار“ حالتون ميسر ٿيڻ تي اهو تضاد ڪڏهن به ڀڙڪو کائي ڪو وڏو ممڻ مچائي سگهي ٿو.

- سنڌ:

پاڪستان ٺهڻ شرط ئي اندروني تضاد سنڌ جي ٻه ڳچيءَ ۾ پئجي ويا. ان جو وڏو سبب اهو هو ته ورهاڱي وقت عدم سلامتيءَ ۽ خوف جون حالتون پيدا ڪري هڪ طرف سنڌ مان سنڌي هندن جي وڏي انگ کي لڏپلاڻ تي مجبور ڪيو ويو ته ٻئي طرف هندستان مان مسلمان پناهگيرن جا لشڪر آڻي سنڌ ۾ آباد ڪيا ويا ۽ سنڌ جي ڊيموگرافيءَ جو توازن شعوري طور هڪ سازش ڪري بدلايو ويو. رهيل کهيل ڪسر ون يونٽ جي دور ۾ پوري ڪئي وئي، جنهن ۾ هڪ طرف سنڌ ۾ پنجابين کي وڏي پيماني تي زمينون نيلام ڪري ڏنيون ويون ته ٻئي طرف شهرن ۾ نوڪرين ۽ صنعتن ذريعي سنڌ ۾ پنجابين کي وڏي انگ ۾ آباد ڪيو ويو. اهو سلسلو ورهاڱي ۽ ون يونٽ کان پوءِ به وڏي تيز رفتاريءَ سان جاري رهيو آهي، هڪ طرف کان پارت ۽ ٻين ملڪن مان غير قانوني پرڏيهن جي اچڻ جو سلسلو جاري آهي ته ٻئي طرف ٻين صوبن ۽ خاص طور تي پنجاب مان آباديءَ جي لڏپلاڻ هڪ نه کُٽندڙ سلسلو آهي. جڏهن ته ورهاڱي کان اڳ ٿيندڙ آدمشماريءَ جي انگن اکرن موجب سنڌ نندي ڪنڊ جو واحد اهڙو صوبو هو جتي آباديءَ جو تناسب ائين هو جو سنڌ ۾ 97 سيڪڙو آبادي سنڌي ڳالهائيندڙ ۽ مقامي هئي.

ڊيموگرافيءَ جي ان بدلايل صورتحال سبب سنڌ به اندروني طور انيڪ تضادن ۽ تڪرارن جو گهر ٿي وئي آهي خاص طور تي اڪثريتي سنڌي عوام ۽ ثقافتي طور اقليتي اردو ڳالهائيندڙ آبادي وچ ۾. سنڌ ۾ رهندڙ پنجابي آباديءَ هيستائين ٻوليءَ، نسل يا قوميت جي بنياد تي سنڌ ۾ ڪوبه تضاد اُڀارڻ کان پاسو پئي ڪيو آهي. انجو هڪ سبب اهو به آهي ته اُهي بطور هڪ قوم جي ملڪ جي هوندئن به بالادست قوم آهن. ورهاڱي کانپوءِ وڏي سطح جي سنڌ ڏانهن لڏپلاڻ باوجود اهو معاملو هڪ تاريخي پراسس ۾ حل ٿي وڃي ها ۽ اردو ڳالهائيندڙ ثقافتي اقليت سنڌ جي سماج ۾ بطور ذيلي ثقافت

۽ ثقافتي ٽوراڻيءَ جي ضم ٿي وڃي ها پر سندن بدنيت حڪمران طبقي، دانشورن ۽ خود ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ ان کي ڪنهن نہ ڪنهن نموني نفرت ۽ تعصب جي بنياد تي زندھ رکيو، جنهن ۾ سندن مختلف مفاد شامل هئا. دراصل ”پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد“ جي سوچ رکندڙ حڪمران طبقي ان کي شعوري طور مختلف حيلن بهانن سان زنده رکيو. هاڻي تہ اها سوچ ايم ڪيو ايم جي صورت ۾ وڏي وڻ تي آهي ۽ نهايت سنڌ دشمن ۽ فاشٽ صورت اختيار ڪري چڪي آهي. جيتوڻيڪ اڄ بہ سنڌ اندر سنڌي عوام گهڻائيءَ ۾ آهي پر بهرحال ايم ڪيو ايم توڙي نسلي ۽ ثقافتي تعصب جي صورت ۾، سنڌي عوام ۽ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ ۾ تضاد موجود آهي، جيڪو سنڌ جي ترقيءَ، امن، يائيچاري ۽ وحدت خلاف مستقل خطرو بڻيل آهي.

## 5 ـ ثقافتي تضاد:

پاڪستان جي قيام وقت پهرين ڏهاڪي جي آخري سالن تائين رياست ۽ حڪومت تي اردو ڳالهائيندڙ پناهگير نفسيات گهڻو حاوي رهي. هڪ تہ جناح جي وفات ڪانپوءِ لياقت علي خان ۽ ان جي لابي ملڪ تي قبضو ڪري ويئي ۽ ٻئي طرف ملڪ جي سول بيرو ڪريسيءَ ۾ قطعي گهڻائي بہ هندوستاني مسلمان پناهگيرن جي هئي. مونکي گهڻا سال اڳ (1990) ۾ يو پيءَ جي گاديءَ جي هنڌ الهہ آباد يونيورسٽيءَ ۾ هڪ پروفيسر ٻڌايو هو تہ پاڪستان جي قيام جي وقت سڄي ملڪ جي بيرو ڪريسيءَ ۾ ستر سيڪڙو هندوستاني پناهگيرن جو هو ۽ ان ۾ وري اسي سيڪڙو جو تعلق رڳو يو پيءَ سان هو. ان قسم جا تحريري ثبوت قدرت الله شهاب، جوش مليح آباديءَ، احمد بشير ۽ ٻين گهڻن اديبن جي يادگيرين تي مشتمل لکڻين ۾ ملي ويندا. ملٽري بيرو ڪريسيءَ ۾ تڏهن بہ گهڻائي پنجابين جي هئي. هڪ ٻنهہ ننڍڙي اوپري (Alien) ۽ وڏي ڳالهہ تہ معتصب ۽ تنگ نظر ٽوراڻيءَ کي جو نئون نهيل ملڪ جڻ مالِ غنيمت طور مليو تہ اُها ناجائز طاقت ۽ اختيارن جي نشي ۾ پنهنجي رويي ۽ پاليسين ۾ توازن برقرار رکي نہ سگهي. جتي هنن ٻيا قهر ڪيا، انهن ۾ هڪ اِهو بہ هو تہ اردوءَ ٻولي کي هنن قومي ٻوليءَ ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي يارتي ثقافت کي پاڪستان جي ”قومي ثقافت“ جو درجو ڏئي ڇڏيو. سنڌين، بنگالين، پختونن، بلوچن ۽ سرائيڪين تڏهن بہ ان کي رد ڪيو ۽ بنگالين تہ سخت مزاحمت بہ ڪئي پر پنجاب ان کي قبول ڪيو. ان جا ٻہ سبب هئا. هڪ تہ پنجابين کي پنهنجيءَ ٻوليءَ، ثقافت، ثقافتي سڃاڻپ سان گهڻي دلچسپي نہ هئي ۽ ٻيو تہ جڻ تہ اردو ڳالهائيندڙ حڪمران طبقي سان پنجاب جي حڪمران طبقي جي اڻ اعلانيل عملي اتحاد جو اهو بنياد هو. پنجاب جو الميو اهو هو تہ نہ رڳو سندن چوڌرين، فوجي ۽ سول ڪامورن ۽ حڪمران طبقي کي پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافت سان ڪا دلچسپي نہ هئي پر خود سندن دانشورن، اديبن ۽ شاعرن کي ان سان ڪو خاص لڳاءُ نہ هو. سندن اول درجي جي شاعرن، دانشورن ۽ اديبن پنجابيءَ بدران اردوءَ ۾ لکيو. بهرحال اردوءَ کي قومي ٻولي ۽ سندس ثقافت کي قومي ثقافت قرار ڏئي ملڪ ۾ هڪ وڏيڪ تضاد ۽ تڪرار جو بنياد وڌو ويو هو. اوپر پاڪستان جي بنگلاديش ٿيڻ جو هڪ تاريخي ۽ نفسياتي سبب اهو تڪرار ۽ تضاد بہ هو. ڇاڪاڻ تہ بنگالي ننڍي کنڊ جي نهايت اڳتي وڌيل ۽ ادبي طور وسيع ۽ امير ٻولي آهي ۽ بنگالي عوام بہ سياسي طور گهڻو سڄاڳ ۽ اڳتي وڌيل هو. اهو ڪٿي تي هڪ معمولي، محدود ۽ هڪ ٽوراڻيءَ جي

ٻولي جي ثقافتي هڪ هٽيءَ کي قبول ڪري سگهيو؟ ورهاڱي کان ترت پوءِ بنگال ۾ ٻوليءَ جا هنگاما ان ئي مزاحمت ۽ ردِعمل جو اظهار هئا. خير 1971ع ۾ بنگال ته پاڪستان کان ڌار ٿي ويو پر ان ڪانپوءِ به ملڪ ۾ اهو ثقافتي تضاد مختلف صورتن ۾ هميشهه زندهه رهيو آهي. خاص طور تي اهو تضاد بنگال ڪانپوءِ گهڻي ڀاڱي سنڌ ۾ زندهه رهيو آهي. ان جو هڪ سبب اهو آهي ته سنڌي به بنگاليءَ جيان هڪ آڳاٽي وسيع ۽ امير ٻولي آهي ۽ ٻيو ته خود سنڌي عوام ٻوليءَ جي معاملي ۾ تمام حساس ۽ سجاڳ رهيو آهي ۽ ٽيون ته خود سنڌي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن به هميشهه ٻوليءَ جي بچاءُ کي قومي بقا جو هڪ ثقافتي مورچو سمجهي اها جنگ پئي وڙهي آهي.

پاڪستان ۾ موجود اهو ٻوليءَ ۽ ڪلچر جو ثقافتي تضاد هاڻي اڳ جي ڀيٽ ۾ ان ڪري به تيزيءَ سان اُڀرندو جو پنجاب جي دانشورن، اديبن ۽ مڊل ڪلاس ۾ هاڻي پنهنجيءَ ٻوليءَ ۽ ثقافت سان لڳاءُ جو رويو مضبوط ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ مکيه ڪردار حنيف رامي ۽ فخرالزمان جهڙن دانشورن جو رهيو آهي. ان ۾ اڻ سڌيءَ ريت وڏو ۽ بنيادي ڪردار پارٽي پنجاب جو به آهي جنهن اليڪٽرانڪ ميڊيا تي پنجابي لوڪ موسيقيءَ ۽ ناچ ذريعي پنجابي ثقافت کي هٽي ڏني ۽ هن پاسي واري پنجابي عوام ۾ به اهو ثقافتي جذبو جاڳايو. گذريل ڏهاڪي کان پنجاب ۾ اهو لاڙو تيزيءَ سان وڌيو آهي ۽ ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي ۽ ظاهر آهي ته پس و پيش اهو لاڙو ملڪ ۾ اڳ ئي موجود ثقافتي تضاد کي هٽي ڏيندو، جيڪا ڳالهه پنهنجي جوهر ۾ فطري ۽ ترقي پسند آهي. جيڪو پنجاب ڇهن ڏهاڪن ۾ ملڪ جو مالڪ هئڻ باوجود پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ هڪ اخبار به نه ڪڍي سگهيو، اڄ ان وٽ هڪ پنجابي ٻوليءَ جو ٽي وي چئنل آهي، جيڪو اردو بجاءِ پنجابي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي اڳتي وڌائي رهيو آهي. ملڪ جو هي ثقافتي تضاد پنجابي ــ پناهگير مستقل مفاد جي اتحاد کي به ڪاپاري ڌڪ هڻندو.

## 6. تنگ نظر مذهبي ۽ سيڪيولر ڌرين جو تضاد:

جيتوڻيڪ پاڪستان جي باني محمد علي جناح بار بار خاص طور 11 هين آگسٽ واري تقرير ۾ واضح طور چيو هو ته پاڪستان هڪ سيڪيولر ملڪ هوندو جنهن ۾ رياست جو مذهب سان ڪوبه لاڳاپو نه هوندو. هن ته اڳتي وڌي اهو به واضح ڪيو هو ته پاڪستان ڪنهن طور به هو (Theocratic State) يعني ملا شاهي رياست نه هوندو پر ورهاڱي کان پوءِ هتي ٿيو بلڪل ان جي ابتڙ. ساڳئي پنجابي ــ پناهگير مستقل مفاد اسلام اسلام ڪري اڇي آسمان مٿي تي کنيو ۽ هڪ سيڪيولر پاڪستان جي رياست جي تصور جا بکيا اُڏيڙي ڇڏيا. پاڪستان سڌيءَ ريت مُلن جي حوالي ته ڪٽي نه ٿيو پر ملا شاهي ۽ سيڪيولر مخالف سوچ جي حامل تنگ نظر ۽ مفاد پرست قوتن حوالي ضرور ٿيو. دراصل هنن جو اسلام جي حقيقي روح سان ڪوبه تعلق نه هو پر هنن پنهنجيءَ ڦرلٽ، ڪوڙ، فريب، ننگيءَ ۽ ناجائز مفادن کي اسلام جي نالي جي آڙ ۾ جسٽيفاءِ ڪرڻ ٿي گهريو. ٻيو ته سيڪيولر ۽ روشن خيال سوچ جئين ته عوامي مفادن جي ترجمان هئي، ان ڪري هنن هر صورت ۾ ملڪ ۾ سيڪيولر ۽ روشن خيال سوچ ۽ سياست کي دٻائڻ ۽ ميدان مان ٻاهر اُڇلڻ ٿي چاهيو. انڪري پاڪستان ۾ سيڪيولر ۽ تنگ نظر مذهبي سوچ ۽ ڌرين جو تضاد به ملڪ جي وجود ۾ اچڻ شرط شروع ٿي چڪو هو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي خلاف پي اين اي جي تحريڪ ۾ به بنيادي هٿ ان تضاد جو هو. جنرل ضياءَ الحق جي دور ۾

اهو تضاد اجان بہ وڌيڪ شدت سان اُڀري آيو جاڪاڻ تہ جنرل ضياءالحق بہ پنهنجي آمريت کي اسلامي نظام جي نعري جي آڙ ۾ ڊيگهہ ڏيڻ تي چاهي. جيتوڻيڪ اُهو "اسلامي نظام" هن آخر تائين نافذ نہ ڪيو پر هو اُتندي ويهندي ڳالهہ ان جي ڪندو هو. ٻيو تہ اهو هن جو رياستي ڪاروبار بہ هو. جنرل ضياءالحق جي زماني ۾ آمريڪي ڊالرن جي بنياد تي جنوني مذهبي سوچ ۽ تنظيمن کي ٺاهيو ۽ اُڀاريو ويو تہ جيئن افغانستان معرفت روس خلاف آمريڪي جنگ وڙهي سگهجي. جهاد جي نالي ۾ تہ ايجنسين باقاعده هڪ سماجي صنعت قائم ڪري ڇڏي هئي. ان زماني ۾ پاڪستان ۾ "مُلا - ملٽري ۽ مارڪيٽ" جو ٽرائيڪا تمام مشهور ٿيو. ملڪ اندر بہ سيڪيولر سوچ ۽ ڌرين خلاف ڇڻ تہ خوف ۽ دهشت جو ماحول پيدا ڪيو ويو. جنونيت ۽ جهالت جي برڙ باڪاس هر طرف "سيڪيولر بوءِ سيڪيولر بوءِ!" تي ڪئي.

روس خلاف جهاد کان وٺي طالبان ۽ هاڻي القاعده ۽ ايم ايم اي تائين ان سوچ گهٽا لنگهہ لتاڙيا آهن ۽ مختلف روپن ۽ مرحلن مان پئي گذري آهي. ان جا علائقائي ۽ عالمي اتحادي ۽ دشمن بہ پئي تبديل ٿيا آهن. پر اها هڪ ڳالهہ تي ڪالهہ بہ متفق هئي ۽ اڄ بہ نظر اچي ٿي تہ پاڪستان ۾ سيڪيولر سياسي ۽ سماجي سوچ کي زمين تي پير رکڻ نہ ڏنا وڃن. جيتوڻيڪ ضياءَ واري دور ۾ سيڪيولر ڌريون سڌيءَ رياستي عتاب هيٺ رهيون ۽ ان ڪانپوءِ خاص طور تي روس جي زوال ڪانپوءِ اهي ڌريون نفسياتي دٻاءَ جو شڪار رهيون پر هاڻي صورتحال تبديل ٿي رهي آهي. هڪ طرف مذهبي ۽ سيڪيولر مخالف ڌريون منظم ۽ مضبوط ٿي رهيون آهن تي ٻئي طرف سيڪيولر ڌريون هاڻي سماجي ۽ سياسي طور هڪ نئين اُتساهہ، همٿ ۽ ارڏائيءَ سان وري اُڀري رهيون آهن، جنهن تضاد کي اڳ کان بہ وڌيڪ وڌائي ڇڏيو آهي. لاهور ۾ ميرٿن ريس ۾ عورتن جي شرڪت تي تڪرار بہ دراصل ان ئي تيزيءَ سان وڌندڙ تضاد جو اولڙو هو. نظر ائين پيو اچي تہ اهو تضاد هاڻي سياسي، فڪري ۽ سماجي ميدان تي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ تيزيءَ ۽ شدت سان اُڀرندو.

## 7. طبقاتي تضاد:

جيتوڻيڪ طبقاتي تضاد ٿين دنيا جي سمورن معاشرن ۾ وڏيءَ شدت سان موجود رهيو آهي، بلڪ اهو ان جو هڪ مکيہ تضاد آهي. جڏهن ملڪ ۾ مجموعي طرح سيڪيولر ۽ کاٻيءَ ڌر جون ڌريون اڄ جي پيٽ ۾ ڪجهہ وڌيڪ موجود ۽ مضبوط هيون تہ ان تضاد جو سياسي سطح تي وڌيڪ اثرائتو اظهار ٿيندو هو پر ضيا جي دور کان ان جي اظهار ۾ ڪجهہ گهٽتائي اچي وئي. ان جو هڪ سبب تہ ضياءَ جي دور ۾ وڌيڪ اُڀريل تضاد جمهوري هو، ان ڪري جدوجهد بہ گهڻي ڀاڱي ان حوالي سان هوندي هئي ٻيو تہ ضياءَ جي دور ڪانپوءِ ملڪ ۾ قومي تضاد وڌيڪ شدت سان پڙڪو ڪائي اُٿيو، جو ان جا محرڪ تيزيءَ سان اُڀري آيا. ان ڪري بہ طبقاتي تضاد بابت ڳالهہ وقتي طور جهڪي ٿي وئي. پر جيڪڏهن ڪنهن تضاد جا بنياد ۽ محرڪ موجود هجن تہ اهو آهستي آهستي پنهنجي اظهار جا ڏَڳَ پاڻ ٺاهي وٺندو آهي. رڳو ايترو ئي نہ پر ان جون ترجمان قوتون بہ اُڀاري وجهندو آهي. ضيا شاهيءَ خلاف وڙهيو هن ملڪ جو عوام، پر ان جو ڪٽيو هميشہ وانگر ڪاڏو وڏيرن، جاگيردارن، چوڌرين، خانن، سردارن ۽ سرمائيدارن. اڳ ملڪ ۾ 22 خاندانن جي راڄ جي ڳالهہ ٿيندي هئي. هاڻي بہ ملڪ ۾ ڏئي وٺي سو (100)

خاندان هوندا، جيڪي عوام تي جبري طور رياست طرفان مڙهيا ويا آهن. ڪين مراعتون ڏئي، پئسا ۽ اقتدار ۾ نالي ماتر حصيداري ڏئي، رياستي ادارا عملي طور سندس پيرن ۾ اڇلائي عوام کي جڻ ته شدت سان محسوس ڪرايو ويو آهي ته وٽن انهن ڪانسواءِ ٻي ڪابه چوائس نه آهي. ملڪ ۾ سرمائي جي مرڪزيت سبب غربت ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. جمهوريت کي هڪ ناٽڪ بڻايو ويو آهي ۽ عوام کي ٿلهو سياسي راءِ جي اظهار ۽ آزاد ووٽ جي حق کان به عملي طور محروم ڪيو ويو آهي. ان ڪري طبقاتي تضاد ۾ ملڪ ۾ وري شدت سان اُڀرڻ جي صورتحال نظر اچي رهي آهي. ٻئي پاسي سيڪيولر، ترقي پسند ۽ خاص طور تي ڪابيءَ ڌر جون فڪري، سياسي ۽ سماجي ڌريون به هڪ دفعو وري منظم ۽ مضبوط ٿي رهيون آهن. سنڌ ۾ ته خاص طور تي اهو تضاد وري شدت سان اُڀري رهيو آهي جنهن طبقي کي 1988ع ۾ عوام تاريخ جي ڊسٽبن ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو هو، اُهو وري اجان به وڏيڪ معاشي، سياسي ۽ سماجي سگهه سان مٿن زوريءَ مڙهيو ويو آهي. جنرل مشرف جي دور ۾ ته ان کي اجان به وڏيڪ اگهاڙي روپ ۾ سامهون آندو ويو آهي. اصل ۾ اهو طبقو عوام جي نه پر رياست جي ڦورو مفادن ۽ حڪمت عملين جو ناجائز سياسي اولاد آهي، جنهن کي اسٽيبلشمينٽ وڏي لاڏ ۽ ڪوڏ سان پاليندي ۽ ٽاٽيندي اچي. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته اهڙا ابن الوقت طبقا ۽ خاندان اُڀارڻ ته اسٽيبلشمينٽ جي وس ۾ آهي پر ان جي نتيجن کي روڪڻ ۽ فطري طور اُڀرندڙ طبقاتي تضادن کي روڪڻ ڪنهن به طور سندن وس ۾ نه آهي. جڏهن عوام کي سماجي طور ويڳاڙو ڪيو وڃي. سياسي طور نڌڻڪو ڪيو وڃي ۽ معاشي طور حقن کان محروم ڪيو وڃي ته اهڙيءَ رياست ۾ طبقاتي تضاد جو شدت سان اُڀرڻ هڪ فطري، معروضي ۽ اڻ ٽر لقاءُ آهي ۽ اهوئي پاڪستان ۾ ٿي به رهيو آهي ۽ ايندڙ دور ۾ وڏيڪ سگهه سان ٿيڻ جا امڪان بنهه چٽا نظر اچي رهيا آهن.

## 8. عوام ۽ ڪارپوريٽ سيڪٽر جا تضاد:

ڪارپوريٽ سيڪٽر ۽ عوام جو تضاد هوئڻ به اجوڪي دور جو هڪ تيزي سان اُڀرندڙ عالمي لقاءُ آهي. WTO ۽ عالمي بئنڪ خلاف سموري دنيا جي عوام جي عالمگير تحريڪ ان ئي محرڪ ۽ تضاد جو اظهار آهي. دنيا کي گهڻ قومي ڪمپنين جي معاشي بينڪيت ۾ تبديل ڪرڻ جو خواب عوام ڪٽي ٿو سولائيءَ سان ساپيان ٿيڻ ڏئي. هاڻي ته ڊبليو ٽي او جا ساليانا اجلاس ڪرڻ به هنن لاءِ هڪ وڏو عالمگير مسئلو بڻجي چڪو آهي. ورلڊ سوشل فورم ان ئي تضاد جي پيداوار آهي، جيڪو هاڻي هڪ عالمگير سرمائيداري مخالف تحريڪ بڻجي چڪو آهي.

پاڪستان ۾ به اهو تضاد هاڻي ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي. جڏهن کان پاڪستان TWO ايجنڊا جو حصو بڻجي ملڪ جون معاشي پاليسون ناهڻ شروع ڪيون آهن، تڏهن کان پاڪستان ۾ اهو تضاد زور وٺي رهيو آهي. سڄيءَ دنيا ۾ مندين کي تڏهن آزاد ڇڏبو آهي جڏهن رياست جو ڪردار ذميدار هجي، ملڪ جي انتظام ڪاري Governance بهتر هجي، ملڪ ۾ قانون جي حڪمراني Role of law هجي، عدليه آزاد ۽ خودمختيار هجي، ميڊيا آزاد ۽ ذميدار هجي، صارفين جي حقن بابت واضح قانونسازي هجي، ملڪ ۾ جمهوريت ۽ عوام کي فيصلي سازي تي اختيار هجي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته اثرائتي ۽ مضبوط سول سوسائٽي هجي پر هتي هر حوالي سان صورتحال ان جي بنهه ابتڙ آهي، نتيجي ۾

ملڪ تيزيءَ سان سرمائيدار گهڻ قومي ڪمپنين جي معاشي بينڪيت بڻجڻ ڏانهن وڌي رهيو آهي. دنيا ۾ جيڪي شعبا رياست بهتر طور نہ هلائي سگهندي آهي، اُهي پرائيويٽائيز ڪيا ويندا آهن تہ جئين اهي زنده رهي سگهن پر هتي جيڪي شعبا اڳ ئي منافعي بخش آهن ۽ نيڪ هلي رهيا آهن، اُهي پيڳڙن مُٺ تي وڪجي رهيا آهن. دلچسپ ڳالھ هيءُ آهي تہ فوج هڪ هٿ سان اُهي ادارا وڪڻي رهي آهي ۽ ٻئي هٿ سان پاڻ ئي خريد ڪري رهي آهي ۽ ان ڪي نجڪاريءَ جو نالو ڏنو پيو وڃي. تعليم ۽ صحت ڪان سواءِ هاڻي تہ ملڪ ۾ پاڻيءَ کي بہ پرائيويٽائيز ڪرڻ جا سانباها ٿي رهيا آهن. جنهن ملڪ ۾ اڳ ئي موجود پاڻي تڪرار جي نبيري ڏانهن ڪا سنجيدگي نظر نہ ايندي هجي، اُتي ويتر پاڻيءَ کي نجڪاريءَ ڏانهن ڌڪبو تہ ان جا نتيجا ڇا نڪرندا؟ ان جو تصور ڪري سگهجي ٿو. مجموعي طور ايندڙ وقت ۾ پاڪستان ۾ ڪارپوريٽ سيڪٽر ۽ عوام جو سنگين تڪرار ۽ تضاد وڏي پيماني تي وڌندڙ نظر اچي رهيو آهي.

## 9 ـ عوام جا عوام سان وڌندڙ تضاد:

پاڪستان ۾ اسٽيبلشمينٽ عوام کي جمهوري سياسي عمل ڪان پري ڌڪڻ لاءِ جيڪي رويا، قدر، پاليسيون، ”مفاد“ ۽ انهن جون نمائنده قوتون ڏاڪي بہ ڏاڪي متعارف ڪرائيندي رهي آهي، انهن عوام کي نہ رڳو هڪ ٻئي ڪان ڌڪي ڌار پئي ڪيو ۽ ورهائي ڇڏيو آهي پر منجهن انيڪ تڪرارن ۽ تضادن کي بہ اُڀاريو آهي. ملڪ تي قابض حڪمران طبقو ۽ اسٽيبلشمينٽ جئين تہ چوريءَ، ڦورو روين ۽ ناجائز طور ملڪ تي پنهنجي هڪ هٽي جمايو ويٺي آهي، انڪري ان جي حتي الامڪان ڪوشش اها رهي آهي تہ عوام ڪنهن طور بہ گڏ، متحد ۽ منظم نہ هجي، ڇاڪاڻ تہ پوءِ شايد سندن ناجائز اختيارن ۽ مفادن جي بچاءُ جو اسٽيٽسڪو ائين قائم رهي نہ سگهي، انڪري هنن عوام کي هر طرح سان ورهائڻ ۽ ويڙهائڻ ۾ وسان نہ گهٽايو آهي. جئين اسان مٿي چئي آيا آهيون تہ سبب پيدا ڪبا تہ نتيجا ضرور سامهون ايندا، انڪري حڪمران طبقي، ايجنسين ۽ اسٽيلشمينٽ شعوري ۽ حڪمت عملي طور ملڪ ۾ ذات پرستي، نسل پرستي ۽ مذهبي فرقہ پرستيءَ کي پئي وڌايو آهي تہ جئين عوام جي ورهائجي وڃڻ ۽ منجهن انيڪ غير ضروري ۽ عوام دشمن تڪرار پيدا ٿيڻ جو عمل تيز ٿي سگهي. جنرل ضياءالحق خاص طور تي ان حڪمت عمليءَ تي وڏي پيماني تي ڪم ڪيو ۽ جنرل مشرف بہ بنيادي طور ملڪ اندر ان ئي ”ڪم“ سان لڳل آهي. سندس ضلعي حڪومتن جي نظام عملي طور تي ان کي وڌيڪ تيز ڪيو آهي. اختيارن جي ورڇ جي نالي ۾ ملڪ ۾ بدترين مرڪزيت جو نظام لاڳو ڪيو ويو آهي. جنهن کي وڏي ڳالھ تہ غير سياسي بہ ڪوٺيو وڃي ٿو. يعني مرڪز پنهنجو ڪوبہ اجايو اختيار صوبن کي منتقل نہ ڪيو. ڪنڪرنٽ لسٽ جئين جو تئين موجود آهي پر صوبن جا انڌا منڌا اختيار وري ضلعن کي ورهايا ويا آهن. ٻئي پاسي وري ضلعي حڪومتن جا معاشي اختيار سڌيءَ ريت مرڪز وٽ آهن. يعني هي تہ ون يونٽ ڪان بہ بدتر مرڪزيت جو نظام ٿيو. ٻيو تہ انڪي غير پارٽي بنيادن تي ڪري سڄي معاشري کي اندروني ڇڪتاڻ، پيچ ڊاھ ۽ نراجيت ڏانهن ڌڪيو ويو آهي. جنرل مشرف پاڻ کي بہ ذاتي طور هڪ نسل پرست حڪمران ثابت ڪيو آهي. ماڻهو تہ هن کي ملڪ جي صدر بدران اسلام آباد ۾ وينل ايم ڪيو ايم جو زونل چيف سمجهن ٿا.

هتي گهٽي تفصيل ۾ وڃڻ جي گنجائش گهٽ آهي پر اها هڪ چٽي حقيقت آهي تہ رياست تي قابض قوتن ذات پرستي، نسل پرستي ۽ مذهبي فرقہ پرستيءَ کي شعوري ۽ حڪمت عملي طور تي وڌائي عوام کي تہ ورهائي ڇڏيو آهي پر ظاهر آهي تہ هڪ حد کانپوءِ ان جا نتيجا رڳو سماج لاءِ ئي نہ پر رياست لاءِ بہ خطرناڪ ثابت ٿيندا آهن. انهن لاڙن جو نتيجو سماج ۾ پيچ ڊاهہ ۽ نراجيت هوندي آهي، جيڪا ظاهر آهي تہ هڪ حد کانپوءِ اڏوهيءَ جيان سماج سان گڏ رياست کي بہ کائڻ لڳندي آهي. هي تہ ”هم تو ڊوبين گي صنم، تم کو بهي لي ڊوبين گي“ وارو قصو آهي. عوام جا دشمن عوام دشمن طبقن سان تضاد نهايت پيچيده هوندا آهن. جن جو ڪوبہ سادو حل موجود نہ هوندو آهي ۽ اهوئي سڀ ڪجهہ پاڪستان ۾ رياستي ۽ سماجي سطح تي ٿي رهيو آهي ۽ وڏيڪ ٿيڻ جا امڪان واضح نظر اچي رهيا آهن.

سوال آهي تہ هڪ ملڪ جنهن جي پنهنجي رياستي، سياسي، خارجي، معاشي ۽ اسٽريٽجڪ صورتحال بد کان بدترين هجي، اُتي جيڪڏهن رياست هڪ ئي وقت ايترن پيچيده تضادن جو شڪار هجي، تہ ان جو پس و پيش ڇا حال هوندو ۽ ٿيندو؟ خاص طور تي تڏهن جڏهن حڪمران طبقي ۽ اسٽيبلشمينٽ کي نہ انهن تضادن جو گهرو ادراڪ هجي ۽ نہ ان جي نتيجن جي ڪا پرواهہ! پر ڇا معروضي تضاد حڪمران طبقي ۽ اسٽيبلشمينٽ جي ڪوتاهہ نظريءَ جو لحاظ ڪندا يا منطقي طور اهي نتيجا سامهون آڻيندا جن کي اُيرڻ ۽ سامهون اچڻ کان شايد ڪوبہ روڪي نہ سگهي. ڇا رياست تي قابض ڦورو قوتن کي ذري جيترو بہ احساس ۽ ادراڪ آهي تہ هو ملڪ کي ڪهڙي ”کوهہ“ ۾ اڇلڻ ڏانهن ڌڪي رهيا آهن؟

# “By uniting we stand, by dividing fall”

We John Dickinsion

# ملڪ ۾ قومن جي اتحادن جي نئين جوڙجڪ ۽ سنڌ

انساني سماج متضاد لقائن جو مظهر آهي. ان ۾ جتي تضاد ۽ تڪرار آهن، اُتي هم آهنگي ۽ اتحاد به آهن. اڻوهين صديءَ جي ٻن وڏن حياتياتي ۽ انتروپالاجيءَ جي ماهرن انهن ٻنهي لقائن کي ڌار ڌار نظرين جي صورت ۾ بيان ڪيو آهي. ڊارون مختلف حياتياتي ايڪائين وچ ۾ موجود ڇڪتاڻ ۽ مقابلي کي وڌيڪ ڇٽو ڪيو پر ساڳي وقت پرنس پيٽروڪروپاٽن (جڳ مشهور مقالي ”نوجوانن ڏانهن“ جو ليکڪ) پنهنجي عظيم ڪتاب”Mutual Aid“ ۾ فطرت ۽ حياتيءَ جي هڪ ٻئي پاسي ۽ محرڪ کي دريافت ڪيو. هن واضح ڪيو ته حياتيءَ ۽ حياتياتي ايڪاين ۾ رڳو جدل ۽ تضاد نه آهي پر انهن وچ ۾ باهمي سهڪار ۽ اتحاد به آهي. اڻوهين صديءَ جي هنن ٻنهي عظيم سائنسي نظريه دانن جي انهن ڇڪتاڻ ۽ باهمي اتحاد جي فطرتي نظرين جو اطلاق سماج تي به ٿئي ٿو. برگسان به پنهنجي ڪتاب ”Creatve Evolution“ ۾ ان تي لکيو آهي. دنيا ۾ خاص طور تي اطلاقي سماجي سائنس ۾ ( Applied Social Sciences) ۾ ان بابت تمام گهڻو لکيو ۽ ڳالهايو ويو آهي، جنهن جو تَتُ هي آهي ته جتي تضاد، تڪرار

۽ ڇڪتاڻ هوندي آهي، اُتي اتحاد ۽ سهڪار به لازمي طور وجود ۾ ايندو. اهو لقاءُ فطرت توڙي سماج ۾ ساڳيءَ طرح هلي ٿو.

پاڪستان ۾ جئين مٿي تضادن جي صورتحال کي بحث هيٺ آندو ويو آهي، تئين هن مضمون ۾ اسين ملڪ ۾ قومن جي اتحادن جي امڪاني صورتحال جو جائزو وٺنداسون. اڳين مضمونن ۾ پاڪستان جي ماضيءَ قومن جي اتحاد جو مختلف حوالن سان بار بار ذڪر ڪيو ويو آهي پر هتي اسين ان سوال جو هڪ دفعو وري جدا ۽ مختصر جائزو وٺنداسون.

اصل ۾ اتحادن جون شڪليون به حقيقت ۾ اسان جو خواهشون نه پر معروضي تضاد طيءَ ڪن ٿا ۽ اتحاد جٽادار به اُهي هوندا، جيڪي تضادن جي محرڪن جي بنياد تي هوندا. پاڪستان شروع کان وٺي اتحادن جي ٿلهي ليکي ٻه صورتون ۽ ڏارائون رهيون آهن. يعني هڪ طرف پنجابي ۽ اردو ڳالهائيندڙ حڪمران طبقا پنهنجن ناجائز ڦورو مفادن تحت هڪ ٻئي سان گڏ ۽ اتحادي رهيا آهن ته ٻئي طرف ملڪ جون مظلوم سنڌي، بلوچ، پشتون ۽ سرائيڪي قومون ٻيو نه ته به مفادن جي لحاظ سان هڪ ٻئي سان گڏ رهيون آهن. جيتوڻيڪ گڏريل ٻن ڌاڪن ۾ اها صورتحال وقتي طور تبديل به ٿي ۽ نتيجي ۾ بدترين بحران جو شڪار به رهي پر هاڻي حالتون وري موٽ کائي رهيون آهن. اچو ته اُن حوالي سان سمورن بنيادي سوالن ۽ امڪاني محرڪن تي ڏار ڏار نظر وجهون.

گهڻ قومي ملڪن ۾ بالادست قومن جا حڪمران طبقا وقتي طور جيڪو ڏاڍ ۽ جيڪا ڦرلٽ ڪندا آهن جيتوڻيڪ ان جو ڪجهه جزوي فائدو سندن عوام کي به ٿيندو آهي پر پس و پيش انهن جي قيمت مختلف صورتن ۾ سندن عوام ئي ادا ڪندو آهي. تڏهن ته لينن چيو هو ته بالادست قومن جي عوام جي نجات به ان ۾ هوندي آهي ته اُهي مظلوم قومن ۽ عوام سان گڏجي پنهنجي ڦورو حڪمران طبقي خلاف ساٿن گڏجي جدوجهد ڪن. اها ٻي ڳالهه آهي ته اها ڪا ايڏي سئولي ڳالهه نه هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته قومي ڦرلٽ جا وقتي ۽ جزوي فائدا ته بالادست قومن جي عوام کي به ملندا آهن. ان ڪري اُهي پنهنجي عارضي مفادن جي نَڪَ کان گهڻو اڳتي ڏسي نه سگهندا آهن.

پنجاب جي حڪمران طبقي گذريل ڇهن ڏهاڪن کان جاري پنهنجي قومي ڏاڍ ۽ ڦرلٽ سبب پنهنجي عوام کي باقي سموري ملڪ جي عوام کان عملي طور اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي. نتيجي ۾ جئين بالادست قومن جو عوام سياسي ۽ سماجي طور هڪ ”سياسي ٻيٽ“ ۾ بدلجي ويندو آهي، تئين پنجاب جي عوام سان به ساڳي ڪار ٿيندي نظر اچي رهي آهي. ان اڪيلائيءَ جو مطلب دراصل روين جي حوالي سان آهي، باقي هونئن ته اهي هر هنڌ ۽ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود آهن. پنجاب جي حڪمران طبقي جي ڪرتوتن سبب ملڪ جي ڪنهن به ٻيءَ قوم جو عوام پنجاب جي لاءِ هڪ قوم طور ڪي بهتر جذبا نٿو رکي. ظاهر آهي ته جڏهن دلين ۾ هڪ ٻئي جو احترام ۽ هڪ ٻئي لاءِ احساس نه هجي ته پوءِ ان جو اظهار سڌيءَ توڙي اڻ سڌيءَ ريت انيڪ صورتن ۾ ٿيندو آهي ۽ اهوئي ڪجهه اسان وٽ به ٿي رهيو آهي. ملڪ ۾ جمهوري جدوجهد سبب پنجاب وري به سڄي ملڪ سان ڳنڍيل هو پر هاڻي جئين ته قومي تضاد وڌيڪ تيزيءَ سان اُڀري رهيو آهي، جنهن ۾ پاڻيءَ تڪرار ۽ بلوچستان جي صورتحال ۽ خاص طور نواب اڪبر بگٽيءَ جي قتل وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. ان صورتحال ۾

پنجاب ڪنداڻتو ٿي رهيو آهي. جيتوڻيڪ هن دفعي پنجاب جي ترقي پسند دانشورن پنجاب مان به ان ڏاڍ خلاف اثرائتو آواز اُٿاريو آهي پر ان جي باوجود صورتحال گهڻي پيچيده آهي. اصل ۾ جيسين پنجاب ۾ طبقاتي تضاد شدت سان نه اُڀرندو تيسين نه ته پنجاب جو حڪمران طبقو حقيقي طور ڪمزور ٿيندو ۽ نه وري پنجاب جي عوام جو مظلوم قومن جي عوام سان ڪو جٽادار اتحاد جڙندو. پنجاب جو اُڀريل تضاد طبقاتي ۽ جمهوري آهي ۽ ان جو اُڀرڻ خود قومي تضاد جي نبيري جي به حق ۾ آهي.

پنجاب ۾ اهو ڪم پ پ پ ڪري ٿي سگهي پر ظاهر آهي ته ان جون اوليتون ڪي ملڪ ۾ بنيادي تبديليون آڻڻ جي سوال سان لاڳاپيل نه آهن. ٻيون جيڪي ڌريون پنجاب ۾ طبقاتي سوال کڻن ٿيون، انهن جو عوام تي ان سطح جو اثر نه آهي جو طاقت جي توازن ۾ ڪو ڦيرو اچي سگهي. بهرحال نظر ائين ٿو اچي ته ايندڙ وقت ۾ متين چاڻايل سببن ڪري پنجاب اڪيلائيءَ جو وڏيڪ شڪار ٿيندو.

ٻئي طرف هونئن ته سڄيءَ دنيا ۾ پناهگير اقليتن جي نفسيات ۽ سياسي سوچ ۽ نئين ماحول ۾ گهڻن زمانن تائين پختي، متوازن ۽ صحت مند نه هوندي آهي پر سنڌ ۾ آيل اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي نفسيات ۽ سياسي رويا شروع کان برتريءَ جي احساس وارا، ڌرتيءَ ۽ ان جي اصلوڪن ماڻهن سان حقارت وارا، خود فريب، غير جمهوري ۽ انتهاپسند ۽ سنڌن وسيلن تي قبضہ گيريءَ وارا رهيا آهن. ان نفسيات کي ناهڻ ۾ گهڻو ڪردار سنڌن دانشورن ۽ متعصب قيادت جو رهيو آهي. شروع ۾ سنڌن گهڻو زور مها اسلامي ۽ مها پاڪستاني سوچ تي هو. وٽن هر ڳالهه کي پرکڻ جا پيمانا اهي به هئا. انڪري سنڌن سياسي وابستگيون به گهڻي ڀاڱي جماعت اسلامي ۽ جمعيت عُلماءَ پاڪستان جهڙين مذهبي سياسي جماعتن سان هيون. پر هڪ ڳالهه عجيب آهي ته اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي ڪاهي ڌر جي ماڻهن کان وٺي ويندي جماعت اسلاميءَ تائين سيني جو سنڌي عوام، ٻوليءَ، ڪلچر ۽ ڌرتيءَ ڏانهن رويو ساڳيو هو. اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ هن آباديءَ پنهنجا سياسي رويا ۽ سوچ تبديل ڪئي پر ان تبديليءَ جي نتيجي ۾ جنهن تنظيم کي زور وٺرايو ويو، اُها هنن جماعتن کان به وڌيڪ عوام دشمن ۽ فاشسٽ هئي ۽ آهي. هاڻي ته جڻ اردو ڳالهائيندڙ آبادي خود ايم ڪيو ايم وٽ مڪمل طور يرغمال بڻيل آهي. ان جو سبب ڪو اهو نه آهي ته هيءَ تنظيم ڪا پنهنجي سر ايتري سگهاري آهي. دراصل اسٽيبلشمينٽ به هن تنظيم کي چڙواڳ ڇڏيو آهي ته اها دهشت جي زور تي اردو ڳالهائيندڙ عوام توڙي سنڌ جي مجموعي سياست کي يرغمال رکي. ڇاڪاڻ ته اسٽيبلشمينٽ کي اصل خطرو سنڌ جي اڪثريتي عوام جي قومي ۽ جمهوري سياست مان هو ۽ آهي، جيڪا حقيقي طور سنڌن طاقت جو توازن جي ديوار ۾ ڏار وِجهي سگهي ٿي. هاڻي ته ايم ڪيو ايم کي رڳو پاڪستاني اسٽيبلشمينٽ جي ئي نه پر خود آمريڪا ۽ پارت جي به وڏي اندروني حمايت حاصل آهي. هڪ طرف اها صورتحال آهي ته ٻئي طرف خود اردوڳالهائيندڙ آباديءَ اندر به ڪنهن صحت مند ۽ جمهوري سياست ڪرڻ جا لاڙا اُڀرندي نظر نه ٿا اچن. اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي گهڻائي هونئن به ڪڏهن جمهوري سياست جو حصو نه رهي آهي. ان يا ته رجعت پسند ڌرين جو ساٿ ڏنو آهي يا وري فاشسٽ ڌُر جو. اصل ۾ ان جو هڪ

نفسياتي سبب هي بہ آهي تہ هڪ ننڍڙي ثقافتي اقليت کي ملڪ ۾ ٻين قومن ۽ آبادين جي پيٽ ۾ ايتريون تہ مراعتون ملنديون رهيون آهن جو اها ذهني طور جمهوريت کان خوف کائي ٿي. چاڪاڻ تہ جمهوريت ۾ اقليت کي اڪثريت مٿان حاوي رهڻ جو موقعو نٿو ملي سگهي. انڪري هن آباديءَ کڏهن بہ جمهوريت ۽ جمهوري تحريڪن ۽ قوتن جو ساٿ نہ ڏنو آهي. سندن نام نهاد نمائنده تنظيم جي باري ۾ ڪنهن کي خبر نہ آهي تہ انڪي جنرل ضياءالحق ناهيو ۽ جنرل مشرف وڏيڪ مضبوط ڪيو آهي. جنرل مشرف جي اقتدار تي قبضي وقت ئي رسول بخش پليجي جهڙن دوررانديش دانشورن ۽ اڳواڻن پروڙي ورتو هو تہ هو پنهنجي سرشست ۾ نسل پرست آهي ۽ هن اُن گمان کي پنهنجيءَ سوچ، عمل ۽ پاليسين سان ثابت بہ ڪيو. جنرل مشرف جي دور ۾ جيترو هن تنظيم ۽ آباديءَ کي مضبوط ڪيو ويو آهي، ان جو ماضي ۾ بہ ڪو مثال نٿو ملي پر ان جو منطقي نتيجو اهو نڪرندو جو جنرل مشرف جي حڪومت کان پوءِ ڪين ان جي سياسي قيمت ادا ڪرڻي پوندي. چاڪاڻ تہ ٻيو تہ ٺهيو پر خود پنجاب بہ سندن ان حيثيت مان دل ۾ خوش نہ هوندو. جنرل مشرف جي وڃڻ کانپوءِ شايد هيءَ تنظيم ۽ آبادي بہ وقتي طور پنجاب وانگر Isolate ٿئي. چاڪاڻ تہ جنرل مشرف ”پنهنجيءَ“ آباديءَ ۽ تنظيم کي هر قيمت تي نوازڻ ۾ ڪا بہ ڪسر باقي نہ ڇڏي آهي ۽ اها صورتحال گهڻو وقت ائين برقرار رهي نہ ٿي سگهي ۽ سنڌين، بلوچن، پشتونن ۽ سرائيڪين تہ ٺهيو پر خود پنجاب کان بہ برداشت ٿي نہ ٿي سگهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ جنرل مشرف ان لاءِ پنجاب کي ڊيمن، اين ايف سي ايوارڊ ۽ ٻين انيڪ صورتن ۾ معاشي وسيلن جي ڦرلٽ جي رشوت ڏئي ٿو.

جديد پشتون قومي سياست شروع کان پنهنجو الڳ مزاج رکندي اچي ۽ ان جا بہ مختلف ۽ واضح لاڙا رهيا آهن. هڪ جي نمائندگي ولي خان ٿي ڪئي ۽ ٻئي جي محمود خان اچڪزئيءَ جي والد عبدالصمد خان اچڪزئيءَ پئي ڪئي. خان غفار خان عرف باچا خان جي سياست جو مزاج ۽ ڍنگ توڙي رويو ٻنهيءَ کان مختلف هو. پر مجموعي طور جديد پشتون قومي سياست جي نمائندگي ٿلهي ليکي ورهاڱي کان پوءِ ولي خان ٿي ڪئي. ولي خان جي سياست جو رويو بلڪل ائين هو جئين عام پناڻن جو واپار ۾ هوندو آهي، جنهن ۾ هن جا ڪي بہ طئہ ڪيل اڳهہ ۽ اصول نہ هوندا آهن منهنجو هرگز اهو مطلب نہ آهي تہ ولي خان جي سياست جا ڪي اُصول نہ هئا پر دراصل هن کي ڪنهن بہ هڪ خاني ۾ فٽ نہ ٿو ڪري سگهجي. نعپ کان وٺي عوامي نيشنل پارٽيءَ تائين هن جي سياست ۽ روين توڙي اوليتن تي تمام گهڻو لکي ۽ ڳالهائي سگهجي ٿو. پشتون قومي سياست بابت ڪوبہ يقين سان چئي نٿو سگهي تہ اُهي ڪنهن سان ڪيترو ڊگهو وقت گڏ هلي سگهندا؟ مثال طور روس جي زوال ۽ افغانستان ۾ نجيب حڪومت جي خاتمي شرط ئي هنن وچي COP ۽ آءِ جي آءِ جوائن ڪئي، جيڪو دراصل آءِ ايس آءِ جو ناهيل هڪ اتحاد هو. اها ڳالهہ هاڻي رڪارڊ تي موجود ۽ ثابت ٿيل آهي تہ ان اتحاد معرفت ان وقت آءِ ايس آءِ نواز شريف کي پ پ پ ۽ بينظير جي سامهون هڪ اڳواڻ طور اُڀارڻ ٿي چاهيو. ڪين اها خبر ٿورو ئي هئي تہ نواز شريف اڳتي هلي بدلجي ماڻهو ئي ٻيو ٿي ويندو. ان وقت نواز شريف کي پنجابي شائونزم جي هڪ ملڪ گير نمائندي طور مٿي اُڀاريو پئي ويو. ان زماني ۾ اي اين پيءَ جو وڃي ان سان شامل ٿيڻ جو ٻيو مطلب ڪهڙو هو تہ دراصل پشتون قومي ليڊر ننڍين

۽ مظلوم قومن جي ڌارا مان ڪٽجي وڃي پنجاب جي صف ۾ شامل ٿيڻ ٿي چاهيو. ٻئي طرف ڪين اهڙا واضح آسرا بہ ڏنا ويا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ سنڌن اها حڪمت عملي انڪري گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪري سگهي، جو پنجاب جي حڪمران طبقي ڪين عملي طور ڪجهہ ڪونہ ڏنو ۽ نہ وري اهو ڪين ڏئي ها.

اڄ جيڪڏهن پشتون قومي قيادت وري واپس اچي نئين ۽ مظلوم قومن جي ڌارا ۾ شامل ٿي آهي تہ ان جو ڪريڊٽ پنجاب جي ان حڪمران طبقي ڌانهن وڃي ٿو جنهن ڪين گهربل سطح تي اڪوموڊيٽ نہ ڪيو. هونئن بہ پشتون پاڪستان ۾ سنڌين، بلوچن ۽ سرائيڪين جيان مظلوم قوم نہ آهي. ان کي بهرحال ملٽري ۽ سول بيوروڪريسي توڙي واپار ۽ ڪامرس ۾ گهربل نہ تہ بہ چڱو حصو مليل آهي. بنهہ سولي ۽ سادي ڳالهہ ڪجي تہ پناڻن تي ماڻهو پاڙي نہ ٿو سگهي يا سنڌن ساٿ جي آسري تي ماڻهو وڏا رسڪ نہ ٿو کڻي سگهي. هو ڪڏهن بہ ۽ ڪنهن بہ گهڙيءَ پنهنجو ”منهن“ ڦيري سگهن ٿا ۽ ان لاءِ ڪين ڪا رسمي وضاحت پيش ڪرڻ جي ضرورت بہ پيش نہ ايندي. پناڻن گهڻي وقت کان وسيع تر عوامي جدوجهد جو ڏڳ ئي عملي طرح ڇڏي ڏنو آهي. ويندي ڪالاباغ ڊيم بابت بہ تازو اي اين پي تڏهن تحرڪ ۾ آئي جڏهن سنڌ ۾ عوامي جدوجهد سڄي ملڪ جو سياسي وايو منڊل تبديل ڪري ڇڏيو. سنڌ اهو تصور ئي غلط ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ڪو هيستائين ڪالاباغ ڊيم کي پشتونن جي سگهہ روڪيو بيٺي آهي. پشتون هاڻي پاشا ڊيم تي بلڪل خاموش آهن ۽ رهندا. پشتون صرف ڪالاباغ ڊيم تي سنڌ سان گڏ هو باقي سنڌو درياهہ تي ٻين ڊيمن بابت سنڌن خيال بلڪل مختلف ئي نہ پر متضاد بہ آهن.

دراصل هاڻي نظر ائين ٿو اچي تہ پشتون قومي حيثيت ۾ سنڌين، بلوچن ۽ سرائيڪين سان مستقل طور گڏ نہ بيهندا. هو هاڻي رڳو اشوز جي بنياد تي گڏ هلندا. يعني جن اشوز تي هنن کي گهرج آهي ۽ رهندي، انهن تي هو مظلوم قومن جي گڏيل جدوجهد ۾ شامل رهندا. باقي هو پنهنجي الڳ مفادن جي سياست ڪندا. سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم جي باري ۾ بہ سنڌن رويو غير واضح آهي. ان جو هڪ سبب اصل ۾ اهو بہ آهي تہ اي اين پيءَ نالي ۾ تہ باچا خان کي پنهنجو قومي اڳواڻ مڃي ٿي پر ان پنهنجو عملي سياسي ڪردار گهڻو تبديل ڪري ڇڏيو آهي. خود اي اين پيءَ جا پراڻا نظرياتي ڪارڪن پنهنجين ذاتي ڪچهرين ۾ دانهون ڪندا آهن تہ سرمائيدار ۽ ڪاروباري طبقو پارٽيءَ تي گهڻو حاوي ٿي چڪو آهي، جنهن رويا ۽ پاليسيون پنهنجي حساب سان سامهون آندا آهن. پر هڪ اُتساهيندڙ ڳالهہ اها آهي تہ افراسياب خٽڪ، بشريٰ گوهر، لطيف آفريدي جهڙن ماڻهن وري پارٽيءَ ڏانهن موٽ ڪاڌي آهي، جنهن سان ڪارڪنن ۾ اُتساهہ وڌيو آهي ۽ پارٽيءَ جي قومي ڪردار ۾ نيون ۽ بهتر تبديليون اچي سگهن ٿيون. ٻئي طرف بلوچستان ۾ پشتونخواهہ ملي عوامي پارٽيءَ بہ پاڻ کي نئين سر منظم ۽ مضبوط ڪيو آهي. بهرحال جئين تہ پشتون قومي تحريڪ جا بنياد ۽ محرڪ تاريخي ۽ سگهارا رهيا آهن، انڪري اها قوت بحرانن، لاهين ۽ چاڙهين کي منهن ڏيئي وري بہ پنهنجا پير سنڀالي وٺي ٿي.

بلوچ قومي تحريڪ هونئن تہ پنهنجيءَ رفتار سان گذريل ڪيترن ڏهاڪن کان هلندي رهي آهي پر ويجهي ماضيءَ ۾ اُها وڌيڪ سگهاري انداز سان اُسري آئي آهي. مونکي شاگرد سياست جي دور

ڪان وٺي بلوچستان جي شاگرد سياست ڪي ويجهڙائيءَ ڪان ڏسڻ جو موقعو پئي ملندو رهيو آهي. بلوچستان ۾ قومي سياست جو دٻاءُ ايترو گهٽو رهيو آهي جو اُتي ڪڏهن بہ ڪا وفاقي پارٽي محدود انگ ڪان وڌيڪ سيٽون کٽي نہ سگهي آهي. بلوچستان جي قومي سياست جي ٻي خاص ڳالهہ اها آهي تہ ان جي قومي سياست جي اڪثريتي ڪادر سندن سگهاري شاگرد سياست يعني بي ايس او (BSO) جي پيداوار آهي ۽ سندن گهڻائيءَ جو تعلق هيٺين وچولي طبقي سان رهيو آهي.

بلوچستان جي غربت ۽ پسماندگيءَ بابت ڪجهہ انگ اکر ۽ حقيقتون اسان مٿي اڳين مضمونن ۾ ڏيئي آيا آهيون، ان ڪري هتي ان جو رڳو سياسي حوالي سان مختصر جائزو وٺبو.

بلوچ قومي تحريڪ جا بہ اندروني طور مختلف رنگ، رويا ۽ لاڙا آهن. نواب اڪبر بگٽي جيتوڻيڪ شهادت ماڻي بلوچ قومي تاريخ ۾ هڪ هيرو جو درجو ماڻي چڪو آهي پر لڳي ٿو تہ هاڻي هن جي پارٽي هن ڪان پوءِ وڌيڪ جٽاءُ نہ ڪري سگهندي، هڪ تہ هن پارٽي فقط پنهنجي علائقي ۽ راڄ تائين محدود هئي ٻيو تہ اُها هڪ فرد جي پويان ۽ اثر هيٺ هلندڙ هئي. پسمانده قومن جي اها وڏي ڪمزوري هوندي آهي تہ اُهي ادارن ناهڻ بجاءِ رڳو فردن جي سهاري هلنديون آهن.

بهرحال هاڻي نواب اڪبر بگٽيءَ جي پارٽيءَ جو سندس شهادت ڪانپوءِ ڪو اثرائتو يا اڳتي وڌندڙ مستقبل نظر نہ ٿو اچي.

عطاءُالله مينگل سياست جو پنهنجو انداز رکي ٿو ۽ هن جو سياسي ۽ تنظيمي اثر ۽ دائرو نواب اڪبر بگٽيءَ جي جمهوري وطن پارٽيءَ ڪان گهٽو وڌيڪ آهي. هن پارٽيءَ ۾ بلوچ مڊل ڪلاس جو بہ هڪ چڱو حصو موجود آهي. هن پارٽيءَ جو مستقبل بهتر ۽ مضبوط نظر اچي ٿو.

بلوچ قومي تحريڪ جو مزاحمتي ۽ هٿياربند جدوجهد جو مورچو نواب خير بخش مريءَ جو پُٽ بالاچ مري سنڀاليو وينو آهي، جنهن جي تنظيمي ۽ هٿياربند سگهہ جو گهڻو دارومدار بہ مري قبيلي تي ئي آهي. هيءَ تنظيم ويجهي ماضيءَ ۾ وڏيءَ سگهہ ۽ شدت سان اُڀري آئي آهي، جنهن کي بلوچ نوجوانن ۾ بہ گهڻي پذيرائيءَ ملي آهي. هن تنظيم پاڻ کي نهايت منظم، رازداريءَ ۾ پختي ۽ ڏکي مزاحمتي جدوجهد ڪري سگهندڙ تنظيم طور مڃرايو ۽ اڳتي آندو آهي. پر سندن ڪمزور پاسو اِهو آهي تہ سندن مزاج سياسي گهٽ آهي ۽ هو جدوجهد جي پرامن جمهوري طريقن ۽ فارمز کي خاطر ۾ ئي نہ ٿا آڻين. مٿن مهم جوئيءَ جو عنصر وڌيڪ حاوي نظر اچي ٿو. سڀ ڪان وڏي ڳالهہ تہ سندن ڪا سياسي پارٽي نہ آهي. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ مخصوص حالتن ۾ جدوجهد جا پرامن ۽ جمهوري طريقن ڪان سواءِ ٻيا بہ متبادل رستا ٿي سگهن ٿا، وينڌي گوريلا جنگ ۽ هٿياربند جدوجهد تائين پر ان لاءِ بہ مٿين سطح تي عوامي سياست، سياسي سوچ، سياسي حڪمت عمليون ۽ مضبوط سياسي پارٽي گهرجي. ويڙهہ بہ سياسي جدوجهد جو حصو آهي، انڪري اُها جيڪڏهن ڪن مخصوص حالتن اندر اڻ ٽر ۽ ضروري آهي تہ بہ اُها سياست ۽ سياسي پارٽيءَ جي ماتحت ٿيڻ گهرجي. هتي اهو رويو بلڪل نظر نہ ٿو اچي. جٽادار عوامي سياست هٿياربند ويڙهہ ڪان وڌيڪ اثرائتو ۽ جٽادار هٿيار آهي. بلڪ اها جديد انساني تهذيب جي هڪ اڳتي وڌيڪ سماجي ٽيڪنالاجي آهي. جڏهن تہ ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ هي مزاحمتي تحريڪ بلوچ نوجوانن جي وڏي انگ کي اهو سمجهائڻ ۽ محسوس ڪرائڻ ۾ ڪامياب وئي

آهي تہ رياست ۽ بلوچستان جي مخصوص حالتن ۾ مزاحمتي ۽ هٿياربند جدوجهد ڪانسواءِ بلوچ قومي تحريڪ ڪي بہ نتيجا نہ ٿي حاصل ڪري سگهي. اها بلوچستان اندر تيزيءَ سان اُڀرندڙ ۽ Establish ٿيندڙ سوچ آهي، انجو وڏو مثال ويجهڙائيءَ ۾ بي ايس او جي لڳ ڀڳ سمورن گروپن جو هڪ دفعو وري گڏ ٿيڻ بلڪ هڪ ٿيڻ ۾ ضم ٿيڻ آهي.

بلوچستان جي قومي سياست جو ٽيون سگهارو لاڙو اُهو آهي جنهن جي نمائندگي نيشنل پارٽي ۽ اڳواٽي بي ايس او جو باني صدر ڊاڪٽر عبدالحئي بلوچ ڪري ٿو. بلوچ قومي تحريڪ سان لاڳاپيل مڊل ڪلاس جو وڏو انگ دراصل هن پارٽيءَ سان واڳيل آهي. هن پارٽيءَ ۾ ڪي بہ سردار نہ آهن بلڪ سندس اصل سگهہ پختا ۽ نظرياتي ڪارڪن آهن. بلوچستان جي هيءَ واحد وطن دوست قومي پارٽي آهي جيڪا قومي سوال سان گڏوگڏ طبقاتي ۽ جمهوري سوال کي بہ کڻي ٿي، سڀ ڪان وڏي ڳالهہ تہ هيءَ پارٽي مڪمل طور عوامي سياسي جدوجهد ۾ ويساهہ رکي ٿي.

جيڪڏهن اتحادن جي خيال کان بلوچستان جي سياست کي ڏسجي تہ چئي سگهجي ٿو تہ هاڻي وري اها ٻين مظلوم قومن سان گڏجي جدوجهد لاءِ تيار نظر اچي ٿي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ نعپ کانپوءِ بلوچ قومي تحريڪ ملڪ جي مظلوم قومن جي عوام جي قومي جدوجهد جي وسيع تر ڌارا کان پاسيري ٿي وئي هئي، خاص طور تي سنڌ ڏانهن سندن رويو درست نہ هو. بلوچ قومپرست سردار سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم سان بہ Equation رکڻ جي چڪر ۾ هئا. پونم ۾ عطاءالله مينگل وڏي ڪوشش ڪئي تہ ان کي بہ شامل ڪيو وڃي. ان ڏس ۾ هو لنڊن ۾ الطاف حسين سان بہ مليو آيو هو. نواب اڪبر بگٽيءَ جو بہ شهادت کان ڪجهہ وقت اڳ تائين ان حوالي سان لڳ ڀڳ ساڳيو رويو هو. ويجهي ماضيءَ ۾ هن جا ان حوالي سان ڪيترا بيان سنڌ ۾ عوامي ۽ قومي سياسي سطح تي پسند نہ ڪيا ويا پر هاڻي مجموعي طور حالتون تبديل ٿي رهيون آهن. هڪ تہ ايم ڪيو ايم مسلسل ڊرما ۽ ناٽڪ ڪري پاڻ کي جلد وائکو ڪري ڇڏيو. ٻيو تہ بلوچن لاءِ جيڪو هڏ سنڌي عوام جو ڏڪندو ۽ ڏُکي ٿو، اهو ڪنهن بہ ناٽڪ سان رَئي ڪرڻ ممڪن نہ آهي. ٽيون تہ جڏهن جدوجهد ڪنهن ميچوئر ڏاکي تي ويندي آهي تہ پوءِ قومي تحريڪن کي حقيقي اتحادين جي گهرج پوي ٿي. اصل ۾ ماضيءَ ۾ بلوچ قومپرست سردارن جي سنڌ سان بهتر رويي نہ هئڻ جو هڪ سبب پٺي صاحب جو بلوچن خلاف ملٽري آپريشن بہ هو. هڪ تہ هنن پٺي کي سنڌ جي علامت ٿي سمجهيو ۽ ٻيو تہ بلوچ روايتي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجو حساب ڪتاب تڪڙو نہ ٿا وسارين. بهرحال هاڻي حالتون مثبت روين سان صحيح رُخ ۾ اڳتي وڌي رهيون آهن پر ان لاءِ باضابطہ ڪوششون بہ ڪرڻ گهرجن ۽ اُهي ٻنهي طرفن کان ئي ٿيڻ گهرجن. ان ڏس ۾ ٻنهي طرفن کان نوجوان قيادت وڏو بنيادي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. ڇاڪاڻ تہ نئين دور جي پيداوار ۽ محرڪن سبب سندن رويا بہ غير روايتي ۽ مختلف آهن. نواب اڪبر بگٽيءَ جي شهادت تي سنڌ جيئن احتجاج ڪيو. ان سنڌي ۽ بلوچ عوام ۽ قومي تحريڪن کي ويجهو آندو آهي.

سرائيڪي قومي تحريڪ سياسي طور اجا بانبڙا پئي پائي. سرائيڪي قومي طور جيترو غلاميءَ، وسيلن جي اڻ هوند، پسماندگيءَ ۽ جيترو هو غربت جي حوالي سان مظلوم آهن، ان کان بہ وڌيڪ هو پنهنجي سياسي نمائندگيءَ ۽ جدوجهد جي حوالي سان مظلوم آهن. سرائيڪي قومي تحريڪ

اجا ادبي ۽ ثقافتي محاذ کان اڳتي وڌي نہ سگهي آهي. هڪ طرف سنڌن قومي تحريڪ جي نمائندگي گهٽي ياڳي تاج محمد لانگاهہ جهڙن سرڪاري ماڻهن وٽ رهي آهي تہ ٻئي طرف سنڌن دانشور، اديب ۽ شاعر سواءِ ماتمي شاعريءَ ۽ خود فياضيءَ جي روين جي عملي طور ڪَک پيجي ٻيڻو ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. منهنجو سرائيڪي شاعرن، اديبن، دانشورن ۽ سياسي ڪارڪنن سان تمام ويجهو ذاتي لاڳاپو ۽ رابطو رهيو آهي. مون ڏٺو آهي تہ سرائيڪي قومي ثقافتي تحريڪ پنهنجي مزاج ۾ مزاحمتي تہ آهي پر اُها محروميءَ جي رومانس ۽ نرگيست جو گهڻو شڪار آهي. اڄ ڪٽي سنڌ ۾ سنڌي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جو اهو ڪردار نہ رهيو آهي پر سڀ جي ڏهاڪي ۾ جڏهن سنڌ ۾ سياسي خال هو، ڪي سياسي پارٽيون نہ هيون تہ سنڌ جي قومي تحريڪ جي نمائندگي بہ اسانجي ادبي ۽ ثقافتي تحريڪ ڪئي هئي ۽ ان رڳو ادب ۽ فن ذريعي نہ پر عملي طور بہ قوم طرفان پنهنجي دور جي اڳواڻ دستي طور تاريخي ڪردار ادا ڪيو هو. جيڪڏهن پوءِ اسانجي سڄاڻ ادبي ۽ ثقافتي حلقي جو اهو ڪردار نہ رهيو تہ تاريخ ۾ ائين ٿيندو آهي. پر اهو تڏهن ٿيو جڏهن عوام وٽ اظهار لاءِ ٻيون ايدوانس سماجي ۽ سياسي ۽ فڪري قوتون اُڀري آيون هيون. سرائيڪي اديب، شاعر ۽ دانشور جيترو تخليقي ۽ درد رکندڙ آهي، اوترو ئي فڪري طور پوئتي پيل، غير ذميوار، سُست، غير منظم ۽ بي عمل آهي، تازو بهاول پور ۾ اسين گڏ هئاسين ۽ مون پروفيسر جاويد چانديي، رفعت عباس، ڊاڪٽر نعيم ڪلاسرا، عبدالمجيد ڪانجو ۽ ٻين دوستن سان کُليءَ طرح اها ڳالهہ رکي ۽ مٿن سخت دوستاڻي تنقيد ڪئي. دلچسپ ڳالهہ تہ دوستن گهڻي بحث کانپوءِ مون سان اتفاق ڪيو.

سرائيڪي قومي تحريڪ جو سگهاري ۽ منظم انداز سان اُڀرڻ نہ رڳو سنڌن عوام جي چوٽڪاري لاءِ ضروري آهي پر اهو دراصل ملڪ جي سمورين مظلوم قومن ۽ خود پنجاب جي عوام جي نجات لاءِ ضروري آهي. ڇاڪاڻ تہ پنجاب جي حڪمران طبقي کي جيترو ڪاپاري ڌڪ سرائيڪي عوام جي قومي تحريڪ هڻي سگهي ٿي، اوترو شايد ٻي ڪنهن جي بہ وَسَ ۾ نہ هجي. ڇاڪاڻ تہ اهو ڪيس "گهر" مان لڳندو. پنجاب جي حڪمران طبقي جي نام نهاد سگهہ ۽ هڪ هٽيءَ جو هڪ وڏو سبب سرائيڪي عوام جي غلامي بہ آهي. پنجاب جي ڊيموگرافڪ برتريءَ جو سبب بہ اهو آهي. جيڪڏهن پنجاب اندر هڪ طرف سرائيڪي قومي تحريڪ مضبوط ٿئي ۽ ٻئي طرف پنجابي عوام جي طبقاتي ۽ جمهوري جدوجهد تيز ٿئي تہ پنجاب جي حڪمران طبقي جي نام نهاد طاقت جو مانڊاڻ وڌيڪ گهڻو وقت جٽاءُ ڪري نہ سگهندو.

مٿي بيان ڪيل سموري منظرنامي مان هڪ ڳالهہ واضح آهي تہ ملڪ جي سمورين مظلوم قومن ۽ عوام جي وسيع تر قومي تحريڪن توڙي طبقاتي ۽ جمهوري جدوجهدن جو وسيع تر اتحاد نہ رڳو اڻ ٽر آهي پر ان لاءِ گهڻي زماني کانپوءِ سازگار حالتون بہ جُڙي رهيون آهن. پر تبديلين ۽ وڏين جدوجهدن لاءِ رڳو حالتن جو سازگار هئڻ ڪافي نہ آهي. سازگار حالتون سبجيڪٽو ۽ آبجيڪٽو حقيقتن جي حادثي ڪانسواءِ اڪارج بہ وڃي سگهن ٿيون ۽ رڳو اڪارج نہ پر گهٽين حالتن ۾ (Counter Productive) بہ ٿي سگهن ٿيون، انڪري ان لاءِ رٿابنديءَ ۽ حڪمت عملي تي ٻڌل شعوري سياسي ڪوششون ونڻيون پونديون. ان جا هينيان سبب ۽ امڪاني نتيجا نڪري سگهن ٿا.

اها ڳالهه انڪري به ضروري آهي جو هن ملڪ ۾ ڪابه مظلوم قوم ۽ طبقو اڪيلي سر وڙهي گهربل نتيجا حاصل نه ٿو ڪري سگهي، هن ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ پاڻ ته اڪيلي سر ڪجهه به نه آهي ۽ نه ئي مجهس ڪا وڏي سگهه آهي پر سمجهڻ گهرجي ته ان جي مٿان هٿ آمريڪي سامراج جو آهي. هيستائين به اهو ان جي بنياد تي ملڪ جي مٿان زوريءَ مڙهيل رهيو آهي. جيئن سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم پنهنجي سر ڪجهه به نه آهي پر انکي هيستائين اسٽيبلشمينٽ پنهنجن مخصوص اسٽريٽجڪ سياسي مفادن لاءِ زنده رکيو ۽ پئي وڌايو آهي، يا جيئن سنڌي وڏيرو آهي. اهو هڪ ڏينهن به عوام جي سامهون سياسي طور زنده رهي نه سگهي، جيڪڏهن ان مٿان ”اسلام آباد ۽ لاهور“ جو هٿ نه هجي. سنڌن بظاهر وڏي سگهه جا بنياد هيٺ يا عوام نه پر مٿي آهن. ساڳيءَ طرح هن ملڪ جو حڪمران طبقو ۽ اسٽيبلشمينٽ پنهنجي سر ڪابه شيءِ يا قوت ناهن، سندن پويان اصل قوت انهن ناجائز سامراجي مفادن ۽ قوتن جي آهي جيڪي کين ”پاڙي“ تي زنده ۽ بظاهر طاقتور رکيو اچن. انڪري هن ملڪ جي ڪابه قومي، عوامي، طبقاتي ۽ جمهوري تحريڪ اڪيلي سر ڪامياب ٿي نه ٿي سگهي. سندن دشمن قوت ساڳي آهي، منهنجو اهو هرگز مطلب نه آهي ته اُهي تحريڪون لازمي طور هڪ تنظيمي شڪل اختيار ڪن. اُهي سڀ کان اول پنهنجي پنهنجي ”گهر“ ۾ مضبوط ٿين پر منجهن وسيع تر ڳالهه ٻولهه ۽ هم آهنگيءَ جو هجڻ ضروري آهي. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن اُهي هيٺ پنهنجي گهر ۾ ته سگهاريون هونديون پر اڪيليون ۽ Isolated هونديون ته به ڪو ٻوٽو ٻاري نه سگهنديون.

مظلوم قومن ۽ طبقن جي جدوجهد جي وسيع تر ڳالهه ٻولهه ۽ هم آهنگي جتي سندن سگهه ۽ ”وزن“ ۾ غير معمولي طور اضافو ڪندي، اُتي ملڪي سطح تي پنجاب جي حڪمران طبقي ۽ سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم کي پڻ ڪمزور ڪندي. ٻنهي ڌرين کان سڄو ملڪ هوندئن ئي بيزار ويٺو آهي. ايم ڪيو ايم جي هٿراڌو طور ٺاهيل طاقت جو وڏو مرڪز ڪراچي آهي ۽ اهي سموريون قومون ۽ ڌريون ڪراچيءَ ۾ به اثر رکن ٿيون ۽ سڀ ان جون متاثر به آهن. خاص طور تي ڪراچيءَ ۾ سنڌين، بلوچن ۽ سرائيڪين جي ڳالهه ٻولهه جٽادار ثابت ٿي سگهي ٿي. پنجاب جي حڪمران طبقي کي به ورهايل قومي، طبقاتي ۽ جمهوري تحريڪن مان ايترو خطرو نه آهي، جيترو ان کي منجهن هم آهنگيءَ ۽ وسيع تر ڳالهه ٻولهه مان ٿيندو. ريجنل ۽ عالمي طور تي اهو طبقو هوندئن ئي ڪمزور ٿيڻ وڃي رهيو آهي. جيڪڏهن اهو اندروني طور به ڪمزور ۽ ڪنڊائتو ٿئي ته تبديليءَ جي رفتار وڌيڪ تيز ٿي سگهي ٿي.

پاڪستان ۾ سياسي پارٽين ۽ جمهوري سياسي عمل کي جنهن قوت، هميشهه ڪمزور ڪرڻ ته ڇا ماڳهين تباهه ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي، ان کي سدائين وڏين عالمي طاقتن جي پُٺڀرائي حاصل رهي آهي، جنهن جو تفصيلي ذڪر اسان پاڪستان جي رياست بابت لکيل مضمون ۾ ڪري آيا آهيون. پاڪستان ۾ ملڪي سطح جي سياسي اتحاد توڙي پارٽين سان به ڳُجهي نموني انهن قوتن جو رابطو رهيو آهي. جيئن ته اهي سندن سنجيدگيءَ، سگهه ۽ ”مقصدن“ کي چڱيءَ ريت سمجهن ٿا يعني هنن لاءِ سندن ”پاڙي“ ڪچيل آهي، انڪري کين ”وزن“ به اُن آهر ڏنو وڃي ٿو. گهڻو وقت عالمي قوتن پاڪستان اندر هلندڙ قومي تحريڪن کي به اهميت نه ٿي ڏني پر ويجهي ماضيءَ ۾ انهن کي به اهميت ملڻ شروع ٿي آهي. خاص طور تي بلوچستان جي مزاحمت ۽ ڪالاباغ ڊيم خلاف سنڌ جي لڳاتار ۽

اثرائتي جدوجهد جي نتيجي ۾ مٿين آقائن جي اک به کُلي آهي ته ملڪ ۾ رڳو سنڌن پاليل اسٽيبلشمينٽ ئي نه پر طاقت جون ٻيون ذارائون به آهن. مون مٿين سطح تي ڊپلوميٽيڪ حلقن ۾ گهڻو اُٿڻ ويهڻ ڪري محسوس ڪيو آهي ته عالمي طاقتون هاڻي قومي تحريڪن کي سنجيدگيءَ سان مانيٽر ڪري رهيون آهن. ان جو هڪ سبب اهو به آهي جو اها ڳالهه يقيني طرح محسوس ٿئي ٿي ته هنن جون مٿي ريجنل سطح تي اتحادي ڌريون تبديل ٿيون آهن. انڪري هو بظاهر ۽ هڪ حد تائين اسٽيبلشمينٽ سان گڏ به آهن پر هو ساڳي وقت اندروني طور طاقت جي توازن، ٻين ڌرين ۽ فيڪٽرس کي به ڏسڻ ۽ پرکڻ چاهيندا. جيڪڏهن سمورن صوبن ۾ قومي، طبقاتي ۽ جمهوري تحريڪون عوامي ۽ تنظيمي طور مضبوط ٿين ۽ اُهي هڪ ٻئي سان وسيع تر ٻڌيءَ ۽ هم آهنگيءَ ۾ به هجن ته اُهي گڏيل جدوجهدن ذريعي ملڪ اندر طاقت جو توازن تبديل ڪري سگهن ٿيون ۽ جي طاقت جو توازن تبديل ٿي وڃي ته پوءِ وڏين عالمي طاقتن لاءِ اهو ممڪن ئي نه هوندو ته اهي اسٽيبلشمينٽ جي ائين اگهاڙي مدد ڪري سگهن ۽ عوامي آواز کي ايترو نَڪَ جي پڪائيءَ سان نظرانداز ڪري سگهن. ملڪ ۾ بدلجندڙ صورتحال ۽ قومن ۽ تحريڪن جي امڪاني اتحادين جي منظرنامي جي پس منظر ۾ اسان لاءِ بنيادي سوال اهو آهي ته سنڌ ڇا ٿي ڪري سگهي؟ ۽ سنڌ جو ڪهڙو ڪردار جڙي ٿو سگهي؟ حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته اوپر پاڪستان يعني بنگال جي علحدگيءَ کانپوءِ سنڌ ئي پاڪستان جي مظلوم قومن ۾ توڙي هونئن به مجموعي طور سياسي لحاظ کان سمورين قومن ۾ سگهاري رهي آهي ۽ بدستور آهي. پاڪستان جي جمهوري تحريڪ هجي يا طبقاتي ۽ قومي جدوجهد ۾ سنڌ انهن سمورن ميدانن کي سيني کان اڳتي ۽ جڻ ته ان جو هر اول دستو رهي آهي. مثال طور ضياءَ جي زماني ۾ ايم آر ڊيءَ جون به تحريڪون 1983ع ۽ 1986ع ۾ هليون پر انهن ٻنهي تحريڪن جو سڄو زور سنڌ ۾ رهيو ۽ سنڌ ئي اڳتي وڌي سڄي پاڪستان کي ليڊ ڪيو. ملڪ ۾ طبقاتي جدوجهد جون ڳالهيون ته سمورن صوبن ۾ دانشور ۽ گهڻيون سياسي پارٽيون ڪن ٿيون پر عملي طور وڏيرا شاهيءَ خلاف فڪري ۽ سياسي جدوجهد سنڌ ۾ ٿي آهي. جيترو طبقاتي فڪري ۽ سياسي لٽريچر سنڌ ۾ لکيو ويو آهي ۽ جنهن سطح تي طبقاتي سوال سياسي جدوجهد ۾ سنڌ ۾ ڪنيو ويو آهي، ان جو مثال پاڪستان ۾ ٻيو ڪٿي ورلي ملندو! ساڳيءَ طرح قومي جدوجهد جي حوالي سان به سياسي ۽ فڪري ميدان تي سنڌ باقي ملڪ ۽ صوبن کان تمام گهڻو اڳتي رهي آهي. هينئر مشرف دور جو ئي مثال ونجي ته جدوجهد جي سياسي ميدان تي سنڌ سڄي ملڪ جي اڳواڻي پئي ڪئي آهي. پاڪستان ۾ اصلوڪين قومي ٻولين جي ثقافتي مزاحمتي تحريڪ جي سرواڻ به سنڌ رهي آهي. پاڪستان ۾ اردو ٻوليءَ ثقافت جي هڪ هٿي ۽ قومي حيثيت طور مڙهجي جي مزاحمت به بنگال کانپوءِ گهڻي پاڳي سنڌ پئي ڪئي آهي.

هينئر پاڪستان ۾ قومن جي وسيع تر قومي، طبقاتي ۽ جمهوري جدوجهدن جي هم آهنگي ۽ اتحاد جي حوالي سان به سنڌ ئي هيستائين سڄي ملڪ کي سياسي ميدان تي ليڊ ڪيو آهي ۽ وڌيڪ ڪري سگهڻ جي سگهه رکي ٿي. پاڪستان جي ٻي ڪابه قومي يا جمهوري تحريڪ ملڪ ۾ مرڪزي اهميت حاصل ڪري سگهڻ جي نه سگهه رکي ٿي ۽ نه ئي وري سڀ ان تي راضي ٿي سگهن ٿا. پنڃاڻ تي سڀ اعتبار نه ڪندا، بلوچن جي سياسي حيثيت ۽ سگهه ايتري نه آهي. سرائيڪي ته اڃا اهڙي

حيثيت جو تصور بہ نہ ٿا ڪري سگهن ۽ پنجاب مان جيڪي ماڻهو ۽ ڌريون اسان سان هم آواز آهن ۽ ٿي سگهن ٿيون، اُهي هڪ ننڍڙي سياسي ۽ فڪري اقليت آهن، انڪري پنهنجين سمورين اندروني ڪمزورين باوجود سنڌ ئي اهڙيءَ بڌيءَ ۽ جدوجهد جو مرڪز ٿي سگهي ٿي. شرط رڳو اهو آهي تہ سنڌ ۾ اسٽيبلشمينٽ جي ٻنهي مهرن يعني ايم ڪيو ايم ۽ موقعي پرست سنڌي وڏيرن کي وسيع تر عوامي جدوجهد ۽ تنظيم ذريعي سياسي ميدان تي شڪست ڏئي، وائکو ڪري تاريخ جي ڊسٽبن ۾ ڦٽو ڪجي.

"There is no little enemy"

____Franklin

# اسٽيبلشمينٽ سنڌ کي ڪئين ڊزائين ڪرڻ ۾ ڏسڻ چاهي ٿي؟

هونئن ته سڄو ملڪ ۽ ملڪ جون سموريون مظلوم قومون ۽ عوام اسٽيبلشمينٽ جي ڏاڍ، ڦرلٽ، قبضه گيري، سازشن ۽ ناجائز مفادن جو ڏنگيل آهي پر پاڪستان ۾ ان جو بدترين شڪار سنڌ ٿي آهي ۽ سنڌ جو مطلب سنڌي عوام آهي. سنڌ ڪهڙا خواب ۽ آدرش ڪٽي ۽ ڪهڙن وعدن تي هن ملڪ ۾ شامل ٿي هئي، ان جو بنياد اسان اڳوٽين مضمونن ۾ ڏئي آيا آهيون. تاريخ جي ستم ظريفي اها آهي جو ان المناڪ ۽ ڀيانڪ ڪهاڻيءَ جي اڃا تائين ڪا پُڄاڻي ٿيندي نظر نه ٿي اچي. اهو يقين سان چئي به نه ٿو سگهجي ته هن ملڪ جي هوندي اُها پڄاڻي ٿيندي به يا هن پُڄاڻيءَ لاءِ ڪنهن ٻيءَ "پڄاڻيءَ" جو ٿيڻ ضروري ۽ اڻ ٽر آهي.

سنڌ جي آزاديءَ، نجات ۽ ترقيءَ توڙي تبديليءَ جي لاءِ جاکوڙيندڙ فردن ۽ قوتن لاءِ اهو سوال سمجهڻ تمام ضروري آهي ته "آخر اسٽيبلشمينٽ سنڌ کي ڪئين ڊزائين ڪرڻ ۾ ڏسڻ چاهي ٿي؟" ظاهر آهي ته هيءُ هيڏو سارو "نڱي جو ناهه" ائين سازشن ۽ حڪمت عملين ڪانسواءِ ته هلائڻ هنن لاءِ به ڏکيو ۽ ناممڪن آهي. ان ڪري اهو سمجهڻ تمام ضروري آهي ته سنڌن سازشن ۽ اسٽريٽجيءَ جا بنياد ڪهڙا آهن؟ ڇاڪاڻ ته ان ڪانپوءِ ئي درست ۽ معروضي محرڪن سان نهڪندڙ جوابي حڪمت عملي (Counter Straegies) ڪي ناهي ۽ عمل ۾ آڻي سگهجي ٿو.

اچو ته اسٽيبلشمينٽ جي سنڌ بابت حڪمت عملين ۽ ڊزائين جي بنيادي ڳالهين تي هڪ نظر وجهون.

## سياسي حڪمت عمليون:

سياست جديد انساني سماج ۽ تهذيب جو بنياد آهي. ڇاڪاڻ ته سياست ئي آهي جيڪا سماج جو بالائي ڍانچو يعني سپر اسٽريڪچر ناهي ٿي. جيڪي اديب ۽ دانشور سياست جي نفي ڪن ٿا، اُهي يا ته بنهه "درويش" آهن يا پوءِ ان سماج کي هرويرو ٻاهرين دشمن جي ضرورت ئي نه آهي. سياست جي نفي ائين آهي جئين ماڻهو جياپي لاءِ آڪسيجن جي نفي ڪري يا سماج جي روحاني، احساساتي ۽ ذهني اوسر لاءِ علم، فلسفي، ڪلچر، ادب، شاعريءَ ۽ فن جي نفي ڪري. انڪري حڪمران طبقا ۽ خاص طور تي بالادست قومن جا حڪمران طبقا سياست، ان جي سگهه ۽ ڪارج جي اهميت کي چڱيءَ

طرح سمجهندا آهن. اسٽيبلشمينٽ سنڌ کي جئين ڊزائين ڪرڻ چاهي ٿي. ان ۾ وڏو هٿ ۽ اوليت سندن سياسي حڪمت عملين جي به آهي، جن مان مکيه هي آهن.

### 1. عوام کي سياست کان ڌار ۽ پري ڪرڻ:

سياست جو روح ۽ سگهه صحيح نظرين، پارٽين ۽ ڪارڪنن سان گڏ بنيادي طور عوام آهي. جنهن سياست جو عوام سان لاڳاپو نه آهي يا جنهن سياست ۾ عوام جو ويساهه نه آهي، اُها پس و پيش يا ته فضول آهي يا ٽِڱن جي پڙي هوندي آهي. سگهاري عوامي سياست جو عوام جي ذهني، فڪري، سياسي، سماجي وابستگيءَ ڪانسواءِ تصور به نه ٿو ڪري سگهجي. سياست معنيٰ عوام لاءِ ۽ عوام جي منظم سگهه جو سامهون اچڻ. اسٽيبلشمينٽ سدائين پر خاص طور تي جنرل ضياءَ جي دور ۾ ۽ ان کانپوءِ سنڌ ۾ سياست کي گندو ڪرڻ ۽ عوام جو منجهائنس ويساهه ڪٽائڻ ۾ پنهنجين چوويهه نسن جو زور پئي لڳايو آهي. جيڪي ايجنسيون عوام جي ٽيڪس تي اربين ڪربين روپين تي ناجائز ڌاڙا هڻن ٿيون، انکي استعمال به عوام جي ئي خلاف يعني سياست کي ولگرائيز ۽ ڪرمنلائيز ڪرڻ ۾ ڪن ٿيون. جيڪڏهن سماج پنهنجي سياسي پراسس مان ڪجهه باڪردار سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪن ناهي اُڀاري ٿو ته هي ان جو رسمي توازن پنهنجي حق ۾ ڪرڻ لاءِ ان کان ڌهوڻ ته چا سؤڻ تي ڪوڙا ۽ هٿ نوڪيا اڳواڻ ۽ ڪارڪن پيدا ڪن ٿا. سياست کي ڦٽائڻ ۽ گندو ڪرڻ جي فيڪٽري چوويهه ئي ڪلاڪ معاشري مان چونڊي چونڊي ٽڱ، بدمعاش، ڌوهاري، جاهل، بدڪردار ۽ دهشتگرد پرتي ڪري ڪين وڏيڪ بچڙائيءَ جون تربيتون ڏئي سياست جي ميدان تي لاٿو وجي ٿو. مقصد ته سياست ولگرائيز ٿئي، بدبودار ۽ بچڙي ٿئي ته جئين عوام جو مٿس ويساهه ڪڇي. انڪري جتي به سياست ۾ ٽڱ، بدمعاش، دهشتگرد، پته گير، لوفر، غندا، ڌوهاري، جهالت پرست ۽ بدڪردار يا غير سنجيده ماڻهو اڳواڻ يا ڪارڪنن جي روپ ۾ ڏسجن ته پڪ سمجهجي ته سندن سياسي ميدان تي وجود دراصل اسٽيبلشمينٽ جي سنڌ بابت سياسي حڪمت عمليءَ جو حصو آهي. سنڌ اهو سماج آهي جتي اڳ سياست ۾ ماڻهو علم، شعور ۽ ڪتابن جي ذريعي داخل ٿيندو هو. سنڌ جا سڀ وڏا سياستدان عالم، اديب ۽ دانشور رهيا آهن پر هاڻي سنڌ جو سياسي نقشو شعوري طور تي تبديل ڪيو پيو وڃي جئين عوام سياست کان لاتعلق ۽ بيزار ٿئي.

جنرل ضياءَ جي طور ۾ وڏي سياسي مزاحمت سبب سنڌ کي سزا اها ملي جو سنڌ جي عوام کي سياست کان ئي بيزار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، يعني نه هجي بانس ۽ نه وڄي بانسري! سنڌي ميڊيا به ان ۾ استعمال ٿي. سنڌي اديبن، دانشورن، اڳواڻن ۽ سياسي ڪارڪنن جي ويهجي ويل لڏي به ان ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. سياستدان ۽ پارٽيون ڪيترن ئي حوالن سان غلط ٿي سگهن ٿيون پر ان بنياد تي سياسي پارٽين جي نفي ڪئين ٿي ڪري سگهجي؟ ان حوالي سان هاڻي ماحول تبديل ٿئي پيو ۽ رويا به تبديل ٿيا آهن پر ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته سنڌ جي عوام کي سياست ۽ سياسي عمل کان پري ۽ ڌار ڪرڻ جو ڀرپور ڪوششون ڪيون ويون آهن ۽ ڪيون پيون وڃن. ان جي مزاحمت عملي طور تي به آهي ۽ هاڻي وڌيڪ ٿيندي ۽ ٿيڻ گهرجي. ان ڏنڊي ۾ هڪڙا ماڻهو شعوري طور شريڪ ٿيا ۽ ٻين پنهنجي سياسي ناسمجهيءَ، فرسٽريشن ۽ انارڪسٽ روين سبب ان ۾ سڌيءَ توڙي

اڻ سڌيءَ ريت حصو ورتو. خاص طور تي 1983ع جي تحريڪ کان پوءِ ان رويي کي شعوري طور اُڀارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته عوام جو سياست مان ويساه ڪٽائجي.

## 2. سياسي تنظيمن ۾ ٽوڙ ڦوڙ ڪرائڻ:

عوام جي منظم سياسي سگهه مان جن قوتن کي خطرو هوندو آهي، اُهي چاڻنديون آهن ته وطن دوست، ذميدار، ڪميٽيڊ ۽ جمهوري عوامي سياسي پارٽيون عوام جي سياسي سگهه کي منظم ڪري طاقت ۾ تبديل ڪرڻ جا منظم ادارا هونديون آهن. عوام پل ته ڪيڏو به باشعور هجي ۽ جدوجهد توڙي تبديلين لاءِ تيار هجي پر جي سندن نمائنده سياسي پارٽيون نه هونديون ته عوام جو اُهو اُتساهه انتشار ۽ بدنظميءَ جو شڪار ٿي نراجيت (انارڪيءَ) جو شڪار ٿي ويندو جيڪا ڳالهه عوام جي مفادن لاءِ (Counter Productive) ثابت ٿيندي. اَسيءَ جي ڏهاڪي ڪانپوءِ سنڌ ۾ سياسي تنظيمن ۾ وڏي پيماني تي ٽوڙ ڦوڙ ٿي. ان ۾ عالمي طور حالتن جي تبديل ٿيڻ ۽ ٻين معروضي سببن سان گڏ هڪ بنيادي وڏو سبب خود ايجنسين طرفان ڪين ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار بنائڻ جي حڪمت عملي به شامل هئي. سياسي پارٽين ۾ اندروني مسئلا سدائين ۽ هر جاءِ تي هوندا آهن پر ٽوڙ ڦوڙ ۽ انتشار جي هڪ لهر جي اُيرڻ کي ائين تاريخ جو اتفاق نه ٿو چئي سگهجي. ان کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته اهو ڏٺو ۽ پرکيو وڃي ته جيڪي ماڻهو پارٽين مان نڪري ويا، انهن پوءِ ڪهڙي قسم جي سياست ڪئي؟ جي اُهي ڇڏي ويل سياسي پارٽين کان وڌيڪ بهتر سياست ڪن ها ته نيڪ هو پر گهڻي ڀاڱي انهن جي اڪثريت ايجنسين جي اشارن تي ۽ سندن مفادن جي سياست ڪئي. شهيد فاضل راهو جهڙن اَملهه هيرن جي ورسين کي عرفان الله مروت جهڙا ماڻهو خطاب ڪن ته پوءِ ان مان ڇا ٿو ثابت ٿئي؟ اصل ۾ وطن دوست ۽ قومي سياست 1983ع جي تحريڪ کان پوءِ وڏي تيزيءَ ۽ سگهه سان اُڀري رهي هئي ۽ اسٽيبلشمينٽ انکي اڳتي وڌندڙ ۽ متحرڪ حالت ۾ ڏٺو پئي ۽ پوءِ هنن ان جو ”انتظام“ ڪيو. افسوس اهو آهي ته ٻن ڏهاڪن جي سياسي عمل مان تيار ٿي نڪتل سياسي ڪارڪنن به اهو نه سمجهيو ته سڌي توڙي اڻ سڌيءَ ريت ڪئين ۽ ڪهڙن هٿن ۾ ڪيڏي رهيا آهن؟ ڇاڪاڻ ته انهن ۾ وڏو انگ اهڙن ماڻهن جو به هو جيڪي نڳ نه هئا پر هڪ خاص ماحول ۾ سياسي بي سمجهيءَ جو شڪار ٿيا. حقيقت اها آهي ته جن پارٽين ۾ اها ٽوڙ ڦوڙ ٿي، اُهي به هن سازش ۽ بحران کي توازن سان منهن ڏيڻ ۾ ڪامياب نه ويون يا انهن اهڙيون سنجيده ڪوششون ئي نه ورتيون ۽ نتيجي ۾ سنڌ جي سياسي تحريڪ ۽ سگهه کي وقتي طرح ڪاپاري ڌڪ لڳو.

## 3. ايم ڪيو ايم کي سنڌ تي مڙهڻ:

ايم ڪيو ايم جي بنياد، پس منظر ۾ ڪردار بابت اسان مٿي به لکيو آهي ۽ ان موضوع تي ”ايم ڪيو ايم جي سياست ۽ سنڌ“ نالي منهنجو هڪ الڳ ڪتاب به لکيل آهي. مختصر لفظن ۾ ته ايم ڪيو ايم به سنڌ ۾ ان ئي حڪمت عمليءَ طور ناهي ۽ اُڀاري وئي، جنهن جو ذڪر اسان مٿي ڪيو آهي. 1983ع جي تحريڪ ۾ سنڌي عوام جون ”اکيون“ اسلام آباد ڏسي ورتيون هيون ۽ هنن ڄاتو ٿئي ته سياست جا ”محرڪ“ سنڌي عوام جي هن رويي کي ڪيڏانهن وٺي ويندا؟ ايم ڪيو ايم دراصل

سنڌي عوام جي منظم ٻڌيءَ، سگهه ۽ جدوجهد جو اسٽيبلشمينٽ طرفان ٽوڙ ۽ جواب هو. ظاهر آهي ته سياست ۾ نفرت، نسل پرستي، فاشزم، دهشتگردي، هٿيار، قتل و غارت ۽ ڪرائيم ايندو ته قومي جمهوري سياست ڪي اڳتي وڌڻ لاءِ ائين سولائيءَ سان اُڀرڻ جو دڳُ نه ملي سگهندو. سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم کي اُڀارڻ لاءِ اسٽيبلشمينٽ رڳو سڌيءَ ريت ئي ڪردار ادا نه ڪيو پر ان ۾ شروع کان وٺي قومپرست سياست جي هڪ حصي کي پنهنجي پوري Capicity ۾ استعمال ڪيو ويو. اها ڳالهه ڪنهن کان به لڪل نه آهي ته شروع ۾ سنڌ ۾ ڪراچيءَ کان ٻاهر سنڌي وسنڌين ۾ الطاف حسين جا باڊي گارڊ ڪير هوندا هئا؟ ويندي جنرل مشرف جي دور تائين ايم ڪيو ايم جو سنڌ ۾ اسٽريٽجڪ اتحادي ڪير هو؟ اها ڳالهه هاڻي هڪ کليل راز آهي ۽ اها ڳالهه به هاڻي راز نه آهي ته ائين ڇو ۽ ڪهڙن مفادن لاءِ ڪيو ويو؟ عبدالواحد آريسر ته سڀ حدون لتاڙي ايم ڪيو ايم طرفان حيدرآباد جي ورهاڱي جي ڪاوش ۾ ڪالم لکي حمايت ڪئي. سنڌ ۾ جي حساب ڪتاب هجي ته گهڻا ماڻهو ڪنڌ مٿي ڪٽي هلي به نه سگهن. پر سنڌ ۾ ماڻهو سوين غداريون ڪندي به سورما ٿي هلن ٿا. سنڌي دانشورن جي گهڻائي اجا پنهنجو اهو ڪردار (Character) ئي پيدا نه ڪيو آهي جو اُهي پاليسي معاملن تي سيني کي راضي ڪرڻ جي روش کان پاسو ڪري، قومي مفاد ۾ حساب ڪتاب ڪن.

گذريل ويهن سالن جي تاريخ چڱ ته هڪ ثبوت طور رڪارڊ تي موجود آهي ته اسٽيبلشمينٽ ايم ڪيو ايم کي سنڌ جي وڏي وڏي ۾ وڏي سياسي ۽ اليڪشني ڌُر بنائڻ چاهي ٿي ته جيئن سنڌ اسيمبلي ۽ سنڌ حڪومت هنن وٽ مستقل طور يرغمال رهي. ٿلهي ليکي ايم ڪيو ايم کي سنڌ تي مُڙهڻ جي پُٺيان اسٽيبلشمينٽ جا هيٺيان مخصوص مفاد آهن.

- ♦ سنڌ جي سياست کي دهشتگردي، ڏوهن، تعصب، نسل پرستيءَ ۽ فاشزم ذريعي ولگرائيز ۽ ڪرمنلائيز ڪرڻ ته جيئن عوام سياست کي پنهنجي نجات جي رستي بدران عذاب ۽ مصيبت سمجهي
- ♦ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ کي ايم ڪيو ايم وٽ يرغمال رکڻ ته جيئن اُها آزاد ماحول ۾ ڪنهن جمهوري سياست جو حصو نه ٿي سگهي، جنهن مان ڪين مستقل خطرو آهي.
- ♦ سنڌي عوام جي قومي، جمهوري سياست کي فطري طور اڳتي وڌڻ ۽ سنڌ جي حقيقي نمائندگي ڪرڻ کان روڪڻ.
- ♦ سنڌي ڳالهائيندڙ اڪثريتي عوام کان عملي طرح حڪمرانيءَ جو حق کسڻ ۽ ايم ڪيو ايم کي ڊي فيڪٽو سنڌ جو مالڪ بنائڻ
- ♦ سنڌ اسيمبليءَ کي ايم ڪيو ايم ذريعي يرغمال رکڻ ته جيئن اُها سنڌ جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ جو ڪردار ادا نه ڪري سگهي ۽ جيڪڏهن سياڻي نالي ماتر صوبائي خودمختياري ڏيڻي به پوي تڏهن به اُها "خود مختيار" حڪومت "پنهنجي" هجي.
- ♦ دنيا کي اهو تاثر ڏيڻ ته سنڌ رڳو سنڌين جي نه آهي پر ان جون اصل "اثرائتيون" ڌُريون ٻيون آهن.
- ♦ حساس موقعن تي سولائيءَ سان سنڌ بابت ڪابه ڊيل ڪرڻ.

♦ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام جي هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ جا سماجي ۽ سياسي دڳ بند ڪرڻ

♦ مرڪز لاءِ سنڌ مان نمائندگيءَ جي نالي ۾ پنهنجا من پسند ماڻهو ڪڻڻ، جنهن جو ويجهو مثال خود مشرف حڪومت آهي.

♦ سنڌي سماج کي اندروني طرح سماجي ۽ سياسي طور غير يقينيت، خوف ۽ انتشار جي حالت ۾ رکڻ ته جئين گهربل سياسي ڪردار اُڀري نه سگهي.

## 4. سنڌ کي وڏيرن جي سياسي جاگيرن ۾ ورهائڻ:

سنڌي عوام جي سياسي سگهه کي جَڏو ۽ مُڏو ڪرڻ لاءِ هڪ طرف سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم کي اُڀاريو ويو ته ٻئي طرف سنڌ ۾ سياسي طور مرندڙ وڏيرا شاهيءَ کي رياستي مدد جو ”خون“ ڏيئي کين نه رڳو زنده رکيو ويو پر سندن اڱوٺين ستن پيڙهين کان وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو ۽ سنڌي عوام تي مڙهيو ويو. 1983ع جي ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ ۽ 1988ع جي چونڊن جي نتيجن اها ڳالهه واضح ڪري ڇڏي هئي ته سنڌ مدي خارج وڏيرڪي طبقي کي سياسي طور وقف ڪري ڇڏيو آهي. مثال طور پير پاڳاري جو پرويز علي شاهه کان هارائڻ، غلام مصطفیٰ جتوئيءَ جو بهڻ کان هارائڻ ڇا جو اظهار هو؟ 1983ع جي تحريڪ ۽ 1988ع جي چونڊن جي نتيجن ڪانپوءِ اسٽيبلشمينٽ حڪمت عملي طور سنڌ ۾ مرندڙ وڏيرڪي طبقي کي نه رڳو هٽراڏو طور زنده رکيو پر کين سنڌي عوام جو سياسي جاگيردار به بڻائي ڇڏيو.

اسٽيبلشمينٽ ان ڳالهه جو باقاعده انتظام پئي ڪيو آهي ته جئين هڪ طرف سنڌ ۾ مڊل ڪلاس جي روشن خيال ليڊرشپ نه اُڀري سگهي ته ٻئي طرف سنڌي عوام سماجي، معاشي ۽ سياسي طور پاليل ۽ زنده رکيل موقعي پرست ۽ ابن الوقت وڏيراشاهيءَ وٽ يرغمال رهي. سنڌي عوام جي ٻڌيءَ جي ته ڪابه شڪل کين پاڻ نه ٿي پئي پر کين اهو به گوارا نه ٿي ٿيو ته سنڌي وڏيري جهڙي ويڪائو ۽ بازار جي شيءِ به ڪنهن صورت ۾ فارم ۾ منظم يا متحد هجي. ان جو وڏو مثال پ پ پ ڏانهن سندن رويو آهي. کين پ پ پ جهڙي پارٽي به سنڌ ۾ قبول ناهي، جيڪا هر سطح جي ڪمپرومائيز لاءِ تيار هوندي آهي ۽ جيڪا عوام کي ته منظم رکي نه سگهي، البته وڏيرن جو هڪ منظم پليٽ فارم ضرور هئي. اسٽيبلشمينٽ ان قسم جي پارٽي جنهن مان هاڻي ”نه سڄڻ کي ڪو آسرو آهي ۽ نه دشمن کي ڪو خوف آهي“ کي به برداشت نه ڪري سگهي. ان ڪري بدليل حالتن ۾ هنن سنڌي وڏيرن کي به زنده رکيو ۽ مضبوط ته ڪيو پر ورهايل ۽ اڪيلي اڪيلي خانداني صورت ۾. ڏنو وڃي ته سنڌ کي گذريل پندرنهن سالن ۾ ايم ڪيو ايم ۽ سنڌي وڏيرن جي ننڍين ننڍين سياسي جاگيرن ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. جڻ ته عملي طور ضلعا پنهنجي من پسند وڏيرڪن گهراڻن کي جاگير طور ڏنا ويا آهن ۽ منجهن اڻ اعلانيل معاهدو اهو آهي ته رياست جي سموري مشينري ۽ وسيلا هيٺين سطح تي وڏيرن جي پيرن ۾ هوندا پر مٿين سطح تي پاليسي معاملن ۾ ڪڏهن به زبان نه چوريندا. سنڌ ۾ ان معاهدي جا اثر ۽ نتيجا واضح ڏسي سگهجن ٿا. يعني جيڪو وڏيرو ۽ پير جيترو ”هيٺ“ سگهارو

۽ فيل مست آهي، اُهو مٿين سطح تي ايترو انڌو، ٻوڙو، گونگو، ويچارو ۽ ڪيجهو آهي. ان حوالي سان سنڌ تي ضلعي وار نظر وجهجي ته سڄي ڳالهه سمجهه ۾ سولائيءَ سان اچي ويندي.

## 5. سنڌي عوام جي گهڻائيءَ کان حڪمراني جو حق کسڻ:

عوام کي انساني تهذيب جي هزارن سالن جي سفر ۾ جيڪو سيني کان مٿانهون ۽ سپريم سماجي ۽ سياسي حق مليو آهي، اهو آهي عوام جي حڪمرانيءَ جو حق، جنهن کي عام ٻوليءَ ۾ جمهوريت چئجي ٿو. مٿي بيان ڪيل محرڪن جي ڪري پاڪستان ۾ خاص طور تي ضياءَ جي دور کان پوءِ سنڌي عوام کان عملي طرح اهو حڪمرانيءَ جو حق کسيو ويو آهي. يعني ان ڳالهه جو باقاعده رٿابنديءَ تحت چونڊن کان اڳ ۽ پوءِ انتظام ڪيو وڃي ٿو ته جئين سنڌي عوام جي اڪثريتي پارٽيءَ جي سنڌ ۾ حڪومت نهي نه سگهي، پوءِ ڪٿي اها پ پ پ جهڙي اسٽيٽيڪو اندر رهي ڪم ڪندڙ پارٽي ئي ڇو نه هجي. خاص طور تي ڄام صادق کان وٺي اهو فارمولو هلي رهيو آهي. وچ ۾ رڳو عبدالله شاه جي حڪومت ڪجهه وقت لاءِ آئي، نه ته ڄام صادق، مظفر شاه، لياقت علي جتوئي، غوث علي شاه، علي محمد مهر ۽ هاڻي ارباب غلام رحيم سڀ ان ئي فارمولي تحت آيل حڪمران هئا ۽ آهن. يعني نالي ماتر سنڌي ڳالهائيندڙ اهڙو وڏو وزير ڪرسيءَ تي ويهارجي جنهن جي اسيمبليءَ ۾ هڪ سيٽ هجي ۽ سمورو اختيار ۽ اقتدار عملي طور ايم ڪيو ايم وٽ هجي. موجوده پاڪستان جي ڍانچي اندر گهٽ ۾ گهٽ ٻين صوبن جي عوام کي پنهنجي اڪثريتي نمائينده حڪومت ناهڻ جو حق ۽ اختيار آهي پر سنڌ جي عوام کان اهو حق به کسيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته اڪثريتي سنڌي عوام جي حڪمرانيءَ جي حق مان ڪين خطرو آهي، هنن 1983ع ۽ 1988ع ۾ سنڌي عوام جون "اکيون" ڏسي ورتيون هيون.

## سماجي حڪمت عمليون:

سياست جي نرسري سماج آهي ۽ دراصل ڍانچا (Social Structureo) رويا، قدر، سماجي طاقت جو توازن ئي اهڙا فيڪٽرس آهن جيڪي روشن خيال عوامي سياست کي هڪڙي صورت ۾ ڪين سخت نقصان رسائين ٿا ته ٻئي پاسي بهتر صورت ۾ انکي اڳتي وڌڻ جو بنياد فراهم ڪن ٿا. انڪري ڪنهن به سياسي حڪمت عمليءَ تي تيسين گهربل نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ عمل ٿي نه ٿو سگهي، جيسين ان سان گڏ نهڪندڙ سماجي حڪمت عمليون عمل ۾ نٿيون اچن. اسٽيبلشمينٽ 1983ع ۽ 1988ع کانپوءِ سنڌ کي نئين سر ۽ پنهنجيءَ مرضيءَ توڙي مفادن موجب ڍڙائين ڪرڻ لاءِ رڳو نين سياسي حڪمت عملين تي ئي نه پر نين سماجي حڪمت عملين تي به ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ان سماجي حڪمت عمليءَ جا مهاندا (Features) ڪهڙا هئا؟ اچو ته ان تي هڪ مختصر نظر وجهون.

## 1. سنڌ جي سماجي طاقت جو توازن بگاڙڻ:

دراصل سياسي طاقت جي توازن جو دارومدار رڳو نظرين ۽ نظرياتي سياسي پارٽين تي نه آهي پر ان سماج جي سماجي ڍانچن تي به آهي. سماجي ڍانچن ۾ بهتر تبديلي نه اچي ۽ سياست روشن خيال ۽ ترقي پسند قوتن جي هٿ وس هجي اهو ممڪن نه آهي. حقيقت ۾ اعلىٰ سطح جي سياسي

تبديلين لاءِ اڳ ۾ سماجي ڍانچن، روين، قدرن، تصورن ۽ طاقت جي توازن ۾ تبديليءَ جو اچڻ لازمي آهي. 1983ع ۽ 1988ع جي نتيجن اها ڳالهه سامهون آندي سنڌي سماج جو سماجي مزاج ۽ طاقت جو توازن تبديل ٿي رهيو آهي ۽ جنهن غدار وڏيرڪي طبقي کي انگريزن ۽ پوءِ پاڪستاني اسٽيبلشمينٽ هميشهه اکين جو تارو ڪري پاليو ۽ تاتيو اهو تاريخي طور تي پنهنجي موت مري رهيو هو ۽ عوام جا سماجي رويا تبديل ٿي موجوده سماجي ڍانچن جي اسٽيٽسڪو ۾ ڏار وجهي رهيا هئا. ان ڪري چڻ ته حڪمت عملي طور اهو فيصلو ڪيو ويو ته ان مدي خارخ ۽ مرندڙ طبقي کي هر صورت ۾ هر قيمت تي جياريو ۽ اڳ کان به وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته ٻي صورت ۾ نين روشن خيال قوتن جو اُڀرڻ ۽ عوام جي سگهاري ٿيڻ جا نتيجا سنڌ ۾ اسٽيبلشمينٽ جي مفادن کي پاڙن کان پٽي اُڇلائي ڇڏين ها. ان ڪري هي جيڪو سنڌ اندر وڏيرڪو طبقو وري غير معمولي سگهه سان موٽي ۽ اُسري آيو ۽ سنڌ جو جيڪو سماجي چهرو مسخ ڪيو ويو، ان جي پويان سبب ۽ محرڪ اهوئي هو. ٿي ويءَ تي ڊراما لکرايا ويا ۽ سنڌ کي هر فورم تي ۽ هٽراڏو طور پيدا ڪيل نين وحشي سماجي حالتن ذريعي هڪ روشن خيال ۽ مزاحمتي سنڌ مان ڦيرائي وڏيرن جي جاگير ۽ وحشي ۽ ڪارو ڪاريءَ جي سنڌ طور متعارف ڪرايو ويو. سماجياتي لحاظ کان ان موضوع تي باقاعده تحقيق ٿيڻ گهرجي ته سنڌ جو سماجي چهرو گذريل ٻن ڏهاڪن کان ڪئين مسخ ڪيو ويو آهي؟ جنهن سنڌ جي سڃاڻپ سياسي شعور، روشن خيالي، مزاحمتي ادب، عوام جو صوفياڻو ۽ انسان دوست مزاج، ڪتاب ۽ جدوجهد هئي، ان جو اميج هڪ وڏيرڪي، قاتل صفت، وحشي، عورت دشمن، قبائلي ۽ روايتي سماج ۾ تبديل ڪيو ويو آهي.

## 2. ڏاڙيل ڪلچر پيدا ڪرڻ:

سماجي ۽ اخلاقي ڏوهه جئين ڪنهن به سماج ۾ ٿيندا آهن، تئين سنڌ ۾ به ٿيندا هئا پر 1983ع کان پوءِ سنڌ ۾ ڏاڙيلن ۽ ڏاڙيل ڪلچر کي هٿ وٺي پيدا ۽ متعارف ڪرايو ويو. اهو به ڪو تاريخ جو اتفاق نه هو. ڪنهن به سماج جون سماجي حالتون معروضي طور ائين اوچتو، بغير ڪن سببن ۽ محرڪن جي پاڻ مرادو اُڀري نه اينديون آهن. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته ”سبب“ پيدا ڪيا ته ”نتيجا“ حالتن جي صورتن ۾ پاڻ ئي اُڀري ايندا. جنهن کي فلسفي جي ٻوليءَ ۾ لازمي حادثو به چئبو آهي. اهو ساڳيو دور هو جنهن ۾ وڏن شهرن اندر ايم ڪيو ايم ذريعي دهشتگرد ڪلچر متعارف ڪرايو ويو ته ٻئي پاسي ٻهراڙين ۾ ڏاڙيل فيڪٽر ۽ ڪلچر کي هٿ وٺي اُڀاريو ويو. دراصل اُهي ساڳي حڪمت عمليءَ جا ٻه پاسا هئا. هتي ان جي گهڻي تفصيل ۾ وڃڻ جي گنجائش نه آهي پر تلهي ليڪي ان پُٺيان سنڌن هي ناجائز ۽ سنڌ دُشمن مفاد شامل هئا:

- ♦ سماج جي صحتمند ۽ فطري اوسر کي روڪڻ لاءِ خوف، غير يقينيت ۽ دهشت جو ماحول پيدا ڪرڻ.
- ♦ عوام دشمن قوتن کي سگهارو بنائڻ.
- ♦ صاف سٿري قومي ۽ جمهوري سياست جا رستا بند ڪرڻ

- عوام کي سماجي طور ايترو عذاب ۾ رکڻ جو اهو سياسي عمل ۾ شريڪ ٿي نہ سگهي.
- سنڌ ۾ واپار، صنعت ۽ معاشي سرگرمين کي تباهہ ڪرڻ
- طاقت جو توازن تبديل ڪري ڏوهارين کي سماج جون واڳون ڏيڻ ڇاڪاڻ تہ ڏوهاري سياست ايجنسين جي مدد ۽ هٿ ڪانسواءِ هلي ئي نہ ٿي سگهي.
- مڊل ڪلاس کي سماجي طور مفلوج ڪرڻ تہ جئين سنڌن سياسي ڪردار جڙي نہ سگهي.
- سنڌ جو سياسي چهرو مسخ ڪرڻ.

## 3. سياسي سماج (Political Society) کي اُسرڻ نہ ڏيڻ:

سنڌ پاڪستان جو واحد صوبو هو ۽ آهي جتي سياسي سماج ٻين قومن ۽ صوبن جي ڀيٽ ۾ گهڻو اڳتي وڌيل هو ۽ آهي ۽ اها پوليٽيڪل سوسائٽي پنهنجي جوهر ۾ عوام دوست، روشن خيال، ترقي پسند ۽ جمهوري رهي آهي. اهڙي پوليٽيڪل سوسائٽي قورو ۽ غاصب حڪمران طبقن لاءِ هميشهہ خطرو هوندي آهي. پاڪستان ۾ بہ اسٽيبلشمينٽ کي گهڻو خطرو ان مان هو ۽ آهي. ان ڪري هنن ڏاڪي بہ ڏاڪي انهن سمورن عنصرن کي سنڌ ۾ اُڀاريو جيڪي صحتمند ۽ جمهوري سياسي سماج کي ڪاپاري ڌڪ هڻندا آهن. مثال طور:

- دهشتگردي.
- ڏوهہ.
- غير يقينيت.
- عدم سلامتي.
- وڏيرڪيت ۽ جاگيرداريت.
- هٿ ٺوڪيون ۽ ڪوڙيون سياسي پارٽيون.
- سياست دشمني.
- نسل پرست ۽ فرقہ پرست سياست
- مذهبي سياست.
- سياسي بي راهہ روي.
- سياسي غداري ۽ موقعي پرستي.
- مڊل ڪلاس کي سياسي طور ڪرپٽ ڪرڻ.
- تعليم جي تباهي.
- ذات پرستي ۽ ذاتين جي بنياد تي فرقہ پرست تنظيمون ٺاهي عوام کي ورهائڻ.
- ڪرپشن.
- ايجنسين جو ڪردار.

- صحافت اندر سياست دشمن رويا.
- عوام دشمن ۽ سياست دشمن سماجي رول ماڊلز.

## معاشي حڪمت عمليون:

جيڪڏهن ڪنهن قوم ڪي تباهين ۽ پستن ڏانهن ڌڪڻو آهي ته ان لاءِ رڳو سياسي ۽ سماجي حڪمت عمليون ڪافي نه هونديون آهن. معاشي حڪمت عمليون به ان جو حصو هونديون آهن. ڇاڪاڻ ته سياسي ۽ سماجي مفادن پنيان به پس و پيش معاشي مفادن جو هٿ هوندو آهي. عوام جي معاشي سگهه ۽ سرگرمي سندن سماجي روين، مفادن، ڍانچن توڙي سياسي سگهه ۾ تبديليون آڻي ٿي. ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌ جي معاشي بدحاليءَ جي سببن ۽ نتيجن تي غور ڪرڻ سان آسانيءَ سان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته سنڌ جي خاص طور تي سنڌي ماڻهن جي معاشي چيلهه ڪئين ۽ ڪهڙين ذريعن سان ڇِبي ڪئي وئي؟ جيتوڻيڪ سنڌ ۾ آباديءَ جو ٻاهريون دٻاءُ به اڻ کُٽ آهي پر ان جي باوجود سنڌ وسيلن جي لحاظ کان هڪ امير ۽ مالا مال صوبو رهيو آهي ۽ اڄ به آهي پر ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌ بدترين معاشي بدحاليءَ جو شڪار ٿي آهي ۽ نتيجي ۾ سنڌ ۾ معاشي غربت جو گراف بدترين حد تائين وڌيو آهي. ان ڏس ۾ گذريل ڪجهه سالن ۾ SPDC, IUCN, UNDP جهڙن ادارن جون پاڪستان بابت تحقيقي رپورٽون پڙهڻ گهرجن، جن ۾ نهايت تفصيل سان انگ اکر ڏنا ويا آهن.

سنڌ ۽ خاص طور تي سنڌي عوام کي هيٺين طريقن سان معاشي بدحاليءَ جي ڏٻڻ ۾ ڌڪيو ويو آهي.

- سنڌ ۾ حقيقي نمائنده حڪومتن جي نه هئڻ سان، ڇاڪاڻ ته اسلام آباد ۽ ايجنيسين جي جڳاڙ سان نهيل حڪومتن رڳو پنهنجي سر بچائڻ، ڦرلٽ ۽ ڪرپشن ڪرڻ ۾ ”اسلام آباد“ کي راضي ڪرڻ ۾ پوريون هونديون آهن.
- سنڌ اندر دهشتگرديءَ ۽ ڌوهن کي هٿي ڏيڻ سان.
- امن امان کي مستقل طور خراب رکڻ ۽ غير يقينيت ۽ خوف جو ماحول پيدا ڪرڻ سان جنهن سان هڪ طرف معاشي سرگرميون ٺڏيون ٿي وڃن ٿيون ۽ ٻئي طرف سيڙپڪاريءَ جو عمل بند ٿي وڃي ٿو.
- مڊل ڪلاس کي ذهني، سياسي، سماجي ۽ معاشي طور ڪمزور ڪرڻ سان.
- لاقانونيت ۽ قانون جي عدم حڪمرانيءَ سان.
- سنڌ جي قدرتي وسيلن ۽ معاشي پيداوار تي مرڪز جي هڪ هٽيءَ ۽ ناجائز قبضي گيريءَ سان.
- مالياتي ايوارڊ ۾ سنڌ جو معاشي الهه تلهه ڪٽي وڃڻ سان.
- مختلف ڊيمن، ڪئنالن ۽ منصوبن جي نالي ۾ سنڌ ۾ پاڻيءَ جي پيدا ڪيل کوٽ سان.
- تعليم جي هٿ سان ڪرايل زوال جي ذريعي نوجوانن جو ڪيريئر تباهه ڪرڻ سان.

♦ سنڌ جي زراعت کي گهڻ اگهه ڏيڻ، غلط وقت تي غير ضروري طور زرعي پيداواري شيون امپورٽ ڪرڻ، غلط زرعي پاليسي يعني مجموعي طور سنڌ جي زراعت کي ڪاپاري ڌڪ هڻڻ سان.

♦ سنڌ ۾ بيروزگاري وڌائڻ ۽ روزگار جا موقعا گهٽائڻ سان.

♦ ٻاهرين آباديءَ جي نہ کُٽندڙ ۽ مسلسل وڌندڙ دٻاءُ سان.

♦ بدترين سرڪاري انتظام ڪاريءَ (Bad Governance) سان.

♦ سنڌ ۾ ترقياتي انفراسٽرڪچر جي تباهہ حالي ۽ ان شعبي ۾ نئين ۽ سنجيده سيڙپڪاري نہ ٿيڻ سان.

♦ ميرٽ جي جاءِ تي ڪرپشن ۽ اقربا پروريءَ کي وڌائڻ سان.

مٿي بيان ڪيل سموريون حقيقتون دراصل اُهي اميج آهن، جيڪي گڏجي سنڌ جو هڪ ڀيانڪ خاڪو جوڙين ٿا. هي اهوئي خاڪو آهي، جيڪو اسان مختلف اڻ وڻندڙ، چيڙائيندڙ، توهين آميز ۽ ڏکوئيندڙ خبرن جي صورت ۾ روز اخبارن ۾ ڏسندا، پڙهندا، محسوس ڪندا ۽ ڀوڳيندا آهيون. مٿي مختلف مضمونن ۾ اسان اهو چڱي طرح واضح ڪري آيا آهيون تہ اهو سڀ ڪجهہ ڪو اتفاق نہ آهي. اهو دراصل منطقي نتيجو آهي انهن سببن جو جيڪي هتي گذريل ڇهن ڏهاڪن کان ڏاڪي بہ ڏاڪي پيدا ڪيا ويا آهن. هي دراصل سنڌ جو اُهو خاڪو آهي جيڪو پنجاب جو حڪمران، پنجابي پناهگير مستقل مفاد ۽ اسٽيبلشمينٽ ناهڻ چاهين ٿا ۽ هڪ حد تائين اُهي ان ۾ وقتي طور ڪامياب بہ ويا آهن. هڪ تصور ۽ امڪاني حقيقت سنڌي عوام ۽ اسان جي بہ آهي ۽ هجڻ گهرجي. منهنجو پختو ويساهہ آهي تہ هن ٺڳيءَ جي ٺاهہ جي اُبتي وهندڙ گنگا کي سڌو بہ ڪري سگهجي ٿو پر سياسي تبديليءَ ۽ قومي آجپي توڙي نئين اڏاوت جي خواب جي ساڀيان رڳو ڳالهين سان نہ ٿيندي آهي. ان لاءِ لڳاتار عمل ۽ لڳاتار گهڻ طرفو عمل گهرجي. ايندڙ مضمون ۾ اسان ان سوال تي ڳالهہ ٻولهہ ڪنداسون

"Where there is no hope, there can be no endeavor"

- Johnson

# سنڌ جي سياسي تحرڪ کي ڪيڏانهن وٺي هلجي؟

سنڌ ۾ 1990ع کان 2000ع تائين جو ڏهاڪو سياسي طور سخت ڏکيو ۽ اندروني گهوٽالي جو دور رهيو. فڪري وائڙائپ، سياسي تنظيمن جو ٽٽڻ/ڪمزور ٿيڻ، عوام جو سياسي جدوجهد ۾ ويساهہ گهٽجڻ، بي يقيني، بدنظمي، بي اعتباري، فراريت، نراجيت، مختلف سياسي پارٽين جي ڪارڪنن جو

سياست دشمن ٿي پوڻ، سياسي ليڊرشپ جو خال ۽ سياست کان بيزاري اُن ڏهاڪي جا عڪس هئا. سنڌي اخبارن جي ڪالم نويسن جي وڏي انگ سياست کان بيزاريءَ ۽ مايوسيءَ جي روين کي هول سيل تي هلايو. جيتوڻيڪ اهي رويا ڪنهن به سماج جيان سنڌ ۾ به عارضي هئا، جيڪي ڊگهو عرصو ڪنهن به صورت ۾ جٽاءُ نه ڪري سگهن ها پر بهرحال انهن روين سنڌ جي سياسي زندگيءَ کي سخت هاجو رسايو. پر اهڙا دور قومن جي تاريخ ۾ ايندا آهن. وقتي مايوسيون، اويساهيون ۽ بحران قومن جي ڊگهي تاريخي سفر جون هڪڙيون ساهيون هونديون آهن. پر قومن جي سجاڻ ۽ دورانديش ماڻهن کي هميشه اهڙن روين جي مزاحمت ڪندو رهڻ گهرجي ۽ سنڌ ۾ به هڪ بنهه ننڍڙي ساجاهه هوند اقليت ئي سهي پر انجي مسلسل ۽ ڀرپور مزاحمت ڪئي.

قومون ۽ خاص طور تي غلام ۽ مظلوم قومون گهڻو وقت مايوسيءَ ۽ خاموشيءَ کي افورڊ نه ٿيون ڪري سگهن ۽ سنڌ جي عوام به ائين ئي ڪيو. ويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي جئين پويان پير ڪيا ته سنڌ ۾ به هڪ نئون دور اکيون مهٽي اُٿي بيٺو. اهو نئون دور جنهن ۾ ماٺ بدران تحرڪ آهي. مايوسيءَ بدران اُميدي ۽ اُتساهه آهي، عوام جي نگاهن ۽ روين ۾ تاريخ جون ڏارائون تبديل ڪندڙ جوت آهي، هر طرف جدوجهد، نعرا ۽ للڪارون آهن ۽ وڏي ڳالهه ته فيصلائتي ويڙهه جو جذبو موجود آهي. سنڌ ۾ گذريل ڪجهه سالن جي مسلسل سياسي/ عوامي جدوجهد سبب وري جدوجهد، آدرشن، ڪٽمينٽ، سياست، ڪتابن، مزاحمتي ادب، شاعريءَ ۽ آرٽ لاءِ احترام جا جذبا ۽ رويا موٽ ڪائي رهيا آهن. سنجيده سياسي بحث مباحثن جي موسم وري موٽي رهي آهي. جيتوڻيڪ مان ان راءِ سان قطعي متفق ناهيان ته اهو دور ڪو پاڻمرادو تبديل ٿيو آهي يا عوام پنهنجي سر جدوجهد جو اهو دڳ ورتو آهي. جيتوڻيڪ ان ۾ حالتن جي مجموعي ڦيري جو يقينن وڏو عمل دخل آهي پر ان ۾ بنيادي طور ڪردار انهن ڌرين ۽ فردن جو آهي، جن مسلسل مايوسيءَ، خودقياسي ۽ شڪست خوردگيءَ جي نفسيات ۽ روين جي مزاحمت ڪئي پر عملي طور به مسلسل جدوجهد، نهڪندڙ حڪمت عملين، بهادريءَ وارن فيصلن، روين ۽ حالتن جي سائنسي ادراڪ سبب هن نئين اُتساهيندڙ دور جا بنياد رکيا. اڄ جيڪڏهن سنڌ جي عوام جي قطعي گهڻائي جدوجهد جي اُتساهه ۾ ۽ ميدان تي آهي ته ان ۾ بنيادي عمل دخل ان ننڍڙي ”تورائيءَ“ جو آهي. پر بهرحال حالتون تيزيءَ سان تبديل ٿيون آهن، ٿين پيون ۽ بدستور ٿينديون. گذريل ڪجهه سالن کان سنڌ ۾ سياسي اُٿل پُٿل جي هن نئين اُتساهيندڙ دور جا هينيان مثبت نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا.

(1) سڀ کان پهرين ۽ وڏي ڳالهه ته هن دور ۾ سنڌي عوام جي وڏي گهڻائي سياسي طور متحرڪ ٿي آهي. مان سمجهان ٿو ته سنڌ ۾ قومي محرڪن جي بنياد تي عوام جي وڏي گهڻائي ايتري وڏي پيماني تي اڳ ڪڏهن به متحرڪ نه ٿي هئي. ون يونٽ جي دور ۾ به اديب، شاعر، دانشور ۽ ڪجهه سياسي ڪارڪن/اڳوڻ متحرڪ هئا پر عوام جي گهڻائي ان ۾ ائين شامل نه هئي. اها بنيادي طور سنڌ جي ساجاهه وند مڊل ڪلاس جي جدوجهد هئي. جنهن ۾ سنڌ جي عوام جا متي جاٽايل حصا متحرڪ هئا. ايم آر ڊيءَ جي 1983ع واري تحريڪ ۾ جيتوڻيڪ سنڌ جي عوام غير معمولي مزاحمت ذريعي دنيا جون اکيون کولي ڇڏيون پر اها جدوجهد سنڌ جي قومي سوال جي بنياد تي نه هئي. جڏهن ته

موجوده وقت ۾ هڪ ته سنڌي عوام جي وڏي گهڻائي سياسي طور متحرڪ ٿي آهي ته ٻي طرف ان جا محرڪ به قومي سوال سان وابسط آهن. يعني چئي سگهجي ٿو ته سنڌي عوام حقيقي طور قومي جدوجهد ڏانهن وڏي پيماني تي هاڻي مائل ٿيو آهي. انجو هڪ سبب هي به آهي ته سنڌي عوام قومي غلاميءَ ۽ ان جي معاشي، سماجي ۽ سياسي نتيجن کي ايتريءَ شدت سان اڳ ڪڏهن عملي طور ايترو به نه ڀوڳيو هو. بهرحال سنڌي عوام جي گهڻائيءَ جو قومي طور متفق ٿي ايترو ۽ ان سطح تي متحرڪ ٿيڻ هڪ وڏي ڳالهه آهي، جنهن کي گهربل احتياط، صحيح حڪمت عملين ۽ توازن سان اڳتي وٺي وڃڻ نهايت ضروري آهي.

(2) گذريل صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ سنڌ ۾ سياسي طور مايوسيءَ جيڪي منارا ٺاهيا، انهن ۾ خود فريبيءَ ۽ فراريت جو مِنو زهر نهندو ۽ سنڌ جي سياسي وجود جي رڳن ۾ لهندو رهيو. مايوسيءَ ۽ خود قياسيءَ جي روين جي ڦهلاءُ جي فيشن سنڌ جي عوام جي اُتساهه کي سياسي طور مرڻينگ ڪري ڇڏيو هو پر هاڻي حالتون تبديل ٿي رهيون آهن. هاڻي سنڌ جي سياسي زندگيءَ ۾ مايوسيءَ جي مارڪيٽ گهٽجي رهي آهي. جي ماڻهو اڄ به خودفريبيءَ جي ٻاڙ مارين ٿا ته به مايوسيءَ بدران اُتساهه ۽ اُميد جي صورت ۾ ڪن ٿا. اڄوڪي سنڌ ۾ اميچ مايوسيءَ ۽ جمود بدران اُتساهه ۽ جدوجهد جو آهي. پر ان کي اڃان به وڌيڪ منظم ۽ واضح شڪل ڏيڻ جي ضرورت آهي.

(3) حڪمران هر ان خيال، عمل ۽ جدوجهد کان ڊڄندا آهن جنهن کي عوام جي وسيع تر گهڻائي Own ڪندي هجي. ظالم حڪمران طبقا جئين ته اندر ۾ ڪمزور، بزدل ۽ هيڻا هوندا آهن، انڪري اُهي صحيح معنيٰ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ کان اندر ۾ پيا ڏڪندا آهن ته اها عوام جي ٻڌي ۽ مزاحمت آهي. سنڌ جي عوام جي وسيع تر گهڻائيءَ جي سياسي ٻڌي، جدوجهد ۽ مزاحمت هڪ طرف سنڌ جي ”قومي آواز“ جو وزن وڌائي ڇڏيو آهي ته ٻئي طرف حڪمرانن جي دلين جي ايوانن ۾ به ٽاڪوڙا وجهي ڇڏيا آهن.

(4) گذريل صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ ائين لڳندو هو ڄڻ سنڌ جي ”آواز“ جو ملڪي سطح تي ڪو ”وزن“ نه رهيو هجي. اها صورتحال ڪنهن به قوم جي سياسي تحريڪ جي حوالي سان خطرناڪ هوندي آهي. پاڪستان ۾ ان جو بدترين مثال سرائيڪين جي قومي تحريڪ آهي. پر سنڌ کي ته هڪ سياسي اوُج کان پوءِ ڏاڪي به ڏاڪي ۽ حڪمت عمليءَ طور ان پاسي ڌڪيو ويو هو. گذريل ڪجهه سالن کان سنڌ جي مسلسل سياسي جدوجهد جي نتيجي ۾ واضح نظر پيو اچي ته ”سنڌ“ جو اهو ”وزن“ نه رڳو واپس اچي رهيو آهي پر اڳ کان به وڌيڪ شدت سان وڌي رهيو آهي. اسٽيبلشمينٽ ڪٽي بظاهر ڪيترو به فرعونيت جو مظاهرو ڪري پر ان جي نمائندي جنرل مشرف کي مسلسل سنڌ ۾ اچي عوام جي آڏو معذرت خواهانه صفايون ۽ وضاحتون پيش ڪرڻيون پون ٿيون. اڳ چيو ويندو هو ته ڪالاباغ ڊيم جي راهه ۾ اصل رڪاوٽ سنڌي نه پر پشتون آهن پر هاڻي ته خود پشتون عوام ۽ قيادت به مڃي ٿي ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت کي حقيقت ۾ سنڌ روڪرايو آهي ۽ ان ڪاري بند جي آڏو جدوجهد جو مضبوط بند سنڌ ٻڌو آهي. خود پنجاب جي ترقي پسند دانشورن جو سنڌ جي آواز سان هم آواز ٿي اُٿي بيهڻ ثابت ڪري ٿو ته سنڌ جي ”آواز“ جو ”وزن“ هاڻي مسلسل وڌي رهيو آهي. ڪالاباغ ڊيم جي سوال

تي جنرل مشرف جهڙي انا پرست ۽ مغرور جنرل جو پوئتي هٽڻ، سنڌ جي آواز جي ان وڏنڊڙ ”وزن“ جو وڏو ۽ اُتساهيندڙ ثبوت آهي.

(5) 1990ع کان پوءِ سنڌ پاڪستان ۾ جڻ تہ ڪنڊائتي ٿي وئي هئي. اهو تاريخ جو ڪو اتفاق نہ هو پر ان لاءِ حڪمت عملي طور سازگار حالتون پيدا ڪيون ويون هيون. انهن حالتن کي پيدا ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار هڪ حد تائين پ پ پ جو بہ هو. هتي ان جي گهڻي تفصيل ۾ وڃڻ جي گنجائش نہ آهي پر اها حقيقت آهي تہ سنڌ کي ملڪ ۾ جڻ تہ ديوار سان لڳائي ڪنڊائتو ڪيو ويو هو. مثال طور ڪيترن ڏهاڪن کان جيڪا سنڌيءَ بلوچ ۽ پشتون سياسي (Equation) ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ موجود هئي، اها وقتي طور ٽُٽي وئي هئي. پناڻن شعوري طور پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ جي ويجهو اچڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي. اي اين پيءَ جو ٽٽڻ ان جو هڪ واضح اظهار هو. اي اين پيءَ جو آءِ جي آءِ ۾ ويهڻ ان جو هڪ ثبوت هو. ان وقت ڪراچيءَ ۾ پناڻن جي سنڌين جي پيٺ ۾ ايم ڪيو ايم سان ويجهڙائي ڪا لڪل يا راز جي ڳالهہ نہ هئي. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن بلوچ ليڊرشپ اسلام آباد ۽ لاهورسان ويجهي نہ هئي تہ سنڌين کان بہ شعوري طور پري هئي. ان ڏهاڪي ۾ اسانکي سنڌي، بلوچ ۽ پشتون گڏيل جدوجهد نظر نہ ٿي اچي ۽ ان صورتحال جو سيني کان وڏيڪ نقصان سياسي طور سنڌ کي ٿيو، جنهن کي ديوار سان لڳايو ويو ۽ سنڌ سياسي طور ڪنڊائتي ٿي وئي. سنڌ جي مسلسل جدوجهد سبب هاڻي صورتحال وري تبديل ٿي رهي آهي ۽ سنڌ نہ رڳو ان Isolation مان نڪري آئي آهي پر سنڌ جو هڪ پيرو وري ملڪ جي مظلوم قومن ۽ عوام لاءِ اڳواڻيءَ وارو ڪردار اُڀري رهيو آهي. سنڌ جا فطري اتحادي وري سنڌ جي ويجهو اچي رهيا آهن ۽ گڏيل جدوجهد لاءِ راهون وڏيڪ تيزيءَ سان هموار ٿي رهيون آهن.

(6) گهڻي وقت کان اها دانهن ٿيندي رهي آهي تہ سنڌ جو سفارتي محاذ ڪمزور آهي. وڏيون طاقتون ۽ اثرائتا عالمي ادارا سنڌ جي آواز جو گهربل نوٽيس نہ ٿا وٺن. اها ڳالهہ گهڻي حد تائين درست بہ هئي پر هاڻي اها صورتحال بہ تيزيءَ سان تبديل ٿي رهي آهي. هڪ تہ سنڌين جا پرڏيهہ ۾ ڪم ڪندڙ فورم سفارتي طور اڳي کان وڏيڪ سرگرم آهن، جنهن جو مثال سانا، ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ ۽ ورلڊ سنڌي ڪانگريس آهن. ويجهي ماضيءَ ۾ انهن تنظيمن سنڌ جو ڪيس عالمي طور پهچائڻ ۽ ان جي حق ۾ راءِ عامہ هموار ڪرڻ ۾ مختلف سطحن تي اثرائتا اُپاءُ ورتا آهن ۽ سرگرميون ڪيون آهن. ٻئي طرف سنڌ جي جدوجهد بہ اڳ جي پيٺ ۾ وڏيڪ ميچوئرٽي سان سامهون آئي آهي. مثال طور ڪالاباغ ڊيم جهڙي اِشوءَ تي سنڌ پنهنجو ڪيس سياست سان گڏ انگن اکرن، فني دليلن ۽ قابليت جي بنياد تي بہ ڪٽي ڏيکاريو. ٿيون تہ سنڌي ميڊيا جي اثرائتي هجڻ بہ سنڌ جي سياسي سفارتڪاريءَ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. هاڻي عالمي ادارا توڙي پاڪستان ۾ موجود وڏن ملڪن جا سفارتخانا سنڌ جي آواز جو پاڻمرادو نوٽيس وٺن ٿا. جنهن جو تازو مثال آمريڪي قونصليٽ طرفان سنڌي اڳواڻن ۽ دانشورن سان هڪ تفصيلي گڏجاڻي بہ آهي، جنهن ۾ رسول بخش پليجو، سيد قائم علي شاهہ، ڊاڪٽر قادر مگسي، حسين بخش ٿيٻو ۽ ليکڪ موجود هئا. گڏجاڻيءَ ۾ صاف ۽ واضح

محسوس ٿي رهيو هو ته آمريڪي سفارتخاني سنڌ جي سياسي تحرڪ ۽ جدوجهد جو سنجيدگيءَ سان نوٽيس ورتو هو.

سماج جو هر لقاءُ متضاد هجي ٿو ۽ اهو پاڻ سان پنهنجي اندر تضاد گڏوگڏ کڻي هلي ٿو. ائين سنڌ اندر سياسي تحرڪ ۽ جدوجهد توري عوامي اُتساهه جو هي لقاءُ به پنهنجي اندر تضاد رکي ٿو، جن کي سمجهڻ نهايت ضروري آهي. يعني جتي هڪ طرف اُتساهه جا هيترا سارا مثبت پاسا آهن ته اُتي کي امڪاني خدشا ۽ بحران به موجود آهن، جن کي پهرين سمجهڻ ۽ پوءِ Rationalize ڪرڻ تمام ضروري آهي. اڃو ته ٿورو انهن تي به هڪ نظر وجهون. منهنجيءَ نظر ۾ ان حوالي سان ٿي نقطا بيحد اهم آهن.

(1) سڄيءَ دنيا ۾ Based Issue عوامي جدوجهدون گهڻو وقت ساڳيءَ سگهه ۽ رفتار سان جٽاءُ نه ڪري سگهنديون آهن. تنهن ڪري تمام ضروري هوندو آهي ته عوام جي اُن اُتساهه، تحرڪ ۽ جدوجهد کي وري ڪنهن بئي مرحلي ۾ داخل ڪيو وڃي . سنڌ ۾ هيءُ جيڪو تحرڪ ڪالاباغ ڊيم ۽ پاڻيءَ جي اِشوءَ تي پيدا ٿيو آهي، اهو ساڳي اِشوءَ تي ساڳيءَ رفتار سان گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪري سگهندو. جيتوڻيڪ عوامي جدوجهدون ساڳيءَ رفتار سان ڪڏهن به اڳتي نه وڌنديون آهن. اُهي ڪڏهن تيز ته ڪڏهن جهڪيون، ڪڏهن بنهه اڳيان ته ڪڏهن به وکون پوئتي پنهنجي فطري توازن سان اڳتي وڌنديون آهن پر تڏهن به انهن کي وڏيءَ ڏاهپ ۽ سياسي هنرمنديءَ سان بئي مرحلي ۾ داخل ڪرڻ سياسي ليڊرشپ جو ڪم هوندو آهي. عوامي جدوجهدن کي ڪڏهن به حالتن جي رحم ڪرم نه ڇڏبو آهي. انڪري سنڌ جي سياسي ليڊرشپ آڏو به هاڻي اهو سوال آهي ته اُها هن اِشوءَ جي بنياد تي پيدا ٿيل هن تحرڪ کي ڪئين ۽ ڪهڙي مرحلي ڏانهن وٺي وڃي ٿي؟

منهنجيءَ نظر ۾ وقت اچي ويو آهي ته سنڌيءَ عوام کي اهڙن اِشوز جي بنياد تي متحد ۽ منظم ڪري، جدوجهد ذريعي سنڌن سياسي تربيت ڪري ڪين بنيادي سوالن ڏانهن وٺي وڃجي. بنيادي سوالن جو مطلب ته سنڌ ڪهڙي صورت ۽ ڪهڙي شرط ۽ ضمانت تحت پاڪستان سان گڏ هلي سگهي ٿي؟ سنڌ جي موجوده صورت مڪمل غلاميءَ جي آهي. اسان جي طرفان معاهدي جا شرط ۽ TOR بلڪل واضح آهن ته:

- سنڌ هڪ وطن ۽ قوم آهي.
- سنڌ پنهنجي آزاديءَ ۽ قومي خودمختياريءَ تان ڪڏهن به هٿ نه کڻندي.
- سنڌ تي حڪمرانيءَ جو حق اڪثريتي سنڌي عوام جو آهي.
- سنڌ جي وسيلن تي بنيادي مالڪي سنڌي عوام جي آهي.
- سنڌ جي قومي ٻولي سنڌي آهي ۽ رهندي.

هاڻي بال رياست جي ”ڪورٽ“ ۾ آهي ته اها پنهنجا TOR واضح ڪري. جي اهي اسانجي مفادن موجب هوندا ته اسين گڏ رهي سگهون ٿا، ٻي صورت ۾ سنڌ پنهنجي مستقبل بابت ڪنهن به فيصلي جو حق محفوظ رکي ٿي. اسانجو قومي سوال ان بنيادي سوال جي حل ڪانسواءِ ڪڏهن به حل نه ٿيندو.

(2)اسانجون وطن دوست سياسي تنظيمون پنهنجي مسلسل جدوجهد وسيلي عوام جي وڏي گهڻائيءَ کي نه مايوسين ۾ ماٺ مان ڪڍي جدوجهد ۾ اُتساهه جي ميدان تي وٺي آيون آهن ۽ هنن جدوجهد ذريعي انيڪ سياسي ڪاميابيون ماڻيون آهن پر سوال آهي ته ڇا سندن اندروني تنظيمي سگهه ان سطح جي آهي جو هو عوام جي ان سطح جي تحرڪ ۾ سگهه کي پارٽين ذريعي ڪنهن وڏي سياسي اُٿل پٿل ڏانهن وٺي وڃن؟ حقيقت اها آهي ته اتي اسانکي وڏو گيپ نظر اچي ٿو. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن عوامي تحرڪ ۾ اُتساهه جي سطح آڏو تنظيمون گهربل سطح جون نه هونديون ته پوءِ مخصوص سطح کانپوءِ عوام جو اهو تحرڪ به ٿي سگهي ٿو يا وري نراجيت/انارڪيءَ ڏانهن ڏڪجي سگهي ٿو. يقينن جدوجهدون تنظيمن جي معرفت هلائيبيون آهن پر وري جدوجهد معرفت وڏيون تنظيمون ناهيبيون به آهن. هتي پهريون مرحلو ته طئي ٿئي ٿو جو اسين تنظيمن معرفت وڏيون عوامي جدوجهدون هلايون ٿا پر موٽ ۾ جدوجهدن معرفت وري وڏيون تنظيمون نه ٿا ناهيون. جيستائين ان پيچيدگيءَ جو ڪو حل نه ٿو نڪري تيسين اسين عوام جي اٿاهه سگهه جو نوس سياسي فائدو وٺي نه سگهنداسون.

(3) سنڌ ۾ گهڻي وقت کان اها دانهن پئي رهي آهي ته سنڌي ماڻهو متحد ناهن يا اسان جو سياسي پارٽيون ۾ اڳواڻ متحد ناهن. ان حوالي سان به هينئر صورتحال اڳ جي ڀيٽ ۾ گهڻي بهتر آهي. سنڌ ۾ هن وقت ٽي سياسي اتحاد موجود آهن. وڏي ۾ وڏو ۽ اثرائتو اتحاد اينٽي گريٽر ٿل ڪئنال ۽ ڪالاباغ ڊيم ايڪشن ڪيمٽي آهي، جنهن ۾ سنڌ ۾ ملڪي سطح جون لڳ ڀڳ سموريون ڌريون شامل آهن، اهو اتحاد سنڌ پاڻي ڪميٽيءَ جي پيش قدميءَ تي ٺهيو هو ۽ گذريل ڪجهه سالن کان مسلسل جدوجهد ۾ آهي. ان حقيقت باوجود ته ان جي جلسن ۾ جلوس ۾ هڪ اڌ ڌر ڪانسواءِ باقي پارٽيون رڳو Token شرڪت ڪنديون آهن ۽ کي ته مورڳو عملي طور جدوجهد کان لنوائينديون آهن پر پوءِ به اهو اتحاد نه رڳو برقرار آهي پر نهايت سرگرم به رهيو آهي. ٻئي طرف پونم آهي، جنهن هيستائين سنڌ توڙي ملڪ ۾ سواءِ ڪن هڪ اڌ موقعن جي ڪابه اثرائتي گڏيل جدوجهد نه هلائي آهي. ٽئين طرف تازو ممتاز علي ڀٽي جي سربراهيءَ ۾ سنڌ قومي اتحاد ٺهيو آهي. اهو اتحاد به ڪجهه وقت رڳو اجلاسن تائين محدود هو پر ان کان پوءِ اتحاد به سياسي منظرنامي تي اچي ويو آهي. جيتوڻيڪ هڪ ئي صوبي ۾ اتحادن جو ٽي صورتون موجود آهن پر سٺي ڳالهه اها آهي ته ڪوبه اتحاد باضابطه طور ٻئي اتحاد خلاف عوامي سطح تي نٽو ڳالهائي. پر اها صورتحال گهڻو وقت شايد ائين برقرار رهي نه سگهي، جنهن جا هينيان امڪاني سبب ٿي سگهن ٿا.

- ♦ چونڊن سبب ملڪي سطح جي پارٽين جي روين ۾ ترجيحن جي بدلجڻ سان.
- ♦ سياسي مقابلي بازيءَ سبب.
- ♦ ٻاهرين توڙي اندرين سازشن سبب.
- ♦ ڪنهن به ڌُر سا ڌرين جي اڻگين روين سان.

انڪري ٻن ڳالهين جو هجڻ تمام ضروري آهي. هڪ ته سنڌ جا سجاڻ ماڻهو هن سڄي صورتحال تي گهري نظر رکن. هو سمورين ڌرين جي روين، پاليسين، جدوجهد جي سنجيدگيءَ توڙي حڪمت عملين کي جاچيندا رهن ۽ جتي جيڪو غلط رويو ظاهر ٿئي تنهن کيس وڌڻ لاءِ گنجائش نه ڏين. ٻيو ته

اتحادن جي حوالي هڪ اصول کي هٿي وٺرائجي تہ نظرياتي اختلافن لاءِ هر ڌُر کي آزاد ڇڏجي پر سمورن کي متفقہ قومي مفادن تي ساڳيو موقف رکڻ لاءِ پابند ڪجي. نظرين تي اختلاف تي سگهن ٿا ۽ ٿيڻ بہ گهرجن پر مفادن تي هم آواز هجڻ ضروري آهي.

"Give me the liberty to know, to think, to believe, and to utter freely, according to conscience, above all other liberties."

- Milton

# سنڌ ۾ سنڌي عوام لاءِ وڏي ۾ وڏو سياسي چئلينج

اڳوڻن مضمونن ۾ اسان اهو تفصيل سان واضح ڪري آيا آهيون تہ پاڪستان جي جيو ـ اسٽريٽجڪ صورتحال ڪئين تبديل ٿي رهي آهي؟ پاڪستان بطور رياست جي خارجي توڙي داخلي طور ڪهڙي صورتحال ۾ آهي؟ پاڪستان ۾ نام نهاد وفاقي سياست جو مستقبل ڇا آهي؟ پاڪستان اندروني طور ڪهڙن رياستي ۽ سماجي توڙي سياسي، ثقافتي ۽ معاشي تضادن جو شڪار آهي؟ پاڪستان ۾ قومن جي اتحادن جي امڪاني صورتحال ڇا آهي ۽ مستقبل ۾ ڇا بيهندي؟ ۽ سڀ کان اهم اهو سوال تہ پنجابي ــ پناهگير مستقل مفاد ۽ ان جي نمائنده اسٽيبلشمينٽ سنڌ کي سياسي ۽ سماجي طور ڪئين ڊزائين ڪري پئي ۽ وڏيڪ ڪرڻ چاهي ٿي؟ ان سڄي پس منظر ۾ سنڌ ۾ سنڌي عوام لاءِ بہ وڏي ۾ وڏو سوال اهو آهي تہ سنڌ کي اسين سياسي ۽ سماجي طور ڪئين ڊزائين ڪريون

جو پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد ۽ سندن نمائنده اسٽيبلشمينٽ جي اها سازش ۽ ناپاڪ رٿا ناڪام ٿئي ۽ سنڌي عوام هن حق ۽ باطل جي ويڙهه ۾ سوڀارو ٿئي؟

هن جديد دور ۾ ويڙهه سياسي ۽ فڪري ميدان تي هجي يا "بئي" ميدان تي پر هڪ ڳالهه طئي آهي ته ويڙهه ۾ ڪٽڻ لاءِ رڳو بهادري، افرادي قوت ۽ سازگار حالتون نه ڪپن پر دراصل ويڙهه جو بنياد رٿابنديءَ ۽ حڪمت عملي(Strategy) تي هوندو آهي. جنگ، واپار ۽ سياست ۾ درست، محتاط ۽ اثرائتي رٿابندي ۽ حڪمت عمليءَ ڪانسواءِ ڪٽڻ ممڪن نه آهي. اسانکي قومي طور ان خوشفهميءَ مان نڪري اچڻ گهرجي ته ڪو حق ۽ باطل جي جنگ ۾ رڳو حق جي پاسي هئڻ ڪافي آهي. سوال اهو آهي ته پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد جي سنڌ ۽ سنڌ دشمن رٿابنديءَ ۽ حڪمت عمليءَ جي سامهون اسان وٽ ڪهڙي جوابي رٿابنديءَ ۽ حڪمت عملي آهي؟ ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته اها ڪيتري قدر سائنسي، قابل عمل ۽ حالتن سان ٺهڪندڙ آهي؟ سياسي ويڙهه ۾ دشمن جي رٿابنديءَ ۽ حڪمت عمليءَ توڙي سگهه تي پهريون وار دراصل ڪيس وائکو (Expose) ڪرڻ هوندو آهي. سنڌ خلاف پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد جي هن سازش ۽ حڪمت عمليءَ جا ٽي بنيادي ڪردار آهن، يعني:

- اسٽيبلشمينٽ.
- ايم ڪيو ايم.
- ويڪائو ۽ وطن فروش سنڌي وڏيرو.

جيستائين انهن ٽنهي ڌُرين کي مڪمل طور سنڌي عوام ۽ دنيا آڏو پنهنجن اصل ناپاڪ ۽ بڇڙن سياسي چهرن سان بي نقاب ڪري ڪين عوام آڏو سياسي طور اگهاڙو نه ڪيو ويو آهي، تيسين سندن سگهه جو توازن تبديل نه ٿي سگهندو. اچو ته ڏسون سنڌ ۽ سنڌي عوام خلاف استعمال ٿيندڙ انهن ٽنهي ڌرين کي ڪئين ۽ ڪهڙيءَ ريت وائکو ڪري سگهجي ٿو؟

## پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد ۽ اسٽيبلشمينٽ جي سنڌ ۽ سنڌين جي خلاف حڪمت عملي:

جيتونيڪ پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد جنهن کي عام طور تي اسٽيبلشمينٽ به چيو وڃي ٿو، هونئن ته هر لحاظ کان پنهنجن ڪرتوتن، روين، پاليسين، ناجائز مفادن ۽ ڦرلٽ سبب سڄي ملڪ جي عوام آڏو پڌري ۽ وائکي بلڪ خوار خراب ٿي چڪي آهي پر سنڌ ۽ سنڌين جي حوالي سان سندن حڪمت عمليءَ ۽ رٿابنديءَ کي پوريءَ ريت عملي طور اثرائتي نموني وائکو نه ڪيو ويو آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سندن ان سموري راند کي هر سطح تي وائکو ڪيو وڃي ته اسٽيبلشمينٽ اهو چاهي ٿي ته سنڌ ۾ سياسي طاقت جي توازن کي اهڙيءَ ريت ناهيو وڃي جو ان ۾ اڪثريتي سنڌي عوام جي سياسي نمائندگي اسٽيبليشمينٽ جا پاليل غدار سنڌي وڏيرا ڪن ۽ دراصل وڏي سياسي ڌُر ايم ڪيو ايم هجي جنهن کان سنڌ بابت ڪا به ڊيل ڪري سگهجي. هونئن به جام صادق جي دؤر کان وٺي عملي طور ان فارمولا تي عمل ٿي رهيو آهي. هر دفعي ڪو نه ڪو هڪ سيٽ وارو ڊمي وڏو وزير ڪرسيءَ تي ويهاريو ويندو آهي ۽ سنڌ جي حڪومت ۽ وسيلن جو سمورو وهنوار ايم ڪيو ايم

وٽ هوندو آهي. وچ ۾ عبدالله شاهه جي دور ۾ صورتحال ٿوري مختلف هئي ۽ ان جو سبب به اهو هو جو ان زماني ۾ اسٽيبلشمينٽ خود به ايم ڪيو ايم کي پنهنجن ٽرمس تي آڻڻ لاءِ مٿن وقتي طور سختي ڪرڻ جي پاليسيءَ تي عمل ڪري رهي هئي. اسٽيبلشمينٽ اهو چاهي ٿي ۽ ان لاءِ ايجنسين معرفت سڀ انتظام ڪري ٿي ته جيئن اڪثريتي سنڌي عوام کي ديوار سان لڳائجي. سنڌن سياسي سگهه کي ورهائي پنهنجن پالتو وڏيرن معرفت ڪنٽرول ڪجي. ڇاڪاڻ ته ايم ڪيو ايم ۽ ويڪائو سنڌي وڏيرن ۽ پيرن کي سنڌ ۽ انجي وسيلن بابت پنجاب جي حڪمران طبقي سان ڪا به ڊيل ڪرڻ ۾ کهڙي تڪليف ٿيندي؟ ان فارمولا تحت جام صادق، مظفر شاهه، لياقت جتوئي، غوث علي شاهه، علي محمد مهر ۽ ارباب غلام رحيم جي حڪومتن جا واضح مثال اسان آڏو موجود آهن ته ڪئين نه سنڌ ۽ سنڌي عوام جي وسيلن ، حڪمرانيءَ جي حق، سياسي استحقاق ۽ تاريخي حقن جي بيدرديءَ سان ڀيل ڪئي وئي آهي.

پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد ۽ ان جي نمائينده اسٽيبلشمينٽ جي ان سنڌ ۽ سنڌي دشمن راند کي ايترو، هر سطح تي ۽ بار بار هر جاءِ تي وائکو ڪجي جو سنڌ جو ٻار به اها ڳالهه پوريءَ ريت سمجهي سگهي ۽ جيڪڏهن سنڌي عوام جي گهٽائي اها راند ۽ حڪمت عملي سمجهي ورتي ته پوءِ ان جو سياسي ردعمل هڪ پراسس ۾ اها سڄي راند ڦٽائي ڇڏيندو. ڇاڪاڻ ته سنڌي ماڻهن کي هڪ قدرتي مدد اها آهي جو اُهي انگ ۽ آباديءَ ۾ ڪي ٿورا نه آهن. ٽي ڪروڙ ماڻهن جي قطعي اڪثريت کي ائين سولائيءَ سان ديوار سان لڳائي نه ٿو سگهجي. جيڪڏهن ان جو هر ماڻهو اها ڳالهه سمجهي وٺي.

## ايم ڪيو ايم خلاف سنڌي عوام جي راءِ کي سياسي طاقت ۾ تبديل ڪرڻ:

جيتوڻيڪ ايم ڪيو ايم بابت سنڌي عوام کي منجهائڻ سنڌي عوام جي راءِ کي ڪنهن وڏي سياسي طاقت ۾ تبديل نه ڪرڻ ۽ ايم ڪيو ايم کي سنڌ مٿان نازل ڪرڻ ۾ اسٽيبلشمينٽ سان گڏوگڏ سنڌي دانشورن، اديبن توڙي سياسي پارٽين جي هڪ حصي گڏريل ڪيترن سالن کان وسان نه گهٽايو آهي. سياسي ميدان ۽ اخبارن ۾ اصل ڏمچر مچايو ويو ته هاڻي ايم ڪيو ايم قومپرست ٿي وئي آهي ۽ سنڌ جي نجات جي جنگ هاڻي اُها وڙهندي. اها اسٽيبلشمينٽ ۽ ايم ڪيو ايم جي گڏيل راند هئي، جنهن ۾ سنڌي اديبن ۽ دانشورن جو هڪ حصو ۽ ڪجهه سياسي ڌُريون بدترين انداز سان استعمال ٿيون. ٻيو ته نهيو پر ڪين ڏوهارين، دهشتگردن ۽ قاتلن مان ڦيرائي مظلوم قومن جي اتحاد پونم ۾ شامل ڪيو ٿي ويو. اها ٻي ڳالهه آهي ته مشرف جي هن دؤر ۾ ايم ڪيو ايم اسٽيبلشمينٽ سان گڏجي جئين سنڌ کي ڀيليو ۽ سنڌي اڪثريتي عوام خلاف ضلعا توڙي سنڌن وسيلن ۽ حڪمرانيءَ جي حق تي ڌاڙا هنيا آهن، ان سنڌن سمورن ڊرامن ۽ ناٽڪن جي ڦوڪٽي مان هوا ڪڍي ڇڏي آهي. ايم ڪيو ايم هن ڀيري ته نه رڳو سنڌ پر سڄي ملڪ ۾ پاڻ کي مڪمل طور وائکو ڪيو آهي. ايم ڪيو ايم ايتري ڪنڌائتي ۽ (Isolated) اڳ ڪڏهن به نه هئي جيترو اها سياسي ميدان تي اڄ آهي. بلوچ، پنجابي،

پشتون، سرائيڪي ۽ سنڌي عوام آڏو ايم ڪيو ايم بابت هاڻي ڪي بہ مونجهارا نہ رهيا آهن. اها صورتحال ايم ڪيو ايم کي سنڌ ۾ سياسي طور ڪمزور لاءِ سنڌي عوام جي فائدي ۾ آهي.

دراصل سنڌ جي عوام کي اهو سمجهائڻ جي ضرورت آهي تہ ايم ڪيو ايم ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام گڏ هوندي بہ اسان لاءِ بہ مختلف شيون آهن. اسان سمورن تضادن ۽ بي انصافين هوندي بہ اردو ڳالهائيندڙ عوام سان دشمنيءَ وارو رويو نٿا رکون. اهي تضاد حل ٿيڻ جوڳا آهن ۽ اهو رڳو اسان تي ئي نہ پر بنيادي طور تي سنڌن مفاد ۾ بہ آهي. پر ايم ڪيو ايم هڪ مافيا آهي، جيڪا چوويهہ ڪلاڪ سنڌ ۽ سنڌي عوام جي دائمي سياسي، معاشي ۽ تاريخي قومي مفادن خلاف ڪم ڪري ٿي. اُها آمريڪا، ڀارت توڙي پاڪستان جي پنجابي حڪمران طبقي ۽ اسٽيبلشمينٽ سان گڏجي مٿي سنڌن مفاد پورا ڪري ٿي ۽ هيٺ سنڌ ۽ سنڌي عوام جي دائمي مفادن خلاف ڪم ڪري ٿي.

ايم ڪيو ايم سنڌ ۽ سنڌي عوام خلاف آپريٽ ڪندڙ ۽ استعمال ٿيندڙ اسٽريٽجڪ هٿيار جو نالو آهي. نہ رڳو اهو پر خود اردو ڳالهائيندڙ عوام ۽ سنڌن روشن خيال دانشورن کي بار بار اهو محسوس ڪرائڻ گهرجي تہ ايم ڪيو ايم جي سياست نہ رڳو اڪثريتي سنڌي عوام جي حق ۾ نہ آهي پر اها سنڌن جائز ۽ ڊگهي مُدي وارن مفادن لاءِ بہ خطرناڪ آهي. ايم ڪيو ايم جي سياست هن تضاد کي ايترو وڌائيندي جو هتي ڪڏهن بہ مستقل امن قائم ٿي نہ سگهندو ۽ ظاهر آهي تہ اهو ڪنهن جي بہ مفاد ۾ نہ آهي نہ سنڌين جي ۽ نہ اردو ڳالهائيندڙ عوام جي. ايم ڪيو ايم سنڌ ۾ اسٽيبلشمينٽ جو هڪ خطرناڪ اسٽريٽجڪ سياسي هٿيار آهي ۽ جيترو اُها مضبوط هوندي اوترو سنڌي عوام ۽ سنڌ جو مجموعي مفاد خطري ۾ هوندو. اهڙيءَ طرح جيترو اُها ڪمزور ۽ ڪنداٽي هوندي اوترو سنڌ ۾ سنڌي عوام جو قومي مفاد محفوظ هوندو. انڪري ايم ڪيو ايم کي سياسي طور ڪمزور ڪرڻ رڳو ان جي ڪمزوري نہ هوندي پر اها ڳالهہ سنڌ جي حوالي سان اسٽيبلشمينٽ جي بہ چيلهہ چٻي ڪري وجهندي.

## ويڪائو سنڌي وڏيرن جو سياسي گهيرو تنگ ڪرڻ:

هونئن تہ دنيا جي هر قوم جو حڪمران طبقو بنيادي طور پنهنجي سرشت ۾ عوام دشمن، موقعي پرست ۽ ناجائز مفاد پرست هوندو آهي. خاص طور تي جاگيردارانہ سماجن اندر چاڪاڻ تہ سرمائيدارانہ سماج اندر وري بہ ڪيترن حوالن سان سرمائيدار طبقي جا مفاد عوام جي ترقيءَ سان سلهاڙيل هوندا آهن. پر سنڌ جي وڏيرڪي طبقي جهڙو ابن الوقت، وطن فروش، قومي غيرت ۽ ضمير کان وانجهو عوام دشمن طبقو دنيا ۾ ورلي نظر ايندو ۽ جيڪڏهن سنڌ جي بدنصيبيءَ جي تاريخ جا پيرا کڻبا تہ ان جو بنيادي سبب ان طبقي جو تاريخي طور غداريءَ وارو اهو ڪردار آهي.

پاڪستان ۾ بہ بلوچ، پناڻ، پنجابي ۽ سرائيڪي حڪمران طبقن جو ڪردار پنهنجي قوم ۽ عوام جي قومي مفادن خلاف ايترو بڇڙو نہ آهي جيترو سنڌي وڏيري جو آهي. هي طبقو پنهنجيءَ سرشت، تربيت ۽ نفسياتي سياسي لاڙن ۾ ئي بنيادي طور ڪوتاهہ نظر، پنهنجي عوام ۽ قوم جو ويري، دشمن جو دلال ۽ غدار آهي. پنهنجي عوام کي لُٽڻ، ڦرڻ، هيٺ رکڻ، ڪين پنهنجو غلام رکڻ ۽ سنڌن سگهہ کي سوديبازيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ گهر ۾ شينهن ٿيو پيو هلندو ۽ دشمن وٽ جُتين ۾

جاءِ وٺڻ لاءِ بہ هر وقت تيار بيٺو هوندو. هن طبقي جي سرشت ۾ وطن، قوم ۽ عوام سان غداري سمايل آهي. انگريزن کان وٺي هر دور جي اسٽيبلشمينٽ جو ناجائز سياسي ۽ سماجي اولاد آهي. گهڻن سببن ڪري سنڌ ۾ گذريل ڪيترن ڏهاڪن کان طبقاتي جدوجهد عملي طور معطل ٿيل آهي. انڪري ڪين غداريءَ لاءِ خالي ميدان مليل ويو آهي. سنڌ جي قومي سياست بہ سڌيءَ ريت هر طبقي کي سياسي طور ڳچيءَ ۾ هٿ نہ ٿي وجهي پر پري کان بيهي مٺس آگر ڪٽي ٿي. ايترو شرم هن طبقي ۾ آهي ئي ڪونہ جو هو اخلاقي دباءَ جو شڪار ٿئي ۽ ڪا فضيلت اختيار ڪري. هڪڙي ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ ايم ڪيو ايم وانگر سنڌيءَ وڏيرو ۽ خاص طور وڏيري جو هٿي اگهاڙو غداريءَ وارو روپ سنڌي عوام خلاف پنجابي ــ پناهگير مستقل مفاد ۽ انجي اسٽيبلشمينٽ جو هڪ بدترين هٿيار آهي. هن طبقي کي هٿي گهر ۾ سوڙهو، بڇڙو ۽ ڪمزور ڪرڻ جو مطلب آهي سندس جوڙيوال مٿين ڌُر تي اسٽريٽجڪ وار ڪرڻ. سنڌيءَ ۾ چئبو آهي ”ڏک هڻ ڏيءَ کي تہ سکي ننهن!“ جيستائين سنڌي وڏيري جي سياسي ۽ سماجي پيرن هيٺان زمين نہ کڏي وئي آهي، تيسين ايم ڪيو ايم ۽ اسٽيبلشمينٽ کي بہ سياسي طور شڪست ڏئي نہ ٿي سگهجي. ايم ڪيو ايم ۽ سندس ساٿاري سنڌي وڏيرو پنجاب جي حڪمران طبقي ۽ اسٽيبلشمينٽ جا سنڌ ۾ بہ الڳ مورچا آهن. جيستائين اُهي قائم ۽ مضبوط آهن، تيسين سنڌي ماٺهو رڳو دفاعي پوزيشن ۾ هوندو. وقت اچي ويو آهي تہ هن طبقي کي سياسي ۽ سماجي طور دفن ڪرڻ جي منظم شروعات ڪجي ۽ اهو ڪم رڳو ڪنهن هڪ ڌُر جو نہ آهي، سموري سنڌي عوام کي ان لاءِ ذهني، سماجي ۽ سياسي طور تيار ڪجي. سنڌي دانشور ۽ ساڄاهہ وند سطحي دائرن مان نڪري پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار ٿين. سنڌ جي قومي ۽ عوامي سياست وڏيري کي پنهنجو ٽارگيٽ ۽ دشمن جو مورچو سمجهي ڊيل ڪري. سنڌ ۾ وڏيري کي غداريءَ، ابن الوقتي ۽ وطن فروشيءَ لاءِ ميدان خالي مليل آهي. بنگال ۾ وڏيرو چو نہ ٿي ائين آسانيءَ سان غداري ڪري سگهيو؟ ڪيس خبر هئي تہ پوءِ هُو سک ۽ سلامتيءَ سان اُتي رهي ڪونہ سگهندو. هن کي غداريءَ جي خوفناڪ نتيجن جي خبر هئي. سنڌ ۾ وڏيري لاءِ وطن فروشي ۽ غداري زبردست ڌنڌو ٿي وئي آهي. هر ڪو پنهنجا اگهہ کُلي عام پيو ٻڌائي ۽ هر ڪو غداريءَ ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ لاءِ هر وقت تيار آهي. اها صورتحال تبديل ٿيڻ تائين سنڌ ۾ طاقت جو توازن تبديل نہ ٿيندو ۽ صورتحال نہ رڳو ساڳي رهندي پر ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ابتر ٿيندي ويندي. وقت اچي ويو آهي تہ هن غدار طبقي کي سياسي ۽ اخلاقي طور تاريخ جي ڊسٽبن ۾ ڦٽو ڪيو وڃي.

## سنڌ ۾ طاقت جو توازن تبديل ڪرڻ لاءِ ڇا ڇا ڪجي؟

هڪ ڳالهہ واضح آهي تہ جيستائين سنڌ ۾ سياسي طور طاقت جو توازن مٿي بيان ڪيل ۽ اسٽيبلشمينٽ جي مرضيءَ ۽ حڪمت عمليءَ وارو هوندو، تيسين اسانکي رڳو دانهون ڦٻنديون، جيڪي هڪ حد ڪانپوءِ يا تہ مايوسيءَ ۽ انارڪيءَ کي جنم ڏينديون يا محروميءَ جو رومانس پيدا ڪنديون. ان جو سادو حل تہ اهو آهي تہ سنڌ ۾ هڪ اهڙي وڏي ۽ سگهاري پارٽي هجي جو سنڌي عوام جي اڪثريت ان غير وڏيرڪي ۽ وطن دوست سياسي پارٽيءَ سان گڏ هجي، جيڪا سنڌي عوام جي سگهہ ۽ ٻڌيءَ کي سندن تقدير بدلائڻ لاءِ ڪُتب آڻي پر ويجهي مستقبل ۾ اها حقيقت ائين اُڀرندي نظر

نہ ٿي اچي. ان جي سببن تي ڳالهائي سگهجي ٿو پر بهرحال تلخ زميني حقيقت اها آهي. جيتوڻيڪ پس و پيش هن سڄي صورتحال جو جٽادار حل اهوئي آهي پر ظاهر آهي تہ سماجي حالتون پيچيده ٿين ٿيون ۽ اُهي رڳو اسان جي خواهشن جون محتاج نہ هونديون آهن. حالتن کي اسانجون خواهشون ۽ خيال بہ متاثر ڪن ٿا پر بنيادي طور ڪين پنهنجي معروضيت ڊرائيو ڪندي آهي. جيستائين سنڌ ۾ سبجيڪٽو ۽ آبجيڪٽو حالتن جو پاڻ ۾ اهڙو حادثو ٿئي، تيسين مختلف قومي روين ۽ عملن سان ان پراسس جي رفتار کي تيز ڪري سگهجي ٿو. اچو تہ انهن محرڪن تي هڪ نظر وجهون.

## (1) سنڌ جي قومي مفادن کي هر سطح تي واضح ڪيو وڃي:

نظرين جي بنياد تي پارٽين کي منظم ڪبو آهي پر قومن کي سندن وسيع تر ۽ دائمي مفادن جي بنياد تي مثالي قومي ٻڌيءَ جي وقت ۾ تبديل ڪري سگهبو آهي. سنڌي قوم ۾ اها صلاحيت اجان بہ وڏيڪ آهي. سنڌ سماجي طور ذاتين، علائقن، قبيلن ۽ وڏيرڪين سماجي ۽ سياسي جاگيرن ۾ ورهايل آهي پر ان هيستائين ثابت ڪيو آهي تہ اها قومي مفادن تي مثالي ٻڌيءَ جو مظاهرو ڪري سگهي ٿي. پاڻيءَ جي ورهاست ۽ گريٽر ٿل ڪئنال توڙي ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت خلاف جدوجهد ۾ عوام جي هم خيالي ان جو ويجهو مثال آهي.

پاڪستان ۾ ڪابہ قوم قومي مفادن جي بنياد تي ايترو هم خيال ۽ متحد نہ آهي پر اها ٻڌي اجا ابتدائي ڏاڪن جي سطح جي آهي. سنڌ جون نازڪ قومي حالتون ان کان گهڻو وڏيڪ قومي ٻڌيءَ جون متقاضي آهن. قومي ٻڌيءَ جو اهو مطلب هرگز نہ آهي تہ سنڌ ۾ يڪ نفري ۽ ٽانگا پارٽين توڙي بدڪردار ۽ موقعي پرست پارٽين کي گڏ ڪيو وڃي. حقيقي قومي ٻڌيءَ جو مطلب آهي تہ قوم جي قطعي اڪثريت يعني عوام کي تاريخي قومي مفادن جي بنياد تي شعور ڏيڻ، ڪين هم خيال ۽ هم قدم بنائي، سندن اتفاق کي هڪ قومي طاقت ۾ تبديل ڪيو وڃي. سنڌ ۾ سياست جي بنيادي پيچيدگين کان اڻ واقف اخبار نوسين ۽ صحافين قومي ٻڌيءَ بابت نهايت سطحي ۽ غلط تصور عام ڪيا آهن. جنهن جو مطلب اهو آهي تہ جيڪو بہ گهران رُسي قومپرستيءَ جو نعرو هڻي، جنهن وٽ نہ تنظيم هجي ۽ نہ نظريو ۽ نہ ئي چار ماڻهو ساڻن گڏ هجن، انهن سيني يڪ نفري يا بدڪردار نام نهاد سياسي پارٽين کي گڏي ويهاريو تہ اُها ٿي قومي ٻڌي. قومي ٻڌي جو اهو تصور چَسو، غير سائنسي، بي وزن ۽ سطحي ئي نہ پر گهڻين حالتن ۾ خطرناڪ بہ آهي. نہ ئي وري پيپلز پارٽي ٽائيپ وڏيرڪين سياسي پارٽين پُنيان ماڻهن جي هجوم کي قومي ٻڌي سڏي سگهجي ٿو. حقيقي قومي ٻڌيءَ جو مطلب آهي عوام جي باشعور ۽ قومي مفادن جي بنياد تي وسيع تر ٻڌي. اها حقيقي قومي ٻڌي تيسين ممڪن نہ آهي جيسين سنڌي عوام جي قطعي گهڻائي پنهنجا تاريخي، قومي، سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ معاشي حق نہ ٿي سُڃاڻي ۽ ان لاءِ گڏيل جدوجهد کي اڻ ٽر نہ ٿي سمجهي. پيپلز پارٽيءَ عوام کي طاقت جو سرچشمو قرار ڏئي عملي طور ڪين وڏيرن کي اقتدار ۾ آڻڻ جي اليڪشني ذريعي طور استعمال ڪيو. اهو صحيح آهي تہ شهيد ڀُٽي هڪ حد تائين عوام کي سجاڳ ڪيو پر اها سجاڳي ڪين رڳو جلسن جلوسن ۾ آڻڻ کان اڳتي وڌي نہ سگهي. عوام کي اهو تہ ٻڌايو ويو تہ سندن حق ۽ فرض ڇا آهن؟ هو صدين کان غلام ڇو آهن؟ سندن غلاميءَ، غربت، جهالت ۽ پسماندگيءَ جا محرڪ ڇا آهن؟

غلاميءَ، غربت ۽ پسماندگيءَ مان نجات ڪئين ممڪن آهي؟ سندن اصل سگهه ڇا ۾ ۽ ڪهڙي آهي؟ سندن ڪمزوريون ڪهڙيون آهن جيڪي سندن غلاميءَ ۽ پسماندگيءَ لاءِ ذميوار آهن؟ وڏيرڪيون ۽ ناٽڪي قومپرست پارٽيون زبان سان پل ته ڪٿي ڇا به چون پر ڪين Suit ڪري ٿو ته عوام حقيقت ۾ انڌو، ٻوڙو، گونگو، بي شعور ۽ جاهل هجي. انڪري عوام ۾ حقيقي سياسي شعور پيدا ٿيڻ ڪانسواءِ قومي ٻڌي هڪ خودفريبي ۽ ديواني جو خواب آهي.

## (2) سنڌي عوام جو هر فرد پنهنجو سياسي ڪردار ادا ڪري:

هن ملڪ ۾ سياست ڪي ايترو ته گندو ڪيو ويو آهي جو ماڻهن جي نظر ۾ سياست هڪ ڌنڌو، واپار ۽ هاٽي ته ضمير فروشيءَ جو ڪاروبار آهي، جڏهن ته حقيقت ۾ سياست نظرياتي طور هڪ سائنس آهي ۽ عملي طور هڪ آرٽ آهي ۽ سڀ ڪان وڏي ڳالهه ته قوم توڙي عوام جي تقديرن بدلائڻ جو ذريعو ۽ واٽ آهي. اها سياست ئي ته هئي جنهن چين جهڙي آفيمي قوم ڪي اڄ دنيا جي معاشي سُپر پاور ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اها سياست ئي ته هئي جنهن ذريعي ويٽنام جهڙي نبل ۽ ڪمزور قوم آمريڪا جهڙي سُپر پاور ڪي شڪست ڏني. اها سياست ئي ته هئي، جنهن جي سگهه آڏو جنرل نيازيءَ ڪي پاڪستاني فوج پاران هٿين خالي بنگالين آڏو هٿيار ڦٽا ڪرڻا پيا. حقيقت اها آهي ته بدڪردار، ڪرپٽ، موقعي پرست ۽ ڪرمنل سياست قوم جا نصيب ڦٽائي ٿي ۽ عوامي سگهه توڙي صحيح نظرين جي بنياد تي باڪردار ۽ باشعور سياست قومن ۽ عوام جون تقديرون بدلائي ٿي. جيتوڻيڪ سنڌ جو عوام گهڻي حد تائين سياسي طور وري به ملڪ جي ٻين قومن ڪان به قدم اڳتي آهي پر ان باوجود ڪين سياست ڪان مايوس ۽ بدظن ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽايو ويو آهي. ٻئي پاسي سنڌي دانشورن ۽ اديبن جي هڪ سطحي گروهه به عوام ڪي سياست ڪان بدظن ڪرڻ ۾ پنهنجي طرفان ڪا ڪسر نه ڇڏي آهي. سياست سان پنهنجي وابستگيءَ ڪان ائين پيا ٿهندا ۽ انڪار ڪندا ڄڻ اهو ڪو ڪوڙهه جو مرض هجي. خاص طور تي سندن دليل اهو هوندو آهي ته پڙهيل لکيل ماڻهوءَ جو ڪم سياست ڪرڻ نه آهي. مطلب ته قوم ۽ عوام جي تقدير بدلائڻ جو ميدان چورن، ڌوهارين، جاهلن، پيٽ خورن، غدارن ۽ مافيائن لاءِ خالي ڇڏي ڏجي ۽ پوءِ وري قوم سان همدرديءَ لاءِ دانهون به ڪجن. مطلب ته مريض ڪي علاج ڪان جهلجي ۽ پوءِ سندس بيماريءَ تي ڳوڙها ڳاڙجن.

سياست جديد انساني تهذيب ۽ سماج جو هڪ اهم ترين شعبو آهي. سياست ڪانسواءِ اڄوڪي دور ۾ مهذب سماج ۽ ذميوار رياست جو تصور به نه ٿو ڪري سگهجي. فرد سماج توڙي رياست جو ننڍي ۾ ننڍو يونٽ آهي ۽ جيسين اهو ذميوار سياسي ڪردار ادا نٿو ڪري، تيسين سماج ۽ رياست جي حالت تبديل ٿئي، اهو ممڪن نه آهي. يونان جي عظيم فيلسوف ارسطوءَ به هزار سال ڪان به ڪيئي صديون اڳ چيو هو ته جيڪو ماڻهو سياسي نه آهي، اهو پاڻ ڪي مهذب سڏائڻ جو حق نه ٿو رکي. سماجن توڙي قومن جي تقديرن بدلائڻ لاءِ اها هڪ عالمي طور مڃيل حقيقت آهي ته اُن جو وڏي ۾ وڏو اثرائتو ذريعو تخليقي سياست آهي ۽ اُها سياست تيسين ممڪن نه آهي، جيسين سماجي سطح تي سياست بابت روايتي تصور نه بدلايا ويا آهن ۽ هر فرد پنهنجو سياسي ڪردار متعين ۽ ادا نه ٿو ڪري. آئيڊيل صورتحال ته اها ٿيندي ته ماڻهن جي گهڻائي ڪنهن هڪ سياسي پارٽيءَ ڪي شعور،

فڪر، ڪردار ۽ عمل جي بنياد تي سپورٽ ڪري پر جيڪڏهن سماج جون معروضي حالتون اهڙيون نہ هونديون تہ ائين ٿيڻ لازمي طور سولو بہ نہ آهي.

مان ان راءِ جو آهيان تہ ماڻهو پاڻ ڪي نظرياتي طور جنهن بہ سياسي پارٽيءَ جو ويجهو سمجهي پل اُن ۾ شامل ٿئي، ان سان ويجهڙائي رکي پر ماڻهوءَ جي سياسي وابستگي ضروري آهي، چاڪاڻ تہ ماڻهو جي سياسي تربيت جي مرحلن مان رڳو گهرائيءَ سان تڏهن ئي گذرندو. هيءَ جيڪو سنڌي دانشورن ۽ اديبن ۾ سيني ڏرين لاءِ قابل قبول هجڻ وارو مرض آهي، اها يا تہ سندن فڪري ۽ سياسي ناپختگي ۽ نا بالغي آهي يا موقعي پرستي. متضاد لقائن جي وچ ۾ ماڻهو سيني لاءِ وڻندڙ ٿي نہ ٿو سگهي. اهو ميدياڪر ماڻهن جو ڪم آهي. سنڌ ۾ هڪ ٻيو رجحان بہ شعوري طور پيدا ڪيو ويو آهي تہ جيڪو ماڻهو پروفيشنل آهي ان جو سياست سان ڪجهہ نہ وڃي. خاص طور تي صحافت ۾ ان سطحي رويي کي گهڻو اُڀاريو ويو آهي. ماڻهو پيشہ ورانہ طور ڪنهن بہ شعبي ۾ ڪمٽمينٽ سان ڪم ڪري سگهي ٿو ۽ ساڳي وقت سياسي نظريا ۽ خيال بہ رکي سگهي ٿو يا سياست ۾ عملي طور حصو بہ وٺي سگهي ٿو. دنيا جا وڏا پروفيشنل وڪيل، استاد، اسڪالر، معاشيات جا ماهر، ڊپلوميٽ، محقق، صحافي، بزنس مين، ڪالم نويس، اديب، شاعر، فلسفي، دانشور ويندي سائنسدان سياسي ڪردار رکندا آيا آهن ۽ بدستور رکن ٿا. اها ڪهڙي سطحي سوچ آهي تہ پروفيشنل ماڻهن جو سياست سان ڪجهہ نہ وڃي؟ جي سياست ڪرڻ پروفيشنل ماڻهن جو ڪم نہ آهي تہ ڇا اهو واندن جو ڪم آهي يا هجڻ گهرجي؟ ان ڪري سنڌ جي هر باشعور سنڌي ماڻهوءَ جو اهو قومي فرض آهي تہ اهو سنجيدگيءَ سان پنهنجو سياسي ڪردار ادا ڪري.

## (3) سنڌي دانشور ۽ اديب پنهنجي سوچ ۽ ڪردار ۾ پختگي آڻي:

جيتوڻيڪ سنڌي دانشورن ۽ اديبن جي ڪردار تي اسان مٿي مختصر طور ڳالهہ ٻولهہ ڪري آيا آهيون پر هتي هڪ خاصي پاسي کان ڪجهہ ڳالهيون ضروري آهن. جيڪڏهن ڪنهن قوم جا دانشور ۽ اديب فڪري، علمي ۽ عملي طور باڪردار، قابل، تخليقي ۽ پُختا آهن تہ اهو انهن قومن جو ڀاڳ ٿي پوندو آهي، ٻيءَ صورت ۾ اها انهن جي وڏي بدبختيءَ هوندي آهي. سنڌي اديب ۽ دانشور ون يونٽ ۾ ۽ ان کان پوءِ بہ هڪ حد تائين ان حوالي سان بهتر ڪردار ادا ڪيو پر پوءِ سڄي ڳالهہ مان عملي طور هٿ ڪڍي ويو، نہ رڳو هٿ ڪڍي ويو پر ان جي وڏي حصي ۾ موقعي پرستيءَ جا لاڙا پيدا ٿيا. جيتوڻيڪ اڄ بہ ان جي هڪ ننڍڙي ٽورائي ڪمٽمينٽ سان ڪم ڪري ٿي پر مجموعي طور صورتحال ڪا گهڻي اُتساهيندڙ نہ آهي.

دانشور ۽ اديب پل تہ سڌيءَ ريت سياست ۾ نہ هجن پر انهن جو سماج ۾ هڪ اثرائتو ڪردار ضرور هوندو آهي ۽ هئڻ بہ گهرجي. اديب ۽ دانشور ڪنهن بہ سماج جا حواس هوندا آهن ۽ جي اُهي عملي ۽ فڪري طور پُختا هجن تہ اهي سماج جو دماغ هوندا آهن. پيچيده معاملن کي سادو ڪندا آهن. پنهنجي عوام ۽ قومي قوتن سان کُلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهندا آهن. سنڌ ۾ بہ هاڻي گذريل ڪجهہ ڏهاڪن واري صورتحال تبديل ٿيڻ گهرجي. اها هيٺين روين سان تبديل ٿي سگهي ٿي.

- ذاتي پذيرائيءَ ۽ ڏيکاءُ جي سطحي روين مان نڪرڻ گهرجي.

- ♦ تاريخ، فلسفي، معاشيات ۽ ٻين نوس سماجي علمن جو معياري مطالعو ڪرڻ گهرجي.
- ♦ اعليٰ آدرشن تحت سطحي ۽ فوري پذيرائيءَ بدران ڊگهي مُدي وارن قومي مفادن لاءِ علمي، فڪري ۽ ادبي ميدانن ۾ ڪم ڪرڻ گهرجي.
- ♦ هوائي ۽ لباڙي ڪلچر مان نڪري تحقيق کي هٿي وٺرائڻ گهرجي.
- ♦ مقامي ۽ ملڪي، علائقائي توڙي عالمي حالتن جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪرڻ گهرجي.
- ♦ سياست دُشمنيءَ بدران سياست بابت معياريءَ، سائنسي ۽ متوازن رويا اختيار ڪرڻ گهرجن.
- ♦ موقعي پرستي، ڏيکاءُ پسندي ۽ بدڪرداريءَ جي روين جي هر سطح تي حوصلي شڪني ڪرڻ گهرجي.
- ♦ قومي ذميواري طور ٻين صوبن، خطي توڙي عالمي سطح تي سفارتي لاڳاپا وڌائي قومي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجن.
- ♦ قلم جي حُرمت ۽ وقار جي بحالي ڪرائي، ان جي ذميوارانه ڪردار کي اُڀاريو وڃي.
- ♦ پاليسي معاملن کي سمجهڻ ۽ انهن تي اثرانداز ٿيڻ جي پاڻ ۾ صلاحيت پيدا ڪرڻ گهرجي.
- ♦ دنيا جي ڪامياب عوامي، قومي ۽ انقلابي تحريڪن جو وسيع ۽ گهرو مطالعو ڪرڻ گهرجي.

## (4) سول سوسائٽي غير سياسي سوچ جي خودفريبيءَ مان ٻاهر نڪري:

پاڪستان توڙي سنڌ ۾ سول سوسائٽي پنهنجي سوچ، رويي، پاليسين، (Vision) توڙي عمل جي لحاظ کان بنهه ابتدائي مرحلن ۾ آهي. عام طور سول سوسائٽيءَ کي سطحي انداز سان رکيو اين جي اوز جي معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي پر حقيقت ۾ سول سوسائٽيءَ جو مطلب آهي سماج جي ذميوار فردن ۽ ادارن جو گڏيل ذميوارانه ڪردار. هڪ ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته سول ۽ پوليٽيڪل سوسائٽي هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن. سول سوسائٽي جيڪڏهن سمجهي ٿي ته اها پوليٽيڪل سوسائٽي ڪانسواءِ تبديليءَ جي عمل ۾ حصو وٺي سگهي ٿي يا سماج ۾ ترقي آڻي سگهي ٿي ته اها خودفريبي آهي ۽ ساڳيءَ طرح جيڪڏهن پوليٽيڪل سوسائٽيءَ جو قيام ۽ اثرائتو وجود ۽ ڪردار سول سوسائٽيءَ ڪانسواءِ ممڪن آهي ته اها سوچ غلط ۽ غير حقيقت پسند آهي.

جيتوڻيڪ پاڪستان جي ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ وري به سنڌ ۾ سول سوسائٽي ٿڪو پئسو وڌيڪ سرگرم ۽ بهتر موقف رکندڙ آهي پر ان جي باوجود اها اجا تائين سياست ڏانهن غلط حجاب آميز رويي جي خودفريبيءَ جو شڪار آهي. جيڪي قومون ۽ سماج اسان جئين گهڻ طرفن گهيرن ۽ خطرن ۾ هونديون آهن، انهن جو ڪوبه اِشو پس و پيش غير سياسي ٿي نه ٿو سگهي ۽ نه ئي انهن جا ڪي به حل غير سياسي ٿي سگهن ٿا. انڪري جيستائين سول سوسائٽيءَ جو سياست ۽ پوليٽيڪل سوسائٽيءَ ڏانهن رويو درست نه ٿيندو تيسين اها پنهنجو اثرائتو ڪردار اُڀاري نه سگهندي. مسئلو

معاشي هجي يا سماجي ۽ ثقافتي  انهن جا حل ڪنهن طور به غير سياسي ٿي نه ٿا سگهن. تعليم، صحت، زراعت، پاڻي، ناڻو، امن امان، انتظام ڪاري (Governance) ، انهن جا حل سياست، سياسي عمل ۽ قوتن کان سواءِ ممڪن نه آهن. سنڌ ۾ اديبن ۽ دانشورن جي هڪ وڏي حلقي جيان سول سوسائٽيءَ جو رويو به عملي طور سياست جي نفي ڪرڻ يا سياسي عمل کان پري ٿي بيهڻ وارو آهي. مطلوم ۽ اسان جيان غلام قومن جو ڪوبه اجتماعي عمل، جيڪڏهن اهو سنجيده آهي ته پنهنجي جوهر ۾ غير سياسي ٿي نه ٿو سگهي. ويندي اين جي اوز جي ڳالهه ڪبي ته اُهي به سياسي عمل کان ڌار بيهي نٿيون سگهن. اچ ڪلهه اين جي اوز ۾ پاليسي معاملن کي ڪٽڻ جو لاڙو تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي. جيتوڻيڪ اهو لاڙو في الحال ايڊووڪيسيءَ جي دائري تائين محدود آهي پر اُهو اُڀريو ضرور آهي. پاليسيون سماجي هجن يا سياسي اُهي بنيادي طور سياسي عمل ذريعي ئي ٺهي يا بدلجي سگهن ٿيون.

سنڌ جون قومي حالتون نهايت نازڪ آهن. انهن حالتن ۾ قومي بقا ۽ ترقيءَ جي جنگ اڪيلي سر رڳو سياسي پارٽيون وڙهي نه سگهنديون. ضرورت آهي ته قوم جو هر باشعور حصو ان ۾ پنهنجي پنهنجي شعبي جي پليٽ فارم تان ۽ ڪڏهن ان کان اڳتي وڌي ڀرپور حصو وٺي. سول سوسائٽيءَ ڀل ته سڌيءَ ريت سياسي عمل جو حصو نه هجي پر ان جا هڪ ته سياسي عمل سان سهڪار ۽ مدد هئڻ گهرجن ۽ ٻيو ته سنڌن رويو صحيح سياسي عمل سان سهڪار ۽ مدد وارو هئڻ گهرجي. سول سوسائٽي سياسي عمل لاءِ سازگار ماحول ناهڻ ۾ وڏو اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي ۽ جي غير ذميوار هجي ته وڏو نقصان به ڏئي سگهي ٿي. سنڌ جي مخصوص قومي حالتن ۾ اسان جي سول سوسائٽيءَ کي پڻ غير سياسي سوچ خود فريبيءَ مان ٻاهر نڪرڻ گهرجي. جي اروندتي راءِ هڪ اديب هئڻ جي حيثيت ۾ نرمدا ڊيم جي اڏاوت خلاف ۽ هونئن به غير معمولي اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. نوم چومسڪي لسانيات جو ماهر هوندي عالمي سامراج جي پالسين کي سڄيءَ دنيا ۾ ائين اگهاڙو ڪري سگهي ٿو ته اسان جي سول سوسائٽي غير سياسي هئڻ جي خودفريبيءَ ۾ ڇو مبتلا آهي؟ اهو رويو هاڻي تبديل ٿيڻ گهرجي.

## (5) مايوسيءَ سان مسلسل مزاحمت ڪجي!

مايوسي هڪ حقيقت هجي يا خودفريبيءَ ٻنهي صورتن ۾ قومن ۽ خاص طور تي غلام، مظلوم ۽ خطرن جي گهٽن گهيرن ۾ آيل قومن لاءِ اهو آپگهاتي رستو آهي. انساني تاريخ جي ڦيٿي کي هيستائين اُميد، اُتساهه، قربانين ۽ مسلسل جدوجهد اڳتي وڌايو آهي پوءِ چاهي اها جدوجهد علم، ادب، آرٽ ۽ سائنس جي ميدانن ۾ هجي يا سياست ۽ سماجي ميدانن ۾. اُميد ۽ اُتساهه عام طور سمورين قومن لاءِ پر خاص طور غلام ۽ مظلوم قومن لاءِ روحاني هٿيار آهن. ڇاڪاڻ ته سنڌن حالتون بظاهر مايوس ڪندڙ هونديون آهن پر سنڌن آزاديءَ، نجات ۽ ترقيءَ جون سموريون راهون اُميد، اُتساهه ۽ جدوجهد منجهان ئي نڪرنديون آهن.

سنڌ ۾ سابق سياسي ڪارڪنن، اديبن، شاعرن ۽ نام نهاد دانشورن جو هڪ وڏو حلقو اهڙو آهي جنهن جو هڪ عرصي کان پيشه ورانه ڪم سنڌي عوام ۾ مايوسي، سياست کان بيزاري، ليڊرشپ تي اُتساهي ۽ سياسي پارٽين کان نفرت پيدا ڪري رهيو آهي. جتي ويهندا چوندا "سڀ ننگ آهن،

سياست فضول آهي، ڪجهه ڪونه ٿيندو“ مطلب ته ماڻهوءَ جو ويساهه ۽ اُتساهه ڪٿي به پير ڪوڙي نه سگهي ۽ ماڻهوءَ کي روحاني طور مرٽينگ ۽ جڏو ڪري ڪيس جدوجهد جي واٽ کان پري ڪري ڇڏجي. خاص طور تي 1990ع کان پوءِ سنڌ ۾ اهو رويو تيزيءَ سان اُڀريو آهي. سياسي پارٽين ۾ ڪمزوريون ٿي سگهن ٿيون، ليڊرشپ ۾ به ڪمزوريون هونديون ۽ ٿي سگهن ٿيون پر ان جو اهو مطلب ٿورو ئي آهي ته ماڻهن جا سياسي روح ساڙي ڇڏجن ۽ سندن جدوجهد مان ويساهه کڻائي ڇڏجن. سياسي پارٽيون يا سندن ليڊرشپ ڪو آسمان مان ڪونه لٿيون آهن. جيڪي مجموعي ڪمزوريون سماج ۾ آهن، انهن جو اثر ظاهر آهي ته پارٽين ۽ ليڊرشپ تي به هوندو ۽ ٿي سگهي ٿو پر ان جو هرگز اهو مطلب ناهي ته ماڻهن کي نااُميد، خود قياسيءَ ۾ ورتل ۽ پاڻ تي رحم کائيندڙ ۽ روحاني طرح جڏو ۽ مرٽينگ ڪري ڇڏجي. سنڌ ۾ ان لاڙي نه رڳو قومي سگهه ۽ جدوجهد کي به وڏو نقصان ڏنو آهي. سنڌي عوام جي قومي نجات جي جنگ رڳو ٻاهرين ميدانن تي نه وڙهڻي آهي پر ان جا وڏيڪ حساس ۽ وڏا توڙي پيچيده ميدان نظرياتي، عملي، فڪري ۽ روحاني آهن. سنڌ جي سمورين باشعور، ڪميٽيڊ ۽ باعمل سياسي ڪارڪنن، اديبن ۽ شاعرن، دانشورن ۽ ٻين ساڃاهه وند ماڻهن کي ان رويي جي هر سطح تي ڀرپور مزاحمت ڪرڻ گهرجي. سنڌي قوم جي نازڪ تاريخي حالتن ۾ عوام کي مايوسيءَ، خودقياسيءَ، اويساهيءَ ۽ بي عمليءَ بجاءِ اُميد، حوصلي، اُتساهه، ويساهه، صحيح واٽ، حڪمت عملين، سياست ۽ مسلسل جدوجهد جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته اهوئي اُهو رستو آهي. جنهن سان هن ڏکي دور کي پار ڪري هڪ جديد ۽ روشن خيال سنڌ جي اڏاوت ڪري سگهجي ٿي. سمورن مسئلن، عذابن، جدوجهد آڏو رڪاوٽن ۽ ڪمزورين باوجود منهنجو ويساهه آهي ته سنڌي عوام پس و پيش پنهنجيءَ قومي آزاديءَ، نجات ۽ ترقيءَ جي هيءَ جنگ کٽي سگهي ٿو.

دشمن پنهنجون سموريون قوتون آخري حد تائين استعمال ڪري به اسان کي ختم ڪري نه سگهيو آهي. جڏهن ته سنڌي عوام جون سموريون قوتون اڃا استعمال ئي نه ٿيون آهن. ٽي ڪروڙ سنڌين جو شعور، حوصلو، اُتساهه، ڪمٽمينٽ، صحيح نظريو، واٽ، تنظيم ۽ ٻڌي پنهنجيءَ سموري سگهه سان ڪٿي وڙهي آهي؟ هيستائين سنڌي عوام منجهان هڪ ننڍڙي ٽورائيءَ اهو بار پئي کنيو آهي ته به ان جا نتيجا اسان جي سامهون آهن. جڏهن سنڌي عوام جي قطعي گهڻائي، حقيقي قومي سياسي شعور، علم، حوصلي، اُتساهه، ڪمٽمينٽ، صحيح نظريي، واٽ، حڪمت عمليءَ توڙي تنظيم سان جدوجهد جي ميدان تي لٿي ته اندران مڪمل طور ڪاڄي ويل دشمن ڪيترو وقت ان آڏو بيهڻ جي سَتُ ساري سگهندو؟ ان ڪري اها منهنجي خوشفهمي نه پر سائنسي ڪَٿَ آهي ته قومي طور هيءَ جنگ اسان کٽي سگهون ٿا پر شرط اهو آهي ته چوويهه ڪلاڪ عوام ۾ مايوسي ڦهلائيندڙ، ڪين منجهائيندڙ ۽ ڪين جدوجهد مان ويساهه کڻائيندڙ واندن جي لشڪر کي اخلاقي ۽ سياسي طور زبردست شڪست ڏئي، سنڌي عوام جي قومي ٻڌي ۽ جدوجهد آڏو هن روحاني رڪاوٽ کي ختم ڪيو وڃي. جيڪو به ماڻهو سنڌ ۾ مايوسي پکيڙي ۽ ماڻهن جو سياست ۽ جدوجهد مان ويساهه کڻائڻ جي ڪوشش ڪري پڪ سمجهڻ گهرجي ته اهو سڌي اڻ سڌيءَ ريت دُشمن جو ايجنٽ آهي. هو اسان جي نالي ۾ ”سندن“ مفادن لاءِ ڪم ڪري ٿو.

## سنڌ ۽ سنڌين لاءِ وڏي ۾ وڏو چئلينج:

مجموعي طور هلندڙ ۽ ايندڙ وقت ۾ سنڌ ۽ سنڌين لاءِ وڏي ۾ وڏو چئلينج اهو آهي ته هو پاڻ کي ٻڌيءَ، تنظيم ۽ جدوجهد وسيلي سنڌ ۾ هڪ اهڙي ڏُر ڪئين تا ثابت ڪن، جيڪا آمريڪا، پارٽ پنجابي پناهگير مستقل مفاد، ان جي نمائنده استيبلشمينٽ توڙي سمورين واسطيدار ڌُرين کي اهو سگهارو نياپو ڏئي سگهي ته جيڪڏهن سنڌ ۾ سنڌي اڪثريتي عوام کي پاسيرو ڪري ڪابه بدنيت راند ٺاهي وئي ته پوءِ هتي ڪنهن جو به مفاد محفوظ رهي نه سگهندو. بلڪل ائين جئين مڊل ايسٽ ۾ جيڪڏهن فلسطيني ۽ عرب محفوظ ناهن ته محفوظ اسرائيل به نه آهي. سنڌ تي ازلي ابدي مالڪيءَ جو حق سنڌي عوام جو آهي ۽ ان کي ديوار سان لڳائي، ڪُنڊائتو ۽ پاسيرو ڪري ڪوبه نئون سياسي يا جاگرافيائي منصوبو ٺاهيو ويو ته پوءِ هتي ڪڏهن به مستقل امن قائم ٿي نه سگهندو ۽ ڪنهن جا به مفاد محفوظ رهي نه سگهندا.

"True Statesmanship is the art of changing a nation from what it is into what it ought to be"

-W.R. Alger

# رياست جو بحران ۽ طاقت جي توازن جي تبديليءَ جو سوال!

پاڪستان بطور هڪ رياست جي پنهنجي تاريخ جي بدترين بحران مان گذري رهيو آهي. ان بحران جا ظاهري سبب ڪهڙا به هجن پر دراصل اهو منطقي نتيجو آهي، انهن سمورن روين، فيصلن ۽ ڏوهن جو، جيڪي ملڪ تي قابض ٽولو پهرين ڏينهن کان مسلسل ڪندو اچي. اهوئي سبب آهي جو اڄ

پاڪستان اندروني توڙي عالمي طور هڪ ناڪام رياست طور سامهون اچي رهيو آهي. اندروني طور پاڪستان جو رياستي ڍانچو انتظامي حوالي سان بلڪل مرٽينگ ۽ جڻ لاعلاج مريض بڻجي چڪو آهي. ٻئي طرف پاڪستان جو عالمي سياسي نقشو تي اُپرندڙ اميج مڪمل طور هڪ ناڪام رياست وارو آهي. جنهن ملڪ ۾ عوام ۽ رياست وچ ۾ تضاد شديد هجي، جتي وفاق جو عملي طور ڪو وجود ئي نه هجي، جتي ننڍا صوبا ۽ ان ۾ تاريخي قومون پاڻ کي اوڻهٺ سالن کان پوءِ به غلام تصور ڪنديون هجن، جتي قانون جي حڪمرانيءَ جو ٿلهو تصور به نه هجي، جتي عدليه اسٽيبلشمينٽ جي هٿن جو رانديڪو بڻيل هجي، جتي سياسي سرشتو ايجنسين جي حوالي ۽ پارليامينٽ ڊمي ۽ جمهوريت هڪ هتڪ آميز ناٽڪ هجي، جتي جاگيرداريت، ڌوهن، دهشتگرديءَ ۽ سياسي مافيائن کي رياستي سرپرستي حاصل هجي، جتي ڪروڙين عوام جي تقديرن جا فيصلا رڳو چند آپيشاهي ذهينت وارا فرد ڪندا هجن، جتي فوج ملڪ لاءِ نه پر سڄو ملڪ فوج لاءِ مختص ڪيو ويو هجي، جتي ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ، ثقافت، درياءَ، تاريخ، وسيلن ۽ قومي وجود کي هر وقت خطري ۾ محسوس ڪندا هجن. اها رياست اڄوڪي سنگين بحران جي منطقي انجام تي نه رسندي ته ٻيو ڇا ڪندي؟ فلسفي جي اصول موجب ”سببن ۽ نتيجن“ جو پاڻ ۾ تمام گهرو تعلق هوندو آهي، پاڪستان جي رياست جو موجوده بحران به ان ئي حقيقت جو پيش خيمو آهي.

سطحي ۽ مٿاڇري انداز سان هن بحران کي ڏسبو ته ماڻهو مايوسين جي جار ۾ ڦاسي پوندو پر هن بحران جي محرڪن جي گهرائيءَ ۾ وڃبو ته سمورين وقتي پريشانين ۽ مونجهارن جي باوجود بنيادي نتيجا اُتساهيندڙ نڪرندا. جنهن بنياد تي اسين هن ملڪ ۾ شامل ٿيا هئاسين ۽ وڏي ڳالهه ته جنهن ملڪ ۾ شامل ٿيا هئاسين، نه هي اهو ملڪ آهي ۽ نه ئي ان جي بنيادي معاهدي لاءِ حڪمران ٽولي کي ڪو ٽڪو ۽ نالي ماتر به احترام آهي. ”پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد“ ملڪ تي قبضو ڪري پنهنجن مخصوص مفادن لاءِ ان جا نظرياتي، سياسي ۽ ثقافتي بنياد به اهڙائي ڦورو، غلط ۽ غاصبانه رکيا پر اڄ اُوڻهٺ سالن کان پوءِ به ليڪو ڪبو ته سموري رياستي ڏاڍ باوجود سندن نظرياتي بنيادن جو سڪو ملڪ ۾ ڪٿي به نه ٿو هلي ۽ نه وري ساڳيءَ حالت ۾ اڳتي وڌيڪ هلندي نظر اچي ٿو.

اچو ته ٿورو ان سوال جو جائزو وٺون ته پنجابي ــ پناهگير مستقل مفادن جي محافظ رياست جي نظرياتي ۽ سياسي شڪست کي ڪئين ڏسي سگهجي ٿو ۽ ان مان ڪهڙا نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا؟

## پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد جي نظرياتي، سياسي ۽ ثقافتي شڪست:

پاڪستان جي قيام جو حقيقي نظرياتي بنياد ۽ معاهدو 1940ع جو ٺهراءُ هو، جنهن ۾ هڪ ڪنفيڊرل قسم جي وفاقي نظام جو تصور هو، جنهن ۾ پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ صوبن کي خودمختيار رياستن جو درجو ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو هو. پاڪستان جي پهرئين آئين ساز اسيمبليءَ ۾ 11 هين آگسٽ واري پنهنجي جڳ مشهور تقرير ۾ قائداعظم محمد علي جناح مڪمل طور واضح ڪيو هو ته پاڪستان ڪا مُلا شاهي (Theocratic) رياست نه هوندو پر اها هڪ سيڪيولر رياست هوندي.

ٻئي طرف ملڪ نهڻ شرط ملڪ تي قبضو ڪري پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد پاڪستان جا نظرياتي بنياد ئي تبديل ڪري ڇڏيا، جنهن جا تلهي ليڪي نقطا هي هئا.

1. محمد علي جناح جي ڏنل ملڪ جي سيڪيولر تصور کان مڪمل انحراف ڪيو ويو.
2. پاڪستان ۾ قومن جي تاريخي وجود کان ئي انڪار ڪيو ويو.
3. صوبن جي 1940ع واري نهراءُ ۾ وعدي ڪيل حيثيت نه ڏنيو پر مورڳو سندن خودمختياريءَ جي سوال کي اُٿارڻ کي ئي ملڪ سان غداري قرار ڏنو ويو.
4. پاڪستاني قوميت جو اوپرو ۽ غير حقيقي تصور ملڪ تي زوريءَ مڙهڻ جي هر سطح تي ۽ هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي.
5. نالي ماتر وفاق کي پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد جي ڦرلٽ جو ذريعو بڻايو ويو.
6. جمهوريت جي يا ته سڌي نفي ڪئي وئي يا ان کي عوام سان ٺڳيءَ جي ناٽڪ طور هلايو ويو.

ان جي نتيجي ۾ ملڪ جي مظلوم قومن ۽ پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد وچ ۾ رياست جي بنيادن ۽ تصورن جو تضاد پهرين ڏينهن کان اُڀري آيو ۽ ڏينهن ڏينهن وڌندو رهيو، هر ان ماڻهوءَ جنهن پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد جي ان زوريءَ مڙهيل تصورن ۽ نظرياتي بنيادن جي مخالفت ٿي ڪئي، ان کي پاڪستان جي تاريخ ۾ غدار ڪوٺيو. خان غفار خان ۽ جي ايم سيد کان وٺي هڪ پورو نسل غداريءَ جي ان الزام جي ڪٽهڙي ۾ بيهاريو ويو ۽ رياستي ملامت ۽ عتاب جو شڪار رهيو. رياست پنهنجا سمورا حربا استعمال ڪيا. سڀ حيلا هلايا. پروپيگنڊا، رياستي ڏاڍ، ملي نغمن جو ڪوڙو قومي رومانس ـ ڇا ڇا نه ڪيو ويو؟ پر پس و پيش ٿيو ڇا؟ اڄ ملڪ جي عوامي حالتن تي نظر ڊوڙائجي ته پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد جي رياست جي نظرياتي بنيادن جا بکيا اُڌڙي چڪا آهن. پاڪستان جو مها اسلامي رياستي تصور عوام ته ڇا هاڻي خود پنهنجي خالق ٽولي وٽ به قبوليت جوڳو نه رهيو آهي. ان ئي تصور جي ڪُک مان سِرجيل روين ۽ پاليسين جي نتيجي ۾ پاڪستان جي عالمي سڃاڻپ هڪ دهشتگرديءَ جي نرسري واري رياست طور ٿي چڪي آهي. پنجابي ـ پناهگير حڪمران ٽولا خود به ان تصور جا هاڻي ڌڻي ٿيڻ لاءِ تيار نه آهن. پاڪستان بابت مها اسلامي نظرياتي تصور رياستي سطح تي هاڻي يتيم ۽ لاوارث بڻيل آهي، سواءِ سياسي مولوين جي ڪوبه ان جو ڌڻي ٿيڻ لاءِ تيار نه آهي.

پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد جي نظرياتي بنيادن جو ٻيو بنياد قومن جي تاريخي وجود کان انڪار تي ٻڌل هو. قومون ڊگهي تاريخ لقاءَ جي نتيجي ۾ نهنديون آهن ۽ انهن جي وجود ۽ شناخت کي خود فريب ۽ بدنيت پروپيگنڊا، رياستي ڏاڍ ۽ ٺڳيءَ جي سان نه ته ائين سولائيءَ سان ختم ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ئي پاڪستان ۾ اهو ممڪن هو. پاڪستان هڪ گهڻ قومي رياست هئي ۽ آهي، پر ملڪ جي سموري تاريخ ۾ چوويهه ڪلاڪ ان جي نفي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر اڄ سر زمين تي حقيقتون ڪئين ۽ ڇا آهن؟ ساڄي ڌُر جون مذهبي پارٽيون جيڪي ڪالهه پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد جون نظرياتي ساٿاري هيون، اڄ اهي به قومن جو وجود مڃڻ لاءِ مجبور آهن. اڄ ملڪ ۾ قومن

جي تاريخي وجود کان انڪار جي نظرياتي لاڳاپي هر سطح تي بدترين شڪست کائي چڪي آهي. ويندي ان تصور ۽ رويي جا خالق ٽولا به پنهنجي ان تصور تان عملي طور هٿ کڻڻ تي مجبور آهن.

1940ع جي جنهن ٺهراءُ جي بنياد تي هي ملڪ ٺهيو، ان کان، ملڪ جي قيام کان پوءِ ائين مُنهن موڙيو ويو جو پوءِ ان جي رڳو ڳالهه ڪرڻ به هن ۾ غداري جي مترادف هئي. الميو اهو هو جو جيڪي ملڪ جا حقيقي غدار هئا انهن حقيقي وارثن ۽ صحيح ڳالهه ڪندڙن کي غدار پئي ڪوٺيو. اڄ پاڪستان ۾ هر ڪوئي اها حقيقت مڃڻ لاءِ مجبور آهي ته ملڪ جو نظرياتي بنياد 1940ع جو ٺهراءُ هو، جنهن جي اصل حيثيت قومن/ صوبن وچ ۾ هڪ معاهدي جي هئي. نه رڳو اهو پر هر ڌُر مڃڻ لاءِ به مجبور آهي ته ملڪ کي بچائڻ يا وڏيڪ هلائڻ جو واحد طريقو رياست جي جوڙجڪ 1940ع جي ٺهراءُ موجب نئين سر ڪرڻ ۾ آهي. ان لحاظ کان ان ٽولي جي اها شڪست رڳو نظرياتي نه پر سياسي به آهي، ڇاڪاڻ ته ڪالهه حق جي ڳالهه ڪرڻ واري ڌُر ڪمزور، ڪنڌائتي ۽ هيسيل هئي، اڄ تاريخ جو وارو ڦريو آهي ۽ شيون پنهنجي منطقي انجام ڏانهن وڌي رهيون آهن ته اخلاقي ۽ سياسي طور طاقت جو توازن تبدل ٿي ويو آهي. ٻنهي نظرياتي ۽ سياسي ڌارائن جو ليکو ڪجي ته اڄ سڀني ملڪ جا اڪثريتي دانشور، سياسي پارٽيون، ميڊيا ۽ سول سوسائٽي پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد جي نظرياتي لاڳاپي بجاءِ ٻي ڌارا جي پاسي آهن. اڄ ملڪ ۾ اها خودفريب ۽ بدنيت نظرياتي لاڳاپي اڪيلي، ڪنڌائتي ۽ ويچاري بڻيل آهي.

پاڪستان جي قيام کانپوءِ ملڪ تي قابض ٽولي نه رڳو ملڪ جا نظرياتي ۽ سياسي بنياد ٺڳيءَ، تعصب ۽ ڦُرلٽ وارا رکيا پر ان جا ثقافتي بنياد به اهڙا ئي هئا. مثال طور هڪڙيءَ اوپري، ڌاري ۽ هڪ معمولي ٽورائيءَ جي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي پاڪستان جي قومي ثقافت طور زوريءَ مڙهيو ويو، اردوءَ کي قومي زبان ۽ ان جي گنگا جمني ثقافت کي ملڪ جي قومي ثقافت قرار ڏنو ويو. بنگالين، سنڌين، بلوچن، سرائيڪين ۽ پشتونن ان جي سخت مخالفت ڪئي پر انهنکي غداريءَ جا لقب ڏنا ويا، سرڪاري ميڊيا ۽ سمورا رياستي ادارا چوويهه ڪلاڪ ان نام نهاد قومي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي ملڪ تي زوريءَ مڙهڻ جي پروپيگنڊا لاءِ سيڙايا ويا. ڪروڙين ته ڇا اربين روپيه ان تي خرچ ڪيا ويا ۽ ٻين ٻولين خاص طور بنگالي ۽ سنڌي ٻولين، جيڪي اردوءَ کان سوين دفعا وڌيڪ امير ۽ مڪمل ٻوليون هيون، تن کي علمي، ادبي، سماجي ۽ ثقافتي طور نيست و نابود ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي، پر اڄ اوڻهٺ سالن کانپوءِ ان جو ليکو ڪجي ته نتيجا ڇا آهن؟ هن سڄي ويڙهه ۾ پس و پيش شڪست ڪنهن کاڌي؟ هيترن وسيلن استعمال ڪرڻ ۽ هيترو ڏاڍ ڪرڻ کانپوءِ به اڄ نيٺ نتيجا ڇا آهن؟ بنگال جي الڳ ٿيڻ جو پهريون بنياد اهو سوال هو ۽ نيٺ اهو الڳ ٿيو يا زوريءَ ڪيو ويو. سنڌيءَ ٻولي سمورين ڏکيائين، رياستي تعصب ۽ چئلينجن باوجود ملڪ جي اڄ به سڀني کان اڳتي وڌيل ٻولي آهي، سنڌي ٻوليءَ جي ميڊيا ملڪ جي نهايت اثرائتي ميڊيا آهي، سرڪاري ادبي ادارا ڪٺي تباهه ڪيا ويا هجن پر اڄ به سنڌي ٻوليءَ ۾ سوين ڪتاب شايع ٿين ٿا ۽ مجموعي طور ٽيڪنالاجيءَ جي حد تائين به سنڌي ٻولي بي پناهه ترقي ڪئي آهي. ٻين قومن منجهه پنهنجي ٻولين ۽ ثقافتن جي ترقيءَ جو تصور اڳ کان وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي، ويتر پنجاب جيڪو اردوءَ جي ثقافتي برتريءَ جو

وڏو ٿنيو هو، اتي بہ هاڻي پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافت سان محبت جو رويو جاڳي رهيو آهي. هاڻي پاڪستان ۾ اردو ٻوليءَ ۽ ثقافت جي هڪ هٽيءَ ۽ تسلط جا بنياد لُڏي تہ چا عملي طور پورا ٿي چڪا آهن. ان حوالي سان بہ رياست نظرياتي ۽ سياسي طور شڪست کائي چڪي آهي.

هڪ طرف رياست تي قابض پنجابي پناهگير مستقل مفاد جي نظرياتي سياسي ۽ ثقافتي ميدانن تي شڪست جي اها صورتحال آهي تہ ٻئي طرف ملڪ ۾ مجموعي طور انهن ڳالهين ۽ اصولن تي هڪ اڪثريتي اتفاق واري صورتحال صاف نظر اچي ٿي. جيڪي ملڪ جي مظلوم قومن توڙي سموري ملڪ جي عوام کي Suit ڪن ٿيون تہ ساڳي وقت رياست جي حوالي سان يا تہ بنيادي تبديليءَ جا بنياد وجهنديون يا مورڳو رياست پنهنجي حتمي منطقي انجام ڏانهن تيزيءَ سان ويندي. پاڪستان ۾ اهڙي صورتحال اڳ ڪڏهن بہ نہ هئي. ايوب، يحيٰ ۽ ضياءَ جي دورن ۾ بہ ائين نہ هو. مشرف جي دور ۾ رياست عوام سان ۽ خاص طور سنڌين ۽ بلوچن سان جئين Behave ڪيو آهي، ان نہ رڳو تبديليءَ جي محرڪن کي وڌيڪ متحرڪ ڪيو آهي پر ساڳي وقت تبديلين جي رفتار کي بہ تيز ڪري ڇڏيو آهي. اچو تہ ان جو جائزو وٺون تہ اهي ڪهڙا اصول ۽ نقطا آهن جن تي ملڪ جي سياست، دانشورن ۽ سول سوسائٽيءَ ۾ مجموعي طور ٿلهي ليکي اتفاق پيدا ٿي رهيو آهي، ۽ هڪ حد تائين اهو پيدا ٿي بہ چڪو آهي، جيڪو رياست جي موجوده جوڙجڪ ۽ مفادن توڙي طاقت جي توازن جي اسٽيٽسڪو جون پاڙون پٽي سگهي ٿو.

## (1)فوج جو سياسي ڪردار هميشه لاءِ ختم ڪرڻ:

پنجابي پناهگير مستقل مفاد جي طاقت ۽ تسلسل جي منظم شڪل فوجي ۽ سول بيوروڪريسي آهي. پاڪستان جي قيام وقت سول بيوروڪريسي وڌيڪ طاقتور هئي، پر آهستي آهستي فوج ملڪ جي اڇي ڪاري جي مالڪ ٿي وئي. هونئن تہ ملڪ جي معشيت، ڪاروبار، صنعت، سياست، پارليامينٽ، نام نهاد جمهوريت، سفارتڪاري، گهرو ۽ پرڏيهي پاليسي ۽ ملڪي انتظام ڪاريءَ مطلب تہ هر شيءِ جون سموريون واڳون عملي طور سدي توڙي اڻ سڌي ريت فوج وٽ رهيون آهن ۽ بدستور آهن پر جيڪڏهن ايوب خان، يحيٰ خان، ضياءُالحق ۽ مشرف جا حڪومتي آمريتي دور ڳڻيا وڃن تہ بہ ملڪي تاريخ جو وڏو تہ فوج جو ملڪ تي سڌو راڄ رهيو آهي. پاڪستان ۾ عملي طور بہ ملڪ آهن، هڪ عوام جو ملڪ جنهن ۾ بُک، بدحالي، بيماريون، گندگي، بدانتظامي، ڏوهہ، لاقانونيت، خودڪشيون، دهشتگرديون، مطلب تہ هر بيچڙائي پنهنجي عروج تي آهي. ٻئي پاسي فوج جو ملڪ آهي جتي بي حساب طاقت، اختيار ۽ مراعتن جي ٻيو ڪجهہ نظر نہ ايندو. هاڻي تہ ماڻهو واضح طور چون ٿا تہ هن ملڪ جي فوج ملڪ لاءِ نہ آهي پر هي ملڪ سندن لاءِ آهي. ڪيترن ڏهاڪن تائين مٿي ذڪر ڪيل رياستي نظرياتي فريم ورڪ ۽ فوج کي جڻ تہ عملي طرح مقدس ڳئون جي حيثيت ڏني وئي، چو تہ ان نام نهاد تقدس ڪانسواءِ پنجاب جو ملڪ جي ڦرلٽ جو اهو طلسمي جار جڙي نہ سگهي ها. پنجاب ان رويي جو وڏو مهندار هو، جو فوج جو تعلق بہ گهڻي ڀاڱي پنجاب سان آهي ۽ ان جي حاڪميت ۽ مراعتن جو فائدو بہ سڌيءَ توڙي اڻ سڌيءَ ريت پنجاب کي ٿي مليو. پناهگير حڪمران طبقو ان ۾

ساڻس جوڙيوال ۽ ٻڻ هو ۽ ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ سنڌن اهو Nexus اڄ تائين هلندو اچي. پر مجموعي طور هاڻي حالتون نہ رڳو گهڻيون بدلجي چڪيون آهن پر گهڻي حد تائين مخالف رُخ ۾ وڃي رهيون آهن، ننڍا صوبا ۽ مظلوم قومون تہ شروع کان اهو چوندا ۽ اها جنگ وڙهندا اچن پر هاڻي تہ نواز شريف جي جلاوطنيءَ ڪانپوءِ پنجاب جو عوام، جمهوريت پسند ڌريون، دانشور توڙي سول سوسائٽي بہ ان ڳالهہ تي سڀ متفق آهن تہ فوج جو ڪوبہ سڌو توڙي اڻ سڌو سياسي ۽ ڪاروباري ڪردار نہ هئڻ گهرجي. جنرل مشرف جي دور ۾ اهو رويو پنهنجي بلوغت کي رسيو آهي. اڄ ڄڻ تہ هڪڙي پاسي فوج ۽ فوج جي قبضي هيٺ آيل رياست آهي تہ ٻئي پاسي عوام آهي. ويندي اسٽيٽسڪو جي ترجمان ٻن وڏين سياسي پارٽين يعني پ پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) جي جوڙيل ميثاق جمهوريت ۾ بہ ان بابت واضح موقف اختيار ڪيو ويو آهي. (اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اهو صاف نظر اچي پيو تہ هڪ ڌُر يعني پ پ پ مشرف سان ڪا ڊيل ڪري اقتدار ۾ اچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهي آهي) ٻيو تہ ٿيو پر ملڪ جون مذهبي جماعتون، جيڪي عملي طور سدائين اسٽيبلشمينٽ سان گڏ ۽ سندن نظرياتي توڙي اسٽريٽجڪ هٿيار رهيون آهن، اڄ اهي بہ فوج جي سياسي ڪردار بابت پاپولر مؤقف اختيار ڪرڻ تي مجبور آهن. ويندي مسلم ليگ (ق) جهڙي ڊمي ۽ سرڪاري پارٽي بہ ان مؤقف جي مخالف ڌارا ۾ بيهڻ جو سَٽُ ساري نہ ٿي سگهي.

گهرائيءَ سان ڏٺو وڃي تہ جنهن رفتار ۽ انداز سان اها راءِ پُختي ٿي رهي آهي. ان جا نتيجا ڇا نڪرندا؟ يعني اڳي پوءِ اسٽيبلشمينٽ وٽ بہ رستا بچن ٿا. يا تہ اها واقعي هن سڄي زوريءَ قبضي ڪيل وهنوار مان هٿ ڪڍي وڃي يا پنهنجي موجوده ڪردار جي تسلسل تي بضد هجي. ٻهرين ڳالهہ جا فوري امڪان گهٽ ٿا نظر اچن پر جي پوئين ڳالهہ ٿي اڳتي وڌي تہ پوءِ عوام ۽ رياست جو تضاد وڌي وڌي جتي وڃي رسندو، ان کي سنڀالڻ جي هن ملڪ جي ڪنهن بہ شعبي ۾ سگهہ آهي؟ ڇا دنيا جي ڪابہ رياست ڊگهو عرصو پنهنجي عوام آڏو ائين سينو تاڻي بيهي سگهي ٿي؟ ڪا رياست اڄ تائين تاريخ ۾ ائين بيهي سگهي آهي؟ ان ڪري ان صورتحال ۽ تضاد ۾ پس و پيش عوام کي شڪست ڏيڻ ڪنهن بہ طور ممڪن نہ آهي ۽ اها ڳالهہ سياسي حوالي سان وڏو اُتساهہ پيدي ڪري ٿي.

## (2)محدود مرڪز ۽ مڪمل صوبائي مختياري:

ورهاڱي ڪانپوءِ پنجابي ـ پناهگير مستقل مفادن جي محافظ رياستي نظريي ۽ ڍانچي جو هڪ وڏو بنياد مضبوط مرڪز ۽ ڪمزور صوبن جي فارمولا هو. انهن قوتن ڄاتو ٿئي تہ سندن ڦورو مفاد مضبوط مرڪز، صوبن جي ڪمزور ۽ محتاج حيثيت ڪانسواءِ پورا ٿي نہ سگهندا. ان ڪري ٻهرين ڏينهن کان وٺي جتي مها اسلامي ۽ مها پاڪستاني رياست جو تصور ڏنو ويو. اُتي مضبوط مرڪز ۽ ڪمزور ۽ محتاج صوبن جي صورتحال کي عملي طور مينيج ڪيو ويو. هر حڪمران طبقو پنهنجن ڦورو مفادن جي بچاءُ لاءِ هٿ ٺوڪيا نظريا گهڙيندو آهي. هتي بہ بلڪل ائين ڪيو ويو. سندن ان نظريي موجب مضبوط پاڪستان جو مطلب مضبوط مرڪز هو، جيڪو بنيادي طور هڪ ٺڳيءَ تي مبني هو. پر اهو ساڳي وقت 1940ع جي ٺهراءُ جي روح جي پڙ نفي هو، جنهن ۾ صوبن کي مڪمل خود مختيار رياستن جي درجي ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو هو.. مرڪز دراصل ٻيو ڪجهہ بہ نہ پر پنجابي پناهگير

مستقل مفاد جي رياستي شڪل جو نالو هو، انڪري مضبوط مرڪز جو عملي طرح مطلب ئي اهو ئي هو تہ صوبن جا وسيلا ۽ خودمختياري ڦُري ان ٽولي جي جهولي ۾ اُڇلايا وڃن ۽ مضبوط مرڪز جي نالي ۾ اڄ تائين اهوئي ٿيندو بہ رهيو آهي. هاڻي تہ ملڪ جون معروضي حالتون گهڻي حد تائين بدلجي ويون آهن ويندي ضياءالحق جي دؤر تائين صوبائي خودمختياريءَ جي ڳالهہ ملڪ دشمنيءَ سان تعبير ڪئي ويندي هئي. ملڪ سان وفاداريءَ جو مطلب هو مضبوط مرڪز. 1973ع جي آئين ۾ واعدو ڪيو ويو هو تہ ڏهن سالن اندر ڪنڪرنٽ لسٽ ختم ڪئي ويندي ۽ اُهي سمورا کاتا صوبن جي حوالي ڪيا ويندا پر اڄ تائين اها لسٽ موجود آهي. هن حمام ۾ رڳو اسٽيبلشمينٽ ئي نہ پر سڀ ننگا آهن. اسٽيٽسڪو جي ترجمان وڏين پارٽين ۽ خاص طور تي پ پ پ جو ڪردار بہ اسٽيبلشمينٽ جي اسٽريٽجڪ پارٽنر وارو رهيو آهي. مثال طور ايم آر ڊيءَ ۾ اهو طئي ڪيو ويو هو تہ مرڪز وٽ رڳو چار کاتا هوندا ۽ ٻيا سمورا کاتا صوبن جي حوالي ڪيا ويندا پر ان ڪانپوءِ پ پ پ ٻہ ڀيرا اقتدار ۾ آئي پر مورڳو اهو سوال ئي گم ڪيو ويو. نواز شريف جڏهن پ پ پ جي حڪومتي دؤر ۾ پنجاب جو وڏو وزير هو تہ هن صوبائي خودمختياريءَ جي ڳالهہ ڪئي پر ان جا محرڪ بہ انصاف پسنديءَ جي بجاءِ پنجابي شائونزم وارا هئا. نواز شريف جي سوچڻ ۽ روين ۾ تبديلي سندس جلاوطنيءَ ڪانپوءِ آئي آهي، نہ تہ هو پنهنجي ٻئي دفعي جي مرڪزي حڪومت جي آخري ڏينهن تائين بہ بنيادي طور پنجابي شائونسٽ هو. هاڻي جڏهن ڪيس اسٽيبلشمينٽ جا هٿ لڳا تہ ڪيس رياست جي حقيقي ڪردار جي جزوي پروڙ پئي آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو رويو ساڻس انفرادي يا خانداني سطح تي رهيو پر ملڪ جي مظلوم قومن سان تہ ان ڪان هزار ڀيرا وڌيڪ معتصب ۽ ڦورو رويو ڇهن ڏهاڪن ڪان هلندو اچي.

بهرحال مجموعي طرح اڄ مضبوط مرڪز يا مڪمل صوبائي خودمختياريءَ جي ٻہ واٽي تي بہ مضبوط مرڪز جي نالي ۾ ڇهن ڏهاڪن ڪان ڦرلٽ ڪندڙ لابي ۽ مفاد اڪيلو ۽ ڪنڊائتو آهي. بظاهر ڪٽي اهو اڄ بہ مضبوط ۽ ملڪ جو مالڪ نظر ايندو هجي پر سندن پيرن هيٺيان زمين نڪري چڪي آهي. ڇاڪاڻ تہ ملڪ ۾ ڪوبہ سندن موقف ۽ مفاد جي پاسي بيهڻ لاءِ تيار نہ آهي. جيڪي موقعي پرست ڏُريون سدائين ان ۾ ساڻس گڏ رهيون آهن. اڄ اُهي بہ صوبائي خودمختياريءَ جو ناٽڪ ڪرڻ تي مجبور آهن، ڇاڪاڻ تہ ملڪ جون تاريخي معروضي حالتون ٻئي نهج تي بيٺل آهن. اُن ڪري حالتن ڪي ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ مضبوط مرڪز جي نالي ۾ صوبن جا وسيلا ۽ اختيار رکڻ جي نڀي گهڻو وقت ساڳيءَ شڪل ۾ نہ هلي سگهندا.

## 3. ملڪ ۾ حقيقي جمهوريت جي بحالي:

جنهن ملڪ ۾ وفاق نالي ماتر هجي ۽ پارليامينٽ کان ويندي چوندن ۽ سياست تي اندر ئي اندر فوج ۽ ايجنسين جو ڪنٽرول هجي ۽ نام نهاد جمهوري پارٽيون اندر ئي اندر سندن ڳيجهو هجن، اُتي جمهوريت ڪئين ۽ ڪيتري حد تائين اچي سگهندي، ان جو بدترين مثال پاڪستان آهي. ملڪ جي سموري تاريخ ۾ گهڻو وقت سڌي ۽ اُگهاڙي فوجي آمريت رهي آهي ۽ باقي سڄو وقت جمهوريت جو ناٽڪ، جنهن لڪ ۾ اختيار حقيقي معنيٰ ۾ عوام ڪي منتقل ئي نہ ڪيا ويا هجن ۽ ملڪ تي قابض ٽولو خود عالمي سامراج جو غلام ۽ ڳيجهو هجي، اُتي جمهوريت هڪ پُر فريب نعري ڪانسواءِ عملي

طور ڇا هوندي؟ پاڪستان جي سموري پارلياماني تاريخ هڪ ڊونگ ۽ عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ واري ناٽڪ کانسوءِ ڪجهه بہ نہ آهي. هر آمر هن ملڪ ۾ جمهوريت جو پنهنجو ماڊل متعارف ڪرايو، جيڪو عوام سان هڪ توهين آميز پوڳ کانسوءِ ٻيو ڪجهه بہ نہ هو. نام نهاد جمهوري حڪومتن ۾ بہ چونڊون ڪئين ٿينديون آهن؟ ووٽ ڪئين پوندا آهن؟ ماڻهو ڪئين چونڊيا آهن ۽ حڪومتون ڪئين ٺهنديون آهن؟ اهو هاڻي هڪ کليل راز آهي. دراصل حقيقي عوامي جمهوريت ۽ هن ملڪ تي قابض پنجابي – پناهگير مستقل مفاد جي ناجائز مفادن جي وچ ۾ هڪ بنيادي تضاد آهي. ملڪ جي اڇي ڪاري جي مالڪ ٽولي جي ترجيح حقيقي جمهوريت ٿي نہ ٿي سگهي. ان ڪري هنن هڪ طرف ايجنسين ۽ اسٽيبلشمينٽ معرفت سياسي عمل کي حتي الامڪان ڪرپٽ، ٻُچڙو، عوام کان ڪٽيل ۽ ناٽڪي پئي رکيو آهي تہ ٻئي طرف ان ملڪ جي سماجي حالتن کي اهڙيءَ طرح پئي مينيج ڪيو آهي تہ جئين جاگيرداري، قبائليت ۽ وڏيرڪي مُڏي خارج طبقن جي عوام مٿان سماجي ۽ سياسي حڪمرانيءَ جو اسٽيٽسڪو هر صورت ۾ قائم رهي. هن ملڪ ۾ ملٽري ۽ سول بيوروڪريسيءَ، جاگيردارن، جاگيرداريت ۽ ڪرپشن جي ڪُک مان سرجيل سرمائيدارن ۽ ڊالري مُلن کي حقيقي جمهوريت ڪڏهن بہ Suit نہ ڪندي، ان ڪري انهن وچ ۾ هڪ اڻ اعلانيہ اتحاد آهي تہ ملڪ ۾ جمهوريت کي پير کوڙڻ ڪنهن بہ قيمت تي نہ ڏبا ۽ پاڪستان جي سموري تاريخ ۾ اهوئي سندن ڪردار رهيو آهي. جمهوريت هن ملڪ ۾ هڪ پُر فريب نعري ۽ دوکي کانسواءِ ٻيو ڪجهه بہ نہ رهي آهي. اڳي ڪجهه ٿڪو پئسو لحاظ ڪيو ويندو هو پر مشرف دؤر ۾ تہ اُهي رسمي حجاب بہ ختم ڪيا ويا. ملڪ ۾ ڪوڙا سياستدان ناهڻ واري فيڪٽريءَ مان رڳو سياستدان ئي نہ پر مسلم ليگ (ق) جي نالي ۾ هڪ سڄي ساري سياسي پارٽي رات وچ ۾ ناهي وئي ۽ چوندن جو ڊونگ ڪري پنهنجي من پسند پارليامينٽ چونڊائي وئي ۽ "گهربل ڪارڪردگي" نہ ڏيکارڻ تي تي پيرا هائوس مان وزيراعظم تبديل ڪيا ويا. جيتوڻيڪ اها ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي 1985ع ۾ بہ غير جماعتي بنيادن تي چونڊون ڪرائي پارليامينٽ اندر سرڪاري پارٽي ملسم ليگ جي نالي ۾ ناهي وئي هئي پر هن ڀيري اهو سڀ ڪجهہ وڏي ڪمال اعتماد سان ۽ کليل نموني ڪيو ويو. بظاهر اها اسٽبلشمينٽ جي سگهہ هئي پر دراصل اها سندن ڪمزوري ۽ زوال جي نشاني آهي. جڏهن ماڻهو طاقت جي انڌ جي گهوڙي تي سوار ٿي سڀ حواس وڃائي ويهي تہ سمجهڻ گهرجي تہ اهو سندس سگهہ نہ پر ڪمزوري ۽ زوال جو اشارو آهي. هر شيءِ جي هڪڙي حد ٿئي ٿي، ان ڪانپوءِ فطرت پنهنجو جوهر ڏيکاريندي آهي ۽ شين جا اندروني تضاد نتيجن کي ڇيهہ تائين وٺي ايندا آهن. پاڪستان ۾ جمهوريت جي ڊونگ سان بہ اها ڳالهہ لاڳو آهي. اڄ ملڪ جو ٻچو ٻچو اِهو سمجهي ٿو تہ جمهوريت جو ناٽڪ پاڪستانڻ ۾ آمريت جي سِڪي جو ٻيو پاسو آهي. اسٽيبلشمينٽ، نام نهاد وڏيون جمهوري پارٽيون، مجبورين ۽ نڏڪائيءَ جي ديوار سان لڳايل عوام، ايجنسيون، وڏيرا، ڌوهاري، دهشتگرد، ڪرپشن مان ڪمايل بي انداز پئسو، سرڪاري يا سرڪاري اشتهارن تي هلندڙ ميڊيا، پوليس ۽ اليڪشن ڪميشن – اهي سڀ جمهوريت جي هن ناٽڪ جا ڪردار آهن. هر ڪنهن جو مخصوص ڪردار آهي. ماڻهو هاڻي هن فراڊ کان بيزاريءَ جي ان نهج تي پهتل آهن جو سندن سهپ جواب ڏيو بيٺي آهي. مان گذريل ڪجهہ سالن کان پاڪستان

جو هنڌ هنڌ تفصيل سان ۽ بار بار گهميو آهيان. مون هر هنڌ اهو شدت سان محسوس ڪيو آهي ته اهو ناٽڪ هاڻي ماڻهو وڌيڪ ڪنهن به صورت ۾ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. اڳ پنجاب ۾ اها صورتحال نه هوندي هئي پر هاڻي ته پنجاب ۾ به اها صورتحال آهي. ماڻهن جون زبانون ڇڻ ته زهر ۾ ٻُڏل آهن. ماڻهو ڳالهائين ٿا ته سندن وات مان لفظ نه ٻاهر نڪري ٿي. هڪ پاسي عوام جي اها صورتحال آهي ته ٻئي پاسي جمهوريت جون دشمن قوتون به پنهنجي ان ڊرامي کي اجان وڌيڪ طويل ڪم ڪرڻ تي بضد آهن. نتيجي ۾ نظر ائين پيو اچي ته وري به عوام ۽ اسٽيبلشمينٽ جو تضاد تيز ٿيندو ۽ پس و پيش ان نهج کي رسندو جتي يا ته طاقت جا توازن تبديل ٿيندا آهن يا حقيقتون وڌيڪ پيچيده ٿي وينديون آهن ۽ عبوري دؤر لاءِ نراجيت (انارڪي) جو جِنُ حالتن جي بوتل مان نڪري ايندو آهي. حالتن جي رُخ مان نظر اهو پيو اچي ته ڏينهون ڏينهن حالتون وڌيڪ پيچيده ٿينديون ۽ اهو تضاد تيز ٿيندو. بظاهر ڪٿي ان حوالي سان صورتحال گهٽي پُراُميد نه هجي پر هڪ ڳالهه واضح آهي ته جڏهن عوام جي قطعي گهڻائي ڪنهن رياستي يا اجتماعي دوڪي ۽ دولاب کي سمجهي چڪي هجي، جڏهن ان ناٽڪ جي ڪردارن جي چهرن تان گمراهه ڪندڙ نقاب لهي چڪا هجن ۽ جڏهن ماڻهو تبديلي رڳو چاهيندا نه هجن پر ان لاءِ ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيارهجن ته پوءِ سمجهڻ گهرجي ته ايڏن وڏن سگهارن عوامي محرڪن آڏو ننڍڙي ۽ بظاهر ڦورو ٿورائي وڌيڪ جٽاءُ ڪرڻ لاءِ پير جهلي نه ٿي سگهي.

## اسٽيبلشمينٽ بند ڳليءَ ۾ ڦاسي چڪي آهي:

حقيقت ۾ ڏنو وڃي ته پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد جنهن جي منظم نمائندگي اسٽيبلشمينٽ ڪري ٿي، مشرف دؤر جي هن ڏاکي تي وڏي دُٻڻ ۾ ڦاسي پئي آهي. هن ڌر پاڻ کي توڙي رياست جي ڪردار کي بلڪل واضح ۽ اصلي روپ ۾ نروار ڪري ڇڏيو آهي. دنيا ۾ ڪو چوي ٿو هي ملڪ هڪ ناڪام رياست آهي، ڪو چوي ٿو ته هي دهشتگردن کي پناهه ڏيندڙ ۽ پاليندڙ ملڪ آهي، ڪو چوي ٿو پاڪستان ڪو آزاد ملڪ ئي ناهي پر اها نئين دور جي سامراجي بينڪيت آهي، جنهن کي عالمي سامراجي قوتون اسٽريٽجڪ حوالي سان رڳو پنهنجي ناجائز مفادن لاءِ استعمال ڪن ٿيون. مظلوم قومون پاڻ کي مڪمل طور پنجاب جو غلام سمجهن ٿيون. سڄي ملڪ جا دانشور چون ٿا ته رياست ۽ عوام جو تضاد خطرناڪ حد تائين وڌي ويو آهي. سڄو ملڪ هڪ طرف آهي ته فوج جو ڪو سياسي ڪردار نه هئڻ گهرجي. سڄي دنيا چوي ۽ سمجهي ٿي ته پاڪستان جي رياست جو جمهوريت سان ڪو پري جو به تعلق نه آهي. جمهوريت هن ملڪ ۾ هڪ فريب، دوکو ۽ ناٽڪ آهي، رڳو ان جي اسٽيج تان ڪردار تبديل ٿين ٿا. ان ڪري اهو ناٽڪ پنهنجن ڊائريڪٽرن توڙي اداڪارن/ اداڪارائن سميت وائکو ٿي خوار خراب ٿي چڪو آهي. اڄ ملڪ ۾ پارليامينٽ ۽ حڪومت جي ڊمي هئڻ ۾ ڪنهن ٻار کي به شڪ نه آهي. وفاق جو وجود ته اڳ به نه هو پر ان جو ٽڪو پئسو رهيل ڀرم به مشرف دؤر جي پاليسين ۾ روين پورو ڪري ڇڏيو آهي. جمهوريت جو ناٽڪ پنهنجا آخري سين پيش ڪري رهيو آهي. ننڍن صوبن جا پنجاب سان تضاد وڏي وڻ ٿي چڪا آهن. ننڍيا صوبا ۽ مظلوم قومون جدوجهد جي مخالفت

واري ڏاڪي کان ٽپي مزاحمت جي دائري ۾ هليون ويون آهن. ملڪي معشيت جي مضبوطيءَ جي دعوائن جي ساک جو اهو حال آهي جو ماڻهو روز خودڪشيون پيا ڪن، ملڪ ۾ قانون جي حڪمرانيءَ جو تصور به ڪونهي. خاص طور سنڌ ۾ دهشتگردن کي ملندڙ رياستي مدد هر ڪنهن جي اک ۾ ڪنڊي جيان چڀي رهي آهي. ملڪ جي خودمختياريءَ جا بکيا اُڌڙي چڪا آهن ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته اها ڳالهه ڪا لڪل نه آهي ته رياست جو عوام سان رويو ڇا ۽ ڪهڙو آهي؟ نواب اڪبر بگٽيءَ جي قتل ان کي بي نقاب ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي آهي ته جيڪو حڪمران ٽولو 11 ـــ 9 کان پوءِ هڪ فون ڪال تي پنهنجي ئي ناهيل پاليل ۽ تاتيل طالبان کي ڪُچلڻ ۾ ڪا ڪسر نٿو ڇڏي، اهو پنهنجي عوام ۽ خاص طور مظلوم قومن جي قومي تحريڪن مٿان ڪئين دشمن ملڪ وانگر فوجي حملا ڪري سندن قتلِ عام ڪري ٿو. مجموعي طور ڏسجي ته پنجابي ـ پناهگير مستقل مفاد جو نمائينده حڪمران ٽولو ايتري گهڻ طرفي بحران ۾ ڪڏهن به ائين نه ڦاٿو هو. اوڀر پاڪستان جي علحدگيءَ کان پوءِ به اهو وڏي بحران ۾ ڦاٿو هو پر تڏهن پنجاب سمورو سندن پاسي هو ۽ بحران ايترو گهڻ طرفو نه هو. هن دفعي اهو بنهه اڪيلو آهي. ڪيس پنهنجي گهر پنجاب مان به اڄ ڪڄيل آڱرين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ۽ ٻيو ته تڏهن ملڪ جون قومي ۽ جمهوري تحريڪون ان ڏاڪي تي نه هيون. جتي اُهي اڄ آهن. نه وري عوام سياسي بلوغت جي هن ڏاڪي تي هو. هن دفعي اهو ٽولو سخت بحران جي سوڙهي ۽ بند گهٽيءَ ۾ ڦاسي چڪو آهي. وٽس بحران مان نڪرڻ لاءِ ڪوبه عزت ڀريو گس ڪونهي. عالمي رسوائي ۽ بدناميءَ، اڪيلائيءَ، اويساهيءَ، قومي سوال، ميثاقِ جمهوريت، عوام جي بيزاري ۽ نفرت جون ڪوڙڪيون سندس ڳچيءَ ۾ آهن ۽ اهو جيترو ٿو انهن مان ڪنڌ ڪڍائڻ جا جتن ڪري اوترو ان ۾ ڦاسندو وڃي.

## ٿيڻ ڇا گهرجي؟

ظاهر آهي ته هن سڄي صورتحال ۾ ماڻهو ڦري ڦري ان سوال تي ايندو ته پوءِ آخر ٿيڻ ڇا گهرجي؟ ڇاڪاڻ ته تاريخ ۾ اهڙا موڙ ۽ موقعا تمام گهٽ ايندا آهن، جڏهن حڪمران ۽ غاصب ٽولا پنهنجن ڏوهن، غلطين، خطرناڪ فيصلن، خود فريب خود اعتماديءَ ۽ ڪوتاهه نظريءَ سبب ساڳي وقت ايتري گهڻ طرفي بحران ۾ ڦاسي پون جو ڪين ان مان نڪرڻ لاءِ ڪو گس ئي نه سُجهي. جي اوڀر پاڪستان جي علحدگيءَ ڪانپوءِ ذوالفقار علي ڀُٽو هن شڪست خورده ۽ اخلاقي طور مئل ٽولي کي بحران مان نه ڪڍي ها ۽ ڪين مضبوط ڪرڻ بجاءِ عوام کي سگهارو ڪري ها ته اڄ حقيقتون گهڻيون مختلف هجن ها ۽ شايد پاڻ به ائين بي درديءَ ۽ نڌڪائيءَ ۾ ماريو نه وڃي ها پر ڪن غير معمولي غلطين يا غلط فيصلن جا ازالا ڪڏهن به ٿي نه سگهندا آهن. اڄ ساڳيو ٽولو 1971ع کان وڌيڪ وڏي دُٻڻ ۾ ڦاتل آهي. ان جو حتمي حل عوام، جمهوري ۽ قومي تحريڪن ۽ ان ٽولي وچ ۾ فيصلاڪن سياسي ويڙهه ئي ٿي سگهي ٿي. ساڳيو ئي مفاد ۽ ٽولو آهي جيڪو طاقت جي زور تي ملڪ جي خودمختياري به وڪڻي ٿو، جمهوريت جا چيڙائيندڙ ناٽڪ به ڊائريڪٽ ڪري ٿو، عوام جا سمورا وسيلا به ڦُري ٿو. ننڍين صوبن ۽ ان ۾ آباد تاريخي قومن کي غلام به بڻائي ٿو، جيڪو عوام جي حڪمرانيءَ جي حق تي راتاها هڻي ٿو، جيڪو نسلي، مذهبي ۽ فرقيواراڻي دهشتگرديءَ جي پرورش ڪري ٿو. ان کان حتمي

سياسي ويڙهه ۽ جدوجهد وسيلي عوام جا زوري کسيل اختيار، مالي وسيلا واپس ڪرڻ ڪانسواءِ هن جو گهڻ طرفو بحران وڌيڪ پيچيده ته ٿيندو پر حل نه ٿيندو. ان بحران جو اندازو ان ڦاٽل ٽولي کي نه آهي. انهيءَ ڪري اهو هڪ دفعو وري پنهنجي مفادن موجب ۽ پنهنجن شرطن تي هن سنگين ۽ گهڻ طرفي بحران مان نڪرڻ لاءِ گس ڳولي رهيو آهي. هن دفعي ڪنهن به ڏُر پوءِ چاهي اها پ پ ئي ڇو نه هجي، جيڪڏهن عوام، حقيقي جمهوريت جي تقاضائن، ملڪ جي قومي ۽ جمهوري جدوجهد جي حاصلات ۽ بنيادي تبديليءَ جي محرڪن کي پُٺي ڏئي، حڪمران ٽولي کي سياسي طور جياپي جو گس ڏنو ته اها ملڪي تاريخ جي وڏي ۾ وڏي غداري هوندي، جنهن کي عوام توڙي ملڪ جون معروضي حالتون معاف نه ڪري سگهنديون. هي وقت ليڪي ڪڍڻ جو آهي، هن ٽولي کي ايتري گهڻ طرفي گهيري ۾ آڻڻ لاءِ هزارين ماڻهن جدوجهدون ڪيون ۽ قربانيون ڏنيون آهن. هڪ دفعو وري ڪانئس سندن Terms تي مقاطعي تي ڪرسي وٺڻ، عوام توڙي ان سموري جدوجهد ۽ قربانين سان بدترين غداري هوندي. ڇاڪاڻ ته هي وقت ڦُرلٽ، دٻاءُ، غلاميءَ ۽ فسطائيت جي ديوار کي هڪ دفعو وري ٽيڪ ڏيڻ جو نه پر ڌڪو ڏئي ان کي ڪيرائڻ جو آهي.

## پورو ٿيو